Aya

شيخ اياز

ڪَپَرُ ٿو
ڪُنَ ڪري

ڪير ٿو ڪن ڪري

شيخ اياز

[illegible]

فهرست

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر اٺانوي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	مارچ ١٩٧٥ع - سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ.
ٻيو ايڊيشن	ڊسمبر ١٩٨٦ع
ٽائيٽل	فتاح هاليپوٽو

قيمت : 45/- رپيا
پڪي جلد سان 55/- رپيا

KAPAR THHO KUN KARAY (Poetry) by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition March 1975. Second Edition December 1986. Price Per Copy Rs. 45/-

(پهرين ايڊيشن جي)

پبلشر جا ٻه اکر

جيئن هر ڳالهه جو وقت ٿئي ٿو، تيئن هر شيءِ جو، هر ماڻهوءَ جو، ماڻهوءَ جي هر ڪم جو وقت ٿئي ٿو. اِئين ماڻهوءَ جي هر تخليقي شاهڪار جو به پنهنجو پنهنجو وقت ٿيندو آهي- وقت جنهن ۾ آهو اپجي ٿو ۽ وقت جنهن لاءِ آهو اپجي ٿو. پر ڪي ڳالهيون، ڪي شيون ۽ ماڻهن جا ڪي ڪم اِئين بنهه وقتائتي هئڻ سان گڏوگڏ ڪنهن ڏورانهين آئيندي لاءِ به هوندا آهن. شيخ اياز جي هيءَ شعري تخليق، "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، پڻ اِئين پنهنجي وقت جي تخليق آهي، ۽ ان جو پنهنجو هڪ دور، پنهنجو هڪ زمانو آهي، جنهن کي سمجهڻ پهريائين ضروري آهي، ته جيئن اُن جي سماجي ڪارج ۽ ادبي عظمت کي سمجهي سگهجي- ۽ اُن کان پوءِ ئي ايندڙ وقت لاءِ اُن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهبو.

شيخ اياز جي شعر جو هيءُ پنجون مجموعو آهي، جو ڇپجڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي. هن مجموعي ۾ آيل سندن سڄو شعر جيل جي اٺن مهينن جي وقت جي تخليق آهي، جڏهن پاڻ "ڊفينس آف پاڪستان رولس" جا قيدي هئا. هيءُ وقت پاڪستان ۾ ظالم ترين ۽ احمق ترين آمريت جي عملداريءَ جو وقت هو. هيءُ اُهو دور ۽ نفسانفسيءَ وارو زمانو هو، جنهن جو تفصيلي ذڪر نه ڪجي ته چڱو. عام سياسي افراتفريءَ ۽ مسلم بنگال ۾ رتوڇاڻ ساري ملڪ کي لوڏي ڇڏيو هو. اهڙو ماحول، اهڙي فضا- جيل جي چوديواريءَ اندر مئي ۱۹۷۱ع کان جنوري ۱۹۷۲ع جي اٺن مهينن ۾ "اياز" هيءُ شعر رچيو.

هڪ قدم آهي. اسان کي يقين آهي ته اسان جا مهربان اديب ۽ شاعر ۽ اسان جا ادب شناس ۽ ادب نواز دوست ۽ عام پڙهندڙ هن اسان جي ڪوشش جو قدر ڪندا.

ڪراچي — ع. ق. شيخ

١٠- فبروري، ١٩٧٥ع سيڪريٽري،

سنڌي ادبن جي ڪوآپريٽو

سوسائٽي، لميٽيڊ، حيدرآباد.

"اياز" جي ھن نئين شعري مجموعي کي پيش ڪندي، جتي اسان کي بيحد خوشي ۽ فخر ٿئي ٿو، اتي اُن جي اشاعت کي اُن جي شان مطابق پيش نه ڪري سگھڻ تي اسان کي گھڻو ڏک به ٿئي ٿو. نه اُن جو پنو سٺو آھي، نه اُن جي ڇپائي ايتري چڱي آھي، ۽ نه اُن جو ٻاھريون گيٽ اپ ۽ جلد ئي ايترو اوچو بڻائي سگھيا آھيون. تنھن ھوندي به ڇھه رپيا في ڪاپي اُن تي اسان جو خرچ اچي چڪو آھي. ڪتابن وڪڻڻ وارا چاليھه سيڪڙي ڪميشن کان گھٽ ڳالھه ڪانه ٿا ھڏن. ھڪ ھزار ڪاپيون ڇاپرايون اٿئون، ۽ ڏھه رپيا في ڪاپيءَ جي وڪري سان اسان کي نفعو پائي به پلئه پيو ڪونھي- رڳو مھانگو خرچ نڪري اچي، ته به گھڻو ڪجھه ٿيو.

نئين سنڌي ادب جي اشاعت لاءِ، ۽ ڪسمپرسيءَ جي دنيا ۾ رھندڙ سنڌي اديبن جي قدرشناسيءَ ۽ ھمت افزائيءَ لاءِ، املاڪ ۽ اختيار جا صاحب ڪجھه به ڪرڻ لاءِ تيار نه آھن. چون ٿا ته پاڪستان آزاد آھي ۽ عوامي جمھوري حڪومت اٿس. صوبي جي خيال کان سنڌ به چون ٿا ته خودمختيار آھي ۽ اُن جي حڪومت به اسان جي پنھنجي آھي. پر سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن لاءِ ڪجھه به ڪين ٿو ٿئي. اِن سلسلي ۾ گھڻو ڪجھه نيڪ گھرجي ۽ گھڻو ڪجھه ٿي سگھي ٿو. پر 'ڪيئن ۽ ڪڏھن' جو مسئلو آھي، جو ڪنھن کان حل ڪونه ٿو ٿئي، يعني ڪنھن کي توفيق ڪانه ٿي ٿئي، جو اِن پاسي ڪو پورو ڌيان ڏئي. بھرحال، محب وطن سنڌي اديب ۽ دانشور، ملڪ جي املاڪ ۽ اختيار جي صاحبن جي ھن مجرمانه غيرذميداريءَ ۽ بي قدريءَ جي پرواھ نه ڪندي، پنھنجن محدود وسيلن آھر، نه رڳو پنھنجي قلم جي پورھئي ۾ مصروف آھن، پر اُن پنھنجي نور نچوئيل پورھئي جي اشاعت به پاڻ ڪندا رھن ٿا. سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ طرفان، سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز جي ھن عظيم تخليق جي ھيءَ اشاعت به اِن سلسلي جو

شاعر جي نوٽبڪ تان

[سينٽرل جيل، سکر: مئي، ١٩٧١ع- جنوري، ١٩٧٢ع]

”ڪالهه * ’ڊفينس آف پاڪستان رولز‘ هيٺ ٻڌي آيا ۽ ڇهن مهينن لاءِ ’سي ڪلاس‘ ۾ نظربند رکيائون. مون کي گرفتاريءَ جي ته پڪ هئي، رڳو ڪجهه وقت آن جو انتظار ڪرايائون. ڪجهه ڏينهن اڳ سکر بار اوپر پاڪستان ۾ ڪيل فوجي ڪارروائيءَ جي حمايت ۾ ٺهراءُ بحال ڪرڻ لاءِ بار جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي. مان بار جو صدر هيس، پر مون ان ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ کان ناٻري واري. ٽئين ڏينهن تي ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي هفتوار ۾ هڪ خط شايع ٿيو ته مون فوج جي حمايت ۾ ڪوٺايل بار جي ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ ان ڪري مون تي جو ڪجهه ڪارروائي ڪئي وڃي. ساڳئي ڏينهن تي مرڪزي حڪومت جي-ايم-سيد کي پنهنجي گهر ۾ ڇهن مهينن لاءِ نظربند رکيو. مون سمجهيو ته هتڪڙيون اچڻ آيون.

”ڪالهه سيشن ڪورٽ کي پوليس چوڌاري گهيرو ڪيو ۽ جيئن ئي مان عدالت کان ٻاهر نڪتس، مون کي گرفتار ڪيائون. مان اجها ٿائين سمجهي نه سگهيو آهيان ته مون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ايتريءَ پوليس جي ڪهڙي ضرورت هئي! هي ڪانئر سچ کان ڪيڏو نه ڊڄن ٿا!

”گرفتاريءَ کان پوءِ ڊي-ايس-پي مون کي ساڳئي ڊپٽي ڪمشنر وٽ وٺي ايو، جنهن پوليءَ وارن نسان وقت

* ٥- مئي، ١٩٧١ع

ڪُبر تہ ڪَنِ ڪَري، جنِ ماڻي منجهہ مُهِي.

— شاھ

دانشور، تاريخ نويس، اديب ۽ آرنسٽ ماريا ويا هئا، ۽ ڪيئي پڇي وڃي آمريڪا نڪتا هئا. پولنڊ ۾ دانشور طبقي کي بلڪل ختم ڪيو ويو هو. جرمن يونيورسٽين ۾ نفسيات ۽ معاشيات جا شعبا بلڪل ختم ڪيا ويا هئا، ڇو ته انهن ۾ ذلل تعليم نازي فلسفي کي نٿي آئڙي. ثقافتي زندگيءَ ۾ جتي ڪٿي آمريت پنهنجي زوراوري ڏيکاري هئي. اٽليءَ ۾ جينوٽيڪ ڪروس (Croce) ۽ بيا فسطائيت جا مخالف دانشور گرفتار نه ڪيا ويا هئا، نڌمن به پتو ۽ ڏر جي ڪري، ان دؤر ۾ اٽليءَ ۾ ڪو به اهميت وارو ناول نه لکيو ويو هو ۽ نه وري ڪائي اهميت واري فلم ٺهي هئي يا موسيقيءَ يا ٻئي ڪنهن فن ۾ ڪائي عظيم تخليق ڪئي ويئي هئي.

”فسطائي آمريت شاعريءَ لاءِ زهر آهي. هن وقت تائين آمرن مون کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر مان هنن سان ڦٽ ڪائيندو رهيو آهيان. پر اڳتي شايد اها وٿي به نه ملي. ممڪن آهي ته زندگي به وٿي نه ڏئي ۽ مان جيل ۾ ئي مري وڃان يا ماريو وڃان. ان ڪري جيتري به زندگيءَ جي مهلت آهي، ۽ ان ۾ مون کي جو ڪجهه لکڻو آهي، لکي وٺان. ناظم حڪمت ترڪيءَ ۾ نو سال جيل ۾ رهيو هو، پر هو انهيءَ عرصي ۾ گهڻو ڪجهه لکي نه سگهيو هو- جيتوڻيڪ هن جو ڪجهه به لکيو، اهو اڄ انسان ذات جو امر ورثو آهي. مون کي گهڻو ڪجهه لکڻو آهي؛ سچ ته مون اڃا ڪجهه لکيو ئي ڪونه آهي!“

....

”اوير پاڪستان ۾ قتلام ٿي رهيو آهي، ريڊيو ۽ اخبارون چوون ٿيون. ڪلاڪ ڪوڙ بڪي رهيون آهن، ۽ اولهه پاڪستان ۾ اهڙا ڏهه جڻا به نه آهن، جي وڏي واڪ سچ چئي سگهن: ١٩٦٥ع واريءَ جنگ وقت به مان جيل ۾ هوس. آيو ويو

مون تي خوني حملو ڪرايو هو پر مان اتفاق سان بچي ويو هوس. هُن مون کي جيل ۾ ’سي ڪلاس‘ ڏنو. هو ڪنڌ جهڪائي آرڊر لکي رهيو هو ۽ منهنجين اکين ۾ آهي ڪاريهر ڏسي نه سگهيو، جن جي وهه تي منهنجي شاعري پلجي آهي. هو انهيءَ ڪاميڻيءَ وش-ڪنيا کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا، ڇو ته هو هاڻي ڀليءَ ڀت ڄاڻن ٿا ته ان جو وهه ڪنهن کي وهائڻ لاءِ آهي.

”ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس مان ٻاهر نڪري، ڊي-ايس-پيءَ مون کي صلاح ڏني ته مان گهران بسترو گهرائي وٺان. مون پنهنجيءَ ڪار جي ڊرائيور کي گهر موڪليو ته هو بسترو کڻي اچي پر ڪنهن کي به اهو نه ٻڌائي ته مان ڪيڏانهن ٿو وڃان. ٿوريءَ دير ۾ هو ڪار تي بسترو کڻي موٽي آيو. منهنجو پٽ به هن سان گڏجي آيو، جو ڏاڍو هيسيل ٿي نظر آيو. مون مُرڪي هن کي چيو، ’ابا، جيئي سنڌ!‘ هن ورديءَ ۾ ڊي-ايس-پيءَ ڏانهن ڏسي، کهٽيل نڙيءَ سان جواب ڏنو ’جيئي سنڌ‘. مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو ته هو موٽي گهر وڃي ۽ ڀينن ڀائرن کي آٿت ڏئي، جنهن تي هن مون کي مايوسيءَ سان چيو ته ’امان کي ڇا چوان؟‘ مان ٽٻيءَ ۾ اچي ويس ۽ سوچيم ته هو ماءُ کي ڇا چوي. نيٺ مون هن کي چيو، ’ماءُ کي چئجانءِ ته بابا به ته سنڌ آهي. سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي‘.“

....

”اوڀر پاڪستان کي ماري مڃايو وڃي يا اڙبر پاڪستان يحيٰ خان کي ماري مڃائي الڳ ٿي وڃي، ٻنهي صورتن ۾ پاڪستان تي فسطائي نظام مسلط ٿيل آهي. اُنهيءَ فسطائيت جا سياسي ۽ اقتصادي سبب ساڳيا نه نه هوندا، جي نازيءَ جرمنيءَ جي فسطائي فلسفي جو بنياد هئا، پر اُنهيءَ فلسفي جي آڙ وٺي، پاڪستان ۾ گهٽ ٻوساٽ ۽ وٺ پڪڙ اهڙي ڪئي ويندي، جيئن نازي جرمنيءَ ۾ ٿي هئي. جرمنيءَ ۾ ڪيئي سائنسدان،

نٿي وڃي. جهڪي آهه اي آڪاس ۽ مون کي هن ڀرتا مان
ڪڍي، پنهنجي گود ۾ کڻي وٺ! اي سندو، مون کي پاڻ وانگر
آجپ بخش! اي ڌرتي، اي جڳت جننی، مون کي منهنجي
مڪتي ڏي! آءُ! آءُ! هيءُ منهنجي پوئين پڪار آهي- ان کي
آواز ڏي، سگهه ڏي، سُتنترتا ڏي، ته جيئن مان ثابت ڪري
ڏيکاريان ته ماڻهوءَ جو من ڪونه ۾ قابو رهي به پنهنجي آجڪائي
پائي ٿو سگهي.“

....

”هيءُ سنڌ سدائين رهندی. اُن تي سج اڀرندو ۽ لهندو
رهندو. رڳو مون جيئن اُن کي ڏٺو آهي، مون سان مري ويندو
آهي. مان ان مشاهدي کي پنهنجي ’آءُ‘ مان آجو ڪرڻ ٿو
چاهيان، ۽ اُن کي لکيل لفظ ۾ امر ڪري، پنهنجيءَ جندڙيءَ
کان وڌيڪ جٽاءُ ڏيڻ ٿو چاهيان. مون اُن ۾ اُنر جون اوتون
به ڏٺيون آهن، پن-جهڙ ۾ ڦبرائبون ڪانئيندڙ پن به ڏٺا آهن، ۽
اُن جي لڳ ڪاندارينڌڙ سيءَ جا سياڻا به سٺا آهن؛ منهنجن
اکين اکيان ڪرڙ ڪڪوريا ۽ ڪندا موريا آهن ۽ ٿوهر ولبون
ٽهڪيون آهن؛ مون ڏٺو آهي ته جڏهن وڇون ورڻ ٽيون ته
ڪيئن ’ڏاماڻين ڌڌڪار‘ ٿئي ٿو، ٽر جا ٿوهر ڦلي پون ٿا ۽
پنهنجون پانهون آڪاس ڏانهن اپيون ڪري اُن جي آحسان ڪن
ٿا. مون سنڌ جون لال لوئيڻ واريون پانماريون به ڏٺيون آهن،
۽ ان جا ڪونڌر به ڏٺا آهن، جن جي ڪلهن تي ڪنن ڪهاڙيون
ڪهاڙيون هونديون آهن ۽ جي ٽبسيتائين مٿي تي ٻڪ نه ٻڌندا
آهن، جيستائين پلئه نه ڪندا آهن. مون ڏٺيون آهن آهي موڪريون
چانيون، پنيون ڏاڙهيون ۽ شهپر مڇون، جي صدين کان رت
جي رهت نهائينديون ٿيون اچن. ۽ مون ڏٺيون آهن گهرج جي
گهاٽي ۾ پيڙيل ۽ ڏمر ۽ ڏڌ سان ڏهڪايل، نهوڙيل نستيون
حندڙيون ۽ اُنهن جا سارا پيڙهندڙ ۽ ڏهڪائيندڙ، ۽ آهو سارو
ناسور، جو سنڌ جي رڳ رڳ مان چڪي رهيو آهي. مون سنڌ

منهنجي گهر کي ٻتر هڻندو هو ته هي غدار جو گهر آهي.
منهنجا ٻار گهر کان ٻاهر نڪري نه سگهندا هئا ۽ اسڪول
وڃڻ ڇڏي ڏنو هئائون. هاڻي انهن ته ڪونه ٿيندو. نئين سنڌ
فتوا ڏيئي ڇڪي آهي ته غدار ڪير آهن. پر هيڏي اندر ۾
منهنجا ساٿي هيسجي ويا هوندا، ۽ سنڌي عوام ته ويسوڙو آهي.
چاهي مان پنهنجا سارا ڏک درد ٻاهي رکي، لکي سگهندس!
آخر منهنجي ٻي نجات ٿي ڪهڙي آهي؟"

....

”ڇڱو، جو ٻنڪر ۾ اڪيلو رکيو اٿائون. مان پاڻيان
ئو ته ڪجهه لکي پڙهي سگهندس.“

....

”پنهنجي ڏاڏا تا تپن. ٻنڪر کان ٻاهر ڪانو جي اک ٿي
نڪري. وارڊ ۾ پوکيل انهن جي وڻن مان ڇپون ٿيون نڪرن،
۽ ستو نپي ٻاهر ٿيو وڃي. جيل ۾ برف به نٿي آڻي سگهجي.
ڪهڙي جو پاڻي ڪاڙهي وانگر ٿو لڳي. ها، پر وان گوگ
(Von Gogh) وانگر گرمي منهنجي من لاءِ وڌيڪ سازگار
هوندي آهي. جڏهن ڪي منهنجيءَ شاعريءَ جي تخليقي ڪيفيت
کي سمجهڻو هجي، ان لاءِ وان گوگ جي مصوريءَ جو
اڀياس ضروري آهي.“

....

”اي ذات! تون هڪ عظيم قوّت آهين. تون ئي ديوارون
ڊاهي سگهين ٿي، ئي اوچا ڪوٽ ڪيري سگهين ٿي. مون کي
هن قيد مان آزاد ڪر، ته جيئن مان انتريءَ محويت سان لکي
سگهان، جيتريءَ سان جيل کان ٻاهر به لکي نه سگهندو آهيان.
سارا سنساري بندشون ڇني ڇڏ، سارا ڏک درد هٽاءِ ۽ پرجوش آواز
سان ڳاءِ، متان هيءَ جنڙي ڪُت جي پورنتا کان اڳ پوري

اورنگزيب به منهنجي آڏو آهي. مان اربندو گهوش نه آهيان، نه پٺ تي موٽي سگهان. مون عشق کي راند سمجهيو هو، تاريخ منهنجي سسي نيزي راند اڇلي ڇڏي آهي. هاڻي پٺ تي موٽ جو سوال ئي نٿو اٿي. پر ڇا منهنجي تقدير اٿڻ ٽبڪ نه گهري هئي؟ هيءَ شاعري اِنهيءَ پيڙا جو پڙلاءُ ئي ته آهي، جا سياست مون کي ڏني آهي! جڏهن مان سياست ۾ ڇڪجي نه وڃان ها ۽ پنهنجي قول ۽ عمل سان پنهنجي ديس جي تقدير ڦيرائڻ لاءِ ڦيٽ نه کاوان ها، ته منهنجيءَ شاعريءَ کي آها جيلا ڪٿان ملي ها، جا هول ڪي امرتا ڏيندي آهي!"

....

"شيخ مجيب هن وقت ڪٿي هوندو؟ هي ڀهاڙ جهڙو وقت ڪيئن ڪاٽيندو هوندو؟ هن سان منهنجي پهرين ملاقات ڪهڙي نه پياري هئي! هو سنڌ متحده محاذ جي دعوت تي ڪراچيءَ آيو هو. سائين جي. ايم. سيد هن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي، هن کي چيو، 'سنڌ جي شاعر سان ملو!' هن مون کي ڀاڪر پاتي، سائينءَ کي چيو، 'هي شيخ اياز آهي نه؟ مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، هي اسان جي نذرل وانگر آهي'. مون مُرڪندي هن کي چيو، 'شيخ صاحب! مون ۾ ۽ نذرل ۾ هڪ فرق آهي - هو اڃا تائين مون کي ڊاهي نه سگهيا آهن.' شيخ مجيب ٽهڪ ڏيئي چيو، 'هائو ڀاءُ! تنهنجون رڳون وڌيڪ مضبوط ٿيون لڳن'.

"اڄ مان سوچي رهيو آهيان ته ڇا سچ پچ منهنجون رڳون نذرل کان وڌيڪ مضبوط آهن؟ ڪنهن مظلوم جي بدن تي لڙو ته ڇا، مان هن جي اک ۾ ڳوڙهو به ڏسي نه سگهندو آهيان. هڏي اندر ۾ ممڪن آهي ته ڪنهن وقت مان به نذرل وانگر ڍمي پوان!"

....

جي ماغيءَ ۾ نپون هيون آهن، ۽ آن جي مستقبل ڏانهن آڏالو آهيان: ۽ کنهن اڻ-ڏٺي ڪانار وانگر مون آئيا آهن سپنا- سندوءَ تي اڏرندڙ سج جا سنهرا سپنا.

”چا مان آهو سڀڪجهه پنهنجي شعر ۾ آڻي ٿو سگهان؟ چا مان شعلي کي مشعل بڻان جوڙي، آن کي ابدي بڻائي ٿو سگهان؟ زندگي ڪيتري نه مختصر آهي!“

....

....

”مون هميشه سوچيو آهي ته چا شاعر سماج سان ذميدار آهي؟ مون شاعر جي ذميداريءَ کان ڪڏهن انڪار نه ڪيو آهي، پر هن جي ذميداري نهايت وسيع آهي. هن جي ذمداري انسان ذات سان آهي ۽ نه ڪنهن خاص سماج سان، ۽ جي ڪوئي سماج انسانيت جو ويري آهي ته شاعر آن جو واهرو ٿي نٿو سگهي. ڪنهن به سياڻي سمجهوءَ جي پاڳل خاني سان ڪهڙي ذميداري ٿي سگهي ٿي؟ چا هوُ پاڳل خاني جي نيم انوسار هلي؟ جي چريا رنبع لڳن، ته هو به ڪلو ڦاڙي رنبي؟ چا هو ڪوڙ جي هر ڪنگري ۽ ڪلس تي سونو پاڻي چاڙهيندو رهي، ۽ آن جي بي معني ماندانڻ کي ڍاهي ڍير نه ڪري؟ جي ڪنهن به سماج سان ذميداريءَ جو نتيجو انسانيت سان بي‌ذمداري آهي، ته هر عظيم شاعر لاءِ آنهيءَ سماج سان بغاوت ڪرڻ کان سواءِ ڪوئي چارو نه آهي.“

....

”مان سياسي جانور نه آهيان پر پوءِ به تاريخ مون کي سياست ڏانهن ڌڪي، آن سان سلهاڙي ڇڏيو آهي. سرمد نه سياسي ماڻهو نه هيو، پر پوءِ به هو تاريخ جي طوفان ۾ وڙهجي ويو ۽ آخر اورنگزيب هٿان مارايو ويو. مان به نه سرمد وانگر آهيان، منهنجو به ڪوئي دارا شڪوه آهي، ۽ هن ڪري

"سال ١٩٦٨ع ۾ مان ساهيوال جيل ۾ قيد تنهائيءَ ۾ هوس. ڀٽو صاحب ۽ هُن جا ساٿي ڊاڪٽر مبشر، ممتاز ڀٽو ۽ ملڪ اسلم حيات به ساڳئي جيل ۾ هئا. ڀٽي صاحب جا ساٿي ڇٽي ويا ۽ باقي ٻه سياسي قيدي، مان ۽ ڀٽو صاحب، وڃي رهياسين. اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اوچي ديوار هئي ۽ اسان کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ کان منع ٿيل هئي. هڪ ڏينهن ڀٽي صاحب سنتريءَ جي هٿ مون کي دٻي ۾ بند ٿيل مڇي، بسڪوٽ ۽ سڪو ميوو موڪليو. مون تحفو وٺي سوچيو ته ڀٽي صاحب ڏانهن موٽ ۾ ڇا موڪليان. مون وٽ ته جيل جي رڌي راشن کان سواءِ کائڻ پيئڻ جي ٻي ڪائي شيءِ ڪانه هئي. سو مون جرمنيءَ جي شاعر 'هائني' جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب 'Hiene, the Poet in Revolt' سنتريءَ کي ڏيئي چيو ته 'هي ڀٽي صاحب کي ڏجانءِ'. سنتريءَ ڪتاب کڻي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته 'ڪتابن جي ڏي وٺ تي سخت بندش آهي، مون کي ڀؤ ٿو ٿئي ته پڪڙجي نه پوان'.

"جي ڀٽو صاحب اهو ڪتاب پڙهي ها، ته سمجهي وڃي ها ته مان هن وقت جيل ۾ ڇو آهيان!"

....

"ولي خان سان منهنجي پهرين ملاقات ايوب خان جي زوال کان اڳ سکر ۾ ٿي هئي. مان اُن وقت سکر بار جو صدر هوس ۽ بار ولي خان جي الصحرا هوٽل ۾ دعوت ڪئي هئي. اُن وقت هُن جو بهترين ساٿي محمودالحق قصوري (١) هن سان گڏ هو. ٻئي ڀيري به ولي خان مون سان سکر ۾ مليو. اُن ڏينهن ڏاڍي برسات پئي هئي ۽ منهنجو بدن ڪجهه ڪنسل

* محمودالحق قصوري ٿوري وقت کان پوءِ ڀٽي صاحب جي ڪئبني ويو، ۽ هن جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هن جو وزير قانون ٿيو، ۽ هاڻي اصغر خان سان 'تحريڪ استقلال' ۾ آهي.

”جي. ايم. سيد سنڌ سان ائين پيار ڪندو آهي جيئن ڪوئي ٻار ڪنهن جيجريءَ ڪوسيءَ ڪُکَ سان ڪندو آهي. هن لاءِ سنڌ فقط ڪاڇو ۽ ڪوهستان، ڪيرٿر ۽ ڪارونجهر نه آهي پر اُهي ڏاڏا پڙڏاڏا به آهي جي ڪڏهن به مُئا نه، هُئا ۽ جي هر عيد نماز تي هُن سان ڪٺا هوندا آهن.“

....

”مان چاهيان ٿو ته جي. ايم. سيد تي هڪ نظم لکان. هي وحدت الوجودي، هي صوفي لاڪوفي، هي اڌو ڳاڙهو ساميوادي ۽ پڪو پختو ديش ڀڳت، هي ماکيءَ کان مٺڙو ۽ وهه کان ڪڙو ماڻهو مون کي هڪ جهوني ٻڙ وانگر لڳندو آهي. جڏهن سج لٿي هٽي ويندو آهي تڏهن هن جي ڇانوَ وڌيڪ گهاٽي ٿي ويندي آهي. مون اُن ڇانوَ ۾ ڪيئي پکيئڙا پنکَ پسارينديون ڏٺا آهن؛ پر مان اُن وقت جي انتظار ۾ آهيان جڏهن عقاب انهيءَ ٻڙ مٿان ڦيرا ڏيئي، لٿل سج کي تيز نظرن سان گهُوريندي ڏسندا.“

....

”نهروءَ گانڌيءَ لاءِ چيو هو، ’منهنجو پوڙهي سان پيار نه ڏاڍو هو پر مان هُن کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهيو هوس‘.“

....

”ويا اُڏامي ڪنڪڻ، پيرَ تان پاهڻَ نه چُري.“

(نبي بخش)

....

”ڀُلبو سڀُ ڀنڀورُ، ڀٽيءَ هوتُ نه هليو.“

(ڀٽائي)

....

"مون واڻڻو ٿي ولي خان ڏانهن ڏٺو- 'ولي خان تون به... ولي خان تون به....' مون من ۾ چيو، 'يا نه تون اڻ ڄاڻ آهين، ۽ هن دور جي هڪ بنيادي حقيقت کي سمجهي نه سگهيو آهين! مان نه ڄاڻان ٿو ته تون ڪوئي جسم الدين کي به ساڳيو ٿي مشورو ڏيندين.'

"اڄ نه ولي خان جيل ۾ آهي ۽ نه هن جو ٻيو ڪوئي ساٿي. اڄ اهي نعپ وارا اردو اديب، جن سان گڏجي مون ۽ منهنجي هڪ ساري ساٿيءَ ..ڪر ۾ 'آل پاڪستان عوامي ادبي انجمن' ناهي هئي، ڪٿي آهن؟ ڇا انهن جي جيءَ کي جهوٽو نه ٿو اچي؟ يا هو پنهنجي ۽ پنهنجي طبقي جي مفاد کان مٿي ايري نه نا سگهن! انهن سڀني کي تاريخ اڳيان جواب ڏيڻو پوندو ۽ تاريخ کي ڪو گهڻو وقت ٽڳي نه سگهيو آهي"*.

....

"هيرا تاريخ ناهيندا آهن يا تاريخ هيرا ناهيندي آهي، اهو هڪ ڏکيو سوال آهي؛ باقي غلط هيرا تاريخ جو ٻوڙو ٻوڙيندا آهن، ان ۾ مون کي ڪوئي شڪ نه آهي. ڪجهه مهنا اڳ ڪراچيءَ ۾ منهنجو هڪ سنڌي دوست مون کي عطاءالله مينگل جي جاءِ تي گل خان نصير سان ملڻ لاءِ وٺي هليو. مان جڏهن مينگل جي جاءِ تي پهتس ته معلوم ٿيو ته گل خان ستو پيو آهي. اتي هڪ چونڍيءَ جو بلوچ ليڊر ويٺو هو ۽ تمهارو مهاجرن سان گفتگو ڪري رهيو هو. منهنجي دوست اچا منهنجي سڃاڻپ مس ڪرائي ته ليڊر صاحب مون کي چيو، 'شيخ صاحب! هي ڇا جو راجا ڏاهر، راجا ڏاهر ڪيو آئي؟' مان واڻڻو ٿي ويس ۽ سوال لنوائي هن کان پڇيم، 'گل خان ڪٿي آهي؟'

* گهڻي وقت کان پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته ڊاڪٽر حسان ڪجهه وقت لاءِ نظربند ڪيو ويو هو.

هو، ان ڪري مون ٻنهي کي موڪليو ته هو ولي خان جي جلسي ۾ وڃي مولي اڇي احوال ٻڌائي. هن مولي اڇي مون کي چيو، ’ولي خان اوهان لاءِ پڇيو ۽ چيائين ته ”سڪر اڇي اياز سان نه ملڻ گناهه برابر آهي“. پوءِ هو اوهان جي آفيس تي دلبو پر آفيس بند هئي. هاڻي هو ڪنهن اوطاق تي رهيل آهي، جتي سکر نعپ جي صدر هن جي رهائش ۽ کاڌي جو انتظام ڪيو آهي.‘ مون کي ولي خان جي قرب ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مان ٻئي ڏينهن صبح جو هن سان ملڻ ويس. اوطاق ۾ ولي خان سان گڏ پاڪستان نعپ جو سيڪريٽري جنرل محمودالحق عثماني (١)، اجمل خٽڪ ۽ ٻيا نعپ جا ڪارڪن ويٺا هئا. ڳالهيون ڪندي، ولي خان اجمل کي چيو ته ’اهو نظم ٻڌاءِ، جو تو اياز تي لکيو آهي.‘ اجمل اهو نظم پشتو ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ اُن جو نثري ترجمو اردوءَ ۾ ٻڌايائين. ان کان پوءِ ولي خان مون کي چيو ته ’تون ڪوئي نظم ٻڌاءِ‘. مون هن کي ايوب خان کي مخاطب ڪري چيل نظم ’منهنجو اڱڻ پڇن ٿو آهر، منهنجا گهٽ گهٽي سڳهندين تون‘ ٻڌايو ۽ پوءِ، هن جي چوڻ تي، هن کي ان نظم جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ٻڌايو، عثمانيءَ مون کي منظوم ترجمي تي ڏاڍو داد ڏنو ۽ چيائين ته ’اوهان اردو نه ڏاڍي چڱي ٿا لکو.‘

”مون جواب ۾ چيو، ’ها. فارسيءَ جي سهاري لکي ٿو وڃان. پاڪستان ۾ اردو فارسيءَ ۽ عربيءَ جي سهاري لکي وينديي آهي.‘

”اهو ٻڌي عثمانيءَ جو منهن لهي ويو ته ولي خان چيو، ’فارسي ۽ عربي به مسلمانن جون ٻوليون آهن. مان ته چوان ٿو ته تون به سنڌيءَ ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا ايترا لفظ ڪم آڻ، جو اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ فرق ميٽجي وڃي.‘

* محمودالحق عثماني به هاڻي اصغر خان سان ’تحريڪ استقلال‘ ۾ آهي.

شاهد هتن سان ڳالهائي سگهي ها. مون وڌيڪ ترسڻ مناسب نه ڄاتو ۽ گل خان کان موڪلايو. رستي تي مون پنهنجي دوست کان پڇيو، 'ڪامريڊ! تو ان تي ڪڏهن سوچيو آهي ته ڇڙي ٻانهن سان ڇوڙو لاهي جنگهه ۾ ڇو وڃهندي آهي'؟"

....

"'اي يحيٰ خان! ڪنهن ٻاني جي پڙهايل طرطي وانگر، تون ڪي نه سمجهه آهي نه سُر آهي'.- مان ريڊيو بند ڪري ڇڏيان ٿو."

....

'بي عقل کي بانور جيئي آهي پاڪر پيرن سيڻن،
'عقل جو، اسحاق ڇوي، تنهن کي ڪانُ لڳندو ڪيڻن!'
(هڪ سنڌي سگهڙ)

....

'فقط قبر ئي هڪ ڪهي کي سڌو ڪري سهاربندي آهي.'
(نامعلوم)

....

"فاشزم جي دور ۾ سرڪاري ٻوليون حرامي اصطلاح پيدا ڪنديون آهن، جي هر حلالي لفظ کان ئي پنهنجو جائز مقام کسي وٺندا آهن."

... .

'تنهنجو وس پڄي ته جيڪر دنيا جون سڀ آرسيون ڀڃي ڇڏين، جئن تون انهن ۾ پنهنجو پاڻ ڏسي نه سگهين؛ ۽ اسان جون اکيون آرسيون آهن ۽ تون انهن کي ناس ڪرڻ ٿو چاهين.- تون اسان جي لوندڙين ۾ گوليون هڻي، انهن اکين کي

”مون ٿورو پڇيو، ’گل خان ته سڄو پيو آهي، پر توهان راجا ڏاهر، راجا ڏاهر ڇو ٿو ڪريو؟‘

”نه ڄاڻ نه سڃاڻ، ڪهڙ آئي سان ڳالهائڻ جو عجيب ڍنگ هوا

”مون کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ مون هن کي چيو، ’مان راجا ڏاهر، راجا ڏاهر ڪمان ٿو ٻا ني، اها ڳالهه ته ٻڌجي ۽ جاءِ تي، پر گل خان نصير لکيو آهي ته بلوچ نمرود جي اولاد آهن؛ ڇا راجا ڏاهر نمرود ڪان به وڌيل هو؟

”هو ٿوري دير چپ ٿي ويو ۽ ڏک پڇاڙي ڀيو وار ڪيائين، ’پر توهان نه چوين ٿو ته فقط سمات سنڌي آهن ۽ بروچ سنڌي نه آهن.‘ مون چوڌاري ويٺل ماڻهن ڏانهن ڏٺو، جي مرڪي رهيا هئا. مون کي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي، پر موڊ زهر جو ڍڪ پي، هن کي جواب ڏنو، ’نه، مون اهڙن ڪڏهن چيو آهي ۽ نه اها ڳالهه مون توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کان ٻڌي آهي. توهان سنڌي بروچن کي سماٽن سان وڙهائڻ چاهين ٿو ڇا؟ يا توهان اهو تضاد اڀاري ڪراچيءَ جي مهاجر کي خوش ڪرڻ ٿو چاهين ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري بلوچستان ۾ شامل ڪرڻ جا خواب ٿو لهين؟ بروچ اسان وٽ ذات آهي، قوميت نه آهي.‘

ڪجهه وقت مان نبيءَ ۾ اچي ويس. ايتري ۾ گل خان به اچي ويو. مان اڇا گل خان سان ڳالهائي رهيو هوس ته وري ليڊر صاحب فرمايو، ’پر توهان عجيب سان ڇو ويو آهين؟ آخر اسان اول پاڪستان جا آهيون، اسان کي نيٺ پٺي سان ڳالهيون ڪرڻيون، پونديون. مان چوان ٿو ته توهان سنڌ نعب جو صدر ٿيءُ.‘

”مون سوچيو ته اهو ته ظاهر آهي ته هي ماڻهو پٺي جهڙي نئين ۽ ذهين سياستدان سان ڇا ڳالهائي سگهندو، پر سچ کي هڪ عجيب قوت ٿيندي آهي ۽ جي هي سچ ني هجي ها ته

’اُتر ڪِنوِي، ڏکڻ ڪِنوِي، اوپر ڪِنوِي آڄُ،
’ڏوُر ڍَهاڪِيا ڀِڄُ، مينهَن مُنداتُو آئو.‘
(خليفو نبي بخش)

....

’تاريخ ۾ ڪيئي ڀيرا ماڻهن بچاءَ جي لڙائي وڙهيا آهن- ۽ ڪار جمهوريت جي بچاءَ لاءِ، جو ته فاشزم ان کان بري آهي.‘

....

’مير ڏي سَچوءَ ساجن ليوڙن، نيل‘ نهين هڪ تاوَڻ داءِ‘
(سچل سرمست)

....

’جڏهن مان انهيءَ تي سوچان ٿو ته مون کي چڙا ڪرڻو آهي، تڏهن مان هڪ عقاب وانگر هوا ۾ پرواز ڪيان ٿو ۽ مون کي محسوس ٿئي ٿو ته مون ۾ پوري پهاڙ کي هٽائڻ جو ٻل موجود آهي.‘

....

’وَقتُ اِها ٿِي وِيل، دوُنيءَ ڏور ڪَرڻ جي.‘
(سچل سرمست)

....

”جنهن ڏينهن انسان آزاديءَ جي اميد ڇڏي ڇڏي، ان ڏينهن قيامت ايندي، ڇو ته زندگيءَ جي وجود لاءِ ڪوبه ڪارڻ نه رهندو.“

....

’انسان ذات، پنهنجي هر اونداهي دور ۾، اهڙي ويساهه کان سواءِ نه رهي آهي، جنهن کان سواءِ ماڻهو نڀي نه سگهي ۽ جنهن لاءِ ماڻهو مري نه سگهي.‘

....

متاثر ٿو ڇاهين، جن ۾ تون پاڻ کي ڏسي رهيو آهين، ۽ پاڻ تي اٽل فتوي ڏيئي رهيو آهين.'
(وڪٽر سرڪيءَ جي ناول 'ڪامريڊ تلباقيف جو ڪيس' تان ورتل)

....

....

'اي رات، اسان کي بگهڙ ۽ بگهاڙيءَ کان بچاء!
'اسان کي چورن کان اجهو ڏي!
'رات هر شيءِ کي اونده ۾ ڍڪيندي، هر شيءِ کي متاثيندي اچي ويئي.
'آف! هوءَ ڪهڙي نه ڪاري آهي!
'اي اوشا! تون هن کي سنهنجي قرض وانگر موڪي ڇڏ!'
(رگ ويد)

....

'جي تو ۾ ڪوئي فخر آهي ته ان تي خوشي ڪر ته تباهيءَ جون ناريڪ قوتون بحساب ۽ بيپناه آهن، ڇو ته ان ڪري تنهنجي آدرش کي ڪنهن به اميد کان سواءِ گهارڻو پوندو ۽ ان ڪري ئي ان ۾ شجاعت نظر ايندي ۽ تنهنجي روح جو الميو عظيم لڳندو.'
(هڪ يوناني اديب)

....

'ڏَنهُ ڏَنهُ ڏَمن وار، آڄ پيو آڳڙين جي،
'ٻاري مَنجُ مجاز جو، اوتياتون آڱار،
'ڏوڙيائين ڏار، جيءَ ڪنجهو رڪ ڪيون ٿئي!'
(ڀٽائي)

....

’ڇا توهان بالشيوڪ آهيو؟‘

’تاريخ جي ڪري ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ هتي تاريخ جو سوال نه آهي، حق ۽ انصاف جو سوال آهي. ماڻهو سچ ڄاڻڻ چاهين ٿا، پر سچ کي صدائين دفنايو ويو آهي، مٽيءَ ۾ پوريو ويو آهي. چون ٿا ته سچ ڪيتري وقت کان مري مردو ٿي چڪو آهي.‘

(ميخائيل شولوخوف ’۽ ڊان وهندي رهي‘ ۾)

....

”جي توکي تاريخ جو شعور آهي، ته تون اهو سمجهي سگهندين ته برائي پاڻ کي ناس ڪندي آهي.“

....

’تاريخ هڪ ور وڪڙ ڏاکڻ وانگر ته وڃي سگهي ٿي، پر اها گول چڪر نه کائيندي آهي، ۽ اتي موٽي نه ايندي آهي جتان هلي هئي.‘

....

’مون کان ڇڏي آهو وڃي،
جنهن غلاميءَ کي طلاق ڏني هجي.‘
(هڪ پشتو ٽپو)

....

”حقيقت کي قبرائي سگهجي يا نه؛ اهي اکيون ڪڍهن به نه قبرائجن، جي حقيقت کي ڏسن ٿيون“.

....

’زندگيءَ سان منهنجي معاملي ۾ معياد جو ڪوئي فقرو نه آهي، ۽ ان ڪري خطرناڪ لاهين تي مان واڪهون ڊليون چڙهي ڏيندو آهيان.‘

....

’سيءِ لئي سوپ، جي هوندا پابان پاند ۾،
هي جسڪ سوڙو لرپ، هوءِ به گهوريو گهوربان.‘
(نبي بخش)

....

”اي ڏرو تارا! جئن تون هڪ هنڌ ٿير ڪري بيٺو آهين، تئن آءٌ به ٿير پابان.“

....

”اي ڪوتا! تون اگنيءَ وانگر ڏرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ ۾ هڪ پل آهين، جنهن تان منهنجو من اڪري، پنهنجي سرڳ ڏانهن وڃي ٿو، جتي سدائين اجالو آهي.“

....

”اي ذات! تون هڪ چڙهڪو ڏيئو آهين، تو کي ڪوئي واچوڙو وسائي نٿو سگهي.“

....

”آءٌ ته پنهنجي ٻوٽي ٻوٽي ڪوري ڪوئي وڌو جڳ ڪيان-“

... .

’اها تباهيءَ جي رات هوندي آهي جڏهن ڪوئي انسان سچ ڏسندو آهي، ۽ اهو خودفريبيءَ جو پهر هوندو آهي جڏهن هو ماڻهن جي عقل تي اعتبار ڪندو آهي. ڪنهن لاءِ اهو چئبو آهي ته ’هو اکيون کولي سچ ڏانهن وڃي رهيو آهي“- ان شخص لاءِ جنهن جو رستو ماڻهن لڪي سڌو جهنم ڏانهن وڃي ٿو. آخر ڪجهه شمار ۾ آهن، اهي انهيءَ ماڻهوءَ لئي ڪيئن چڪ چڙهندا جنهن سچ چاتو آهي، توڙي اهو سچ ڏورانهن ستارن جي باري ۾ ئي ڇو نه هجي!‘

(جرمن ناٽڪ نويس برٽالٽ بريخت ‘Bretolt Brecht’ جي ناٽڪ ’گليليو جي زندگي‘ ۾)

... ...

كولي، انهن كي آزاد ڪري ڏس، ڏس ته اهي ڪيئن تنهنجي چنيءَ سان ٽڪري وڃن ٿا. ٻاهوڪڙ ٻڌون. ڪيئن نه اهي جيڏا ننڍا ٿين ٿا، ميڙا ڪن ٿا، ٽڙن ٽڪڙن ٿا ۽ تنهنجيءَ مڇتا کي لنوائن ٿا، ۽ جيئن چاهين، تيئن ڪاغذ تي ڪنا ٿين ٿا ۽ پنهنجون ٽولبون ٺاهي ٻهن ٿا - ڪارا، پيچن سان ۽ سگن سان. تون اجابو رڙين ٿو ۽ انهن کي آزيون ڪرين ٿو، هو پنهنجي من ماي ڪندا رهن ٿا. نچندا ٽپندا، هو نرلجائيءَ سان تو اکيان جوڙي جوڙي ٿي اچن ٿا، ۽، جيڪي ڪجهه تو چوڻ نه ٿي چاهيو، سي چترائيءَ سان چئي وڃن ٿا، ۽ جو ڪجهه تنهنجين اترين ۾ نرڙي رهيو آهي ۽ انسان ذات تائين پهچڻ چاهي ٿو، ان جي ٽڙڪ هاڻ ڪان ٺابري وارين ٿا.'

....

"ڪالهه هڪ يوناني اديب جا هيٺيان لفظ ڏيان ۾ ڪيپي ويا:

'هيلن ڇا هجي ها، جي هومر هُن ۾ ساهه نه ڦوڪي ها! هوءَ به انهن هزارن سهڻين زالن وانگر هجي ها، جي ڌرتيءَ تي آيون ۽ ناس ٿي ويون. هن کي به اٿين ٿي وڃايو وڃي ها، جيئن ٻين سهڻين زالن کي اڄا تائين وڃايو ويندو آهي، ۽ جي هُن جي زوريءَ ڪجهي وڃڻ تي جنگ به لڳي هوي ها ته هر ڳالهه - جنگ، عورت، خونريزي - سڀ گمناميءَ ۾ لڙهي وڃن ها، جي شاعر جو هٿ انهن تائين نه پهچي ها. هيلن پنهنجي امرتا لاءِ هومر جي ٿورائتي آهي. اهو هومر جي ڪري آهي، جو ايوروٽاس (Eurotas) جهڙيءَ ننڍڙيءَ وستيءَ کي امرتا ملي ويئي آهي. هيلن جي مرڪ اسپارٽا جي هوا ۾ ڦهليل آهي. نه رکو اهو، پر هوءَ اسان جي نس نس ۾ سمائجي چڪي آهي؛ هر ماڻهوءَ من ٿي من ۾ هن کي مانيو آهي. اڄ تائين هر منڌ هن جي سيج ڏڄ تي سوچي ٿي. هيلن پيار جي داتهن ٿي چڪي آهي. هوءَ صدين ٽپي اچي ٿي ۽ هر ماڻهوءَ ۾ چمين لاءِ چاهنا

'ڇگهو ڪارج نوڙي ڪنهن ڏورانهين سج ۾ ڪيو وڃي، ان جو اثر ساري سنسار تي ٿيندو.'

....

....

"سنڌ جي پيڙا هڪ سمنڊ آهي-
اٿاهه، اجهاڳ سمنڊ؛
ان جي اونداهين لهرن ۾ لڙهي رهيو آهي
منهنجو من،
منهنجي آتما اندوڪار ۽ دک ۾.
اڄهو هو ٻانهون هٿي، سڏي رهيو آهي
سوجهري کي،
اڄهو هو ٿڪجي چور ٿي پيو آهي،
۽ اونهي جي اونده ۾ ٻڏي ويو آهي."

....

'هيءَ جهي لڪ، هو جهي لڪ، مون مارينڌا لڪ،
ڪنهن نه اوڏيءَ چڪ،
مون مارينڌا لڪ-'

(ڀٽائي)

....

....

"اڄ منهنجي من ۾ ڪوهتا سوٽا ڳائين جي ڪبر سان پريل اوهن وانگر آهي."

....

'هي ليڪ جا اکر مون کي ڏيهاڙو ڏيئي چڙهندا آهن. هي ميسڻ، نرجا ڌنت آهن- ڏاڍا ڏنگا. تون مس جي ڪوهي

”لڳاتار ڇهه مهينا ٿيا آهن، مان صبح جي پنجين بجي کان وٺي شام جي پنجين بجي تائين لکندو رهيو آهيان. پتو ٿي نه ٿو پوي ته وقت ڪيئن ٿو گذري! باک ڦٽيءَ جو جڏهن پکي پکڻ ننڊ مان اٿي چون چون ڪن ٿا، تڏهن مان جاڳان ٿو، ۽ جڏهن سانجهي ٽڪي ٿي ۽ طوطا لامن تي لٽڪي ماڪ ۾ اچي وڃن ٿا، تڏهن مان پنهنجا پنا اٿلائي، اهي بيت ۽ وايون بار بار پڙهان ٿو، جي مون صبح کان سانجهيءَ تائين لکيون آهن. مون کي ساري ڏينهن جي پورهئي تي پيار اچي ٿو ۽ مان هن ڌرتيءَ جو ٿورو مڃان ٿو، جنهن مون کي جنم ڏنو، جنهن آڪاش سڳنڌ ۽ سونهن لاءِ مون ۾ چاهنا پيدا ڪئي، ۽ مون کي اها ڏات ڏني، جا هيڏي ڪڙي ڪشٽ ۾ به مون کي منهنجي مڪتي ڏئي ٿي.

اي آڪاش! مان تنهنجو به ٿورائتو آهيان، جو هن قيد ۾ به مون تي تنهنجا ڏيئا ٽمڪن ٿا ۽ تنهنجو چنڊ مون کي پنهنجيءَ پيڙيءَ ۾ کڻي ٻئي پار اڪاري ٿو، جتي دک نه آهي، وڇوڙو نه آهي ۽ ماڻهوءَ جو نيچپڻو نه آهي، جتي ماڻهو ماڻهوءَ جي رت جو پياسو نه آهي، جتي مان روڪ ٽوڪ کان سواءِ پنهنجا سپنا اڻي سگهان ٿو ۽ انهيءَ ايندڙ وقت جو آدرياءُ ڪيان ٿو، جو اڄوڪي سچ جو روپوش ساٿي آهي.

”اي جندڙي! مان تنهنجا ڳڻ ڳايان ٿو، تون جو دم آهين غنيمت آهين. تو متيءَ کي مٺيا ڏني آهي، تو مون کي اهي گيت ڏنا آهن، جي ڏاڍي کان ڏاڍو به مون کان کسي نٿو سگهي. جي هي نادان مون کان ڪاغذ ۽ قلم کسي به وٺن ها، تڏهن به منهنجو من ساڳيا گيت ڳائي ها. اهي ايندڙ پيڙهيءَ تائين ته نه پهچن ها، پر هن بي انت سنسار ۾ اڪٿ ستارن جي جهرمر ۾ ڪٿي نه ڪٿي موجود هجن ها. هن سنسار ۾ سڀڪجهه امتاسي آهي، ڪبت موت کان ڏاڍو آهي، ان کي ڪو به مٽائي نٿو سگهي.“

....

پيدا ڪري ٿي. هوءَ انهيءَ هر عورت کي هيلن ۾ ڦيرائي ڇڏي ٿي، جنهن کي اسان چاهيءَ سان لائق چاهيون ٿا.“

”عجيب اتفاق آهي، مون ڪجهه سال اڳ ساڳيو خيال هيٺين بيت ۾ آندو هو:

ڪنهن جي ڪنهن جي روپ مان ڪوري ڪاليداس،
آندي آهه شڪنتلا، جنهن ۾ هڙن جا سواس،
هر ڪنهن ناريءَ پاس آهه به شڪل اهڙي شان!“

”مان ڀانيان ٿو ته ڀٽائيءَ مارئيءَ کي به اهڙي امرتا بخشي آهي، جهڙي هومر هيلن کي بخشي آهي. مارئي به ڪيترن نانن ڪنني وٺي هئي، ۽ تر جي ڀيءَ ڪنهن ڀڄائيل نينگريءَ واڳر لڳي ها، جي ڀٽائيءَ جو هٿ هن نانءَ تائين نه پهچي ها. ڀٽائيءَ هن کي انسان جي روحاني آزاديءَ جو سمبل بڻائي ڇڏيو آهي. ٻيو ڇا، اهو ورثو اسان کي ڀٽائيءَ کان مليو آهي؟ مٿين عنات جي ڪلام ۾ به ته سر مارئي ساڳئي رنگ ۾ رڱيل آهي. سچ ته مارئي ساڳئي رنگ روپ ۾ وڻ واس سان ڀٽائيءَ کان گهڻو اڳي سنڌ جي لوڪ ادب جو حصو ٿي چڪي هئي. سنڌ جو لوڪ ادب اٿئين ٿي منهنجو پنهنجو آهي، جيئن سنڌ جي ڌرتي منهنجي پنهنجي آهي؛ ان تي منهنجو به ايترو ئي حق آهي جيترو ڀٽائيءَ جو هيو. پر اڳ به نه ڪيترن ئي شاعرن مارئيءَ جي باري ۾ لکيو آهي، مان سر مارئي ڇا لاءِ لکان؟ ڇا، مان ان ۾ ڪائي انفراديت پيدا ڪري ٿو سگهان؟ مان ڀانيان ٿو ته جي مان وحدت‌الوجود جو روايتي تصور ڦيرائي سگهان ته مان سُر مارئي ٻيهر لکڻ لاءِ وٽي پيدا ڪري سگهان ٿو. مان سُر مارئيءَ ۾ سنڌ سان وحدت‌الوجود جي ڪيفيت پيدا ڪيان ۽ مارئيءَ کي سنڌي حب‌الوطنيءَ جو هڪ مڪمل سمبل بڻائي ڇڏيان، ته منهنجو پورهيو سجايو ٿيندو.“

....

....

”منهنجي شاعري ڏيپ ۽ نتريءَ وانگر آهي. ان جي ٻوليءَ
ني ماري سڙي اڇن ڏا، پر ان کي ڪڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“
....

”.ان موڪيءَ ڏا سڀني مٽ ٻي، هوا ۽ ڀرپور مستي
چڙي وڄان ٿو. مون ڪان پوءِ اچڻ وارا! توکي نيستائين ترسڻو
پوندو جستائين هيو مڏ چڪي، رچي ريتو ٿئي ۽ ان ۾ ڪاريهر
جي ڪاٺ اچي.“
....

(”اهي شاعر جي پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار سبب
سند ٿي ويا هجن، جن جي ٻولي هڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو
رکندي هجي، جن انسان جي فڪري سرمائي کي وڌيو هجي،
جن ويروتار سچائيءَ جي کولا ڪئي هجي، جن انسان جي اندر
۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي، جن پنهنجي فڪر،
مشاهدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت
ڏني هجي، جن انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل
ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي هجي، جن سايا کي سونهن ڏني
هجي ۽ سونهن کي سايا ڏني هجي، جي پنهنجي خاص انداز ۾
پنهنجيءَ قوم لاءِ هوندي به سڀ لاءِ هجن ۽ هر ڪنهن سان
ڳالهائيندا هجن، جن جو شعر اهڙو هجي جو نوان لاءِ ڪوشش
ڪان سواءِ به نئون هجي، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي
هڪ ٿي ويا هجن، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ هجي جو هر
دور ان کي پنهنجي لکت سمجهي، جن جون تخليقي صفتون
وقتي هوندي به دائمي ۽ آفاقي هجن، - انهن شاعرن جي شاعري
عظيم ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي.)

”هن نندي ڪنڊ ۾ انهيءَ معيار جا شاعر فقط ڳڻائي ۽
ڳڻائي ۽ ٺڪور ٿيا آهن. والمڪي، ويد وياس، امارو، ڪاليداس، تلسيداس،
ودياپتي، ڪبير، ميران بائي، رحيم خان خانان، ملڪ محمد جائسي،

”ڇا منهنجي سُر کُهاڻوءَ ۾ سچ جو پڙُ ۽ فاشزم جو ڏر ساڳي ڳالهه آهن؟ شاعريءَ کي اڻوڏو سچ آهي، جو هٿي منطق کان وڌيڪ موهيندڙ ۽ مڃائيندڙ آهي.“

....

”مون ’سهڻيءَ‘ ۽ ’سسئيءَ‘ کي ڌرتيءَ جي سونهن ڏٺي آهي، امراوتي آرٽ جي مورتين وانگر، انهن مان آتما جا پاڇاوان ته ڏيکارجن ٿا، پر انهن کي ڀرپور سرير به آهن جن ۾ ملائمت ۽ تازگي آهي.“

....

”نوريءَ ڪينجهر کي ڪينجهر ڪيو يا ڪينجهر نوريءَ کي نوري ڪيو — ان سوال جو تسلي بخش جواب مون کي اڃا تائين مارڪسي فلسفو نه ڏيئي سگهيو آهي.“

....

”منهنجي ذات، ڏٿ وانگر، ٿر جي مينهن ۽ آس تي پلجي آهي ۽ ان جي ڌرتيءَ مان امرت رس چوسيو اٿائين. واچوڙو ڏاڍائيءَ سان ان جو ڪنڌ نمائي رهيو آهي، پر اها وري وري اوچي ڳاٽ سان اڀري اچي ٿي. اُن کي ڏوٿي ڳولي لهن يا نه، اهو الڪو اجايو آهي. اها پنهنجا ٻج پکيڙي، ٻي اونائيءَ سان مٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

....

’اديون، مون سان هيرون!
’پينر، مون سان پيرون!
’ڇونڊڻ ڪا هلندي؟
’اديون، مون سان پيرون!
’پينر، مون سان پيرون!‘

(هڪ سنڌي لوڪ گيت)

'مان ڄاڻان ٿو ته اهنسا چڱي آهي، پر هن دنيا ۾ جتي نه مريادا آهي نه نياءُ، لهو وهائڻ کان سواءِ ڪجھ به ٿي سگهي ٿو ڇا؟'

....

'موليئر ايترو عظيم آهي، جو هو هر پيري هڪ نئين انداز ۽ نئين تازگيءَ سان هڪ نئين روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي.'
(گوئٽي)

....

'هر ڪه بر افلاڪ رفتارش بُوَد،
بر زمين رفتن چه دُشوارش بُوَد!'
(جيڪو آسمان تي گهمندو آهي،
ان کي زمين تي هلڻ ڪيڏو نه ڏکيو لڳندو آهي!)

....

"جنهن کي قدرت موزون طبيعت ڏني آهي، اهو شاعريءَ جو سارو مروج فن ڇهن مهينن ۾ سکي سگهندو آهي. فقط اندر جا اندا ان تي وڏيڪ وقت ضايع ڪندا آهن.

"عظيم شاعر بحر وزن ڏاهيندا آهن، بحر وزن عظيم شاعر ناهي نه سگهندو آهي.

"شاعري موزون تڪبندي نه آهي، شاعري سچيءَ زندگيءَ جو رياض هوندي آهي ۽ شاعر جي گهري مشاهدي ۽ وسيع مطالعي جو نچوڙ هوندي آهي."

....

"شاعر جي انفراديت ان ۾ نه آهي ته هو ڪنهن پولار ۾ پيدا ٿئي ۽ هن تي ڪنهن جو به اثر نه هجي. هن جي انفراديت

جئديو، چنڊيداس، بلي شاهه، نظير اڪبرآبادي، سچل سرمست،
سامي وغيره، انهن کان پوءِ ٻئي درجي جا شاعر آهن.“

....

”اڄ ڇنڇر ٻجي صبح جو ٽي ڄڻا ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويا.
هنن اهي ڏاڍي جي ٻڪڙ جي پٺ رکي هئي ۽ ان لاءِ ٻه خون
ڪيا هئائون. هو تاريخ جا اهي گمنام سپاهي هئا، جن جي لاشي
قومون مينار ٺاهينديون آهن. مان ۽ پٺتين سڄي رات جاڳياسين
۽ پوئي ڇنڇر ٻجي ڦاسي گهاٽ ڏانهن وياسين. اڃا ٻکي لاش
ٽي لٽڪي گهرٽ کاڻي رهيا هئا، پيلي سرنهن ۽ نم جا وڻ
هوا ۾ لڏي رهيا هئا ۽ رستي تي ٻنهي پاسن کان رکيل لالٽينز
انهن جي پاڇان سان اک ٻوٽ ڪيڏي رهيا هئا. (جيل ۾ ڦاسيءَ
رات ڪئي لالٽينز ٻاري رکيا ويندا آهن ته متان بجلي وسامي
نه وڃي). مون رستي تان گلاب جون ڪجهه مکڙيون پٽيون،
جي اڃا وقت ٽڙي رهيون هيون. اسان کي اهڙڪ ويڙهيل هئا
۽ جڏهن اسان ڦاسي گهاٽ وٽ پهتاسون، تڏهن اتي ويٺل
مئجسٽريٽ اسان کي به جيل جا مقدم سمجهيو. ٽنهي قيدين کي
اسان جي پهچڻ کان ٻه ٽي منٽ اڳ ڦاسي اچي چڪي هئي.
مان ۽ پٺتين ڪجهه وقت لاءِ هنن جي لڙڪندڙ لاش کي ڏسندا
رهياسين. مون ڦاسي گهاٽ ۾ ڦري اهو به ڏٺو ته ڦاسي ڪيئن
ڏني ويندي آهي ۽ ان تي به سوچيو ته موت رڳو منٽ جو
ٺٺول آهي يا ان کان ڪجهه وڌيڪ آهي! مون کي نانا فرنويس،
تانتيا ٽوپي، ڀڳت سنگهه، هيمو ڪالاڻي ۽ ٻيا ڪيئي سورهيه ياد
آيا، جي ساڳيءَ ريت ماريا ويا هئا. مون گلاب جون مکڙيون
هنن جي لاش ڏانهن ڦٽي ڪيون.

”مان پانيان ٿو ته هاڻي مان پنهنجي اڌ لکيل سنگيت ناٽڪ
’ڀڳت سنگهه کي ڦاسي‘ جو پويون ڏيک لکي سگهندس.“

....

’منهنجو شعر حقيقت جي باري ۾ آهي ۽ حقيقت جي زبان ۾ آهي، پر مون کان اڃ ٻئي ڪنهن حقيقت کي ائين پيش نه ڪيو آهي.‘

....

”شاعري ۾ ڪوشش جي منتها اها آهي ته بنان ڪوشش جي لکيو وڃي.“

....

’رات منجهاران رڃ، پلر پيتو روجهڙئين-‘
(نبي بخش)

....

’آتما جو ديش ٿانگر وانگر هڪ بسنت هوندو آهي، ۽ اها ٿانگر وانگر ٿڙي پوندي آهي.‘

....

”سپنا - چانڊوڪي ۾ گليون، جي ڪتي نه ٿيون ڪٽن، ۽ نه وري مان ٿي ٽڪجان ٿو.“

....

”تو کي چڙي سونهن لاءِ آڪاس آهي، پر ڇا سونهن سچ کان الڳ ٿي سگهي ٿي؟“

....

”ٿاڪ منجهند آهي؛ ٻاهر ڪاڙ جي اڪ نڪري رهي آهي. ڇٽڪاريل پاڻي سڪي چڪو آهي ۽ ڪولي تپي تنور ٿي ويئي آهي. ٻڪي ٻڪي آکيرن اوناڻتا آهن ۽ قيدي ماڻهو گهيو ڪاٽي ليٽي پيا آهن. مان اڃا تائين لکي رهيو آهيان. هيءَ ڪهڙي چڪ آهي، جنهن ڪان مان ٻاهر ڇڏائي نٿو سگهان! هيءَ ڪهڙي سگهه آهي، جا منهنجي رڳ رڳ ۾ ڊوڙي رهي آهي! مون کي

ان ۾ آهي ته هو هر خوشگوار اثر قبول ڪري ٿو سڀ کان نيارو هجي."

....

"ڪنهن وقت مان پانيان ٿو ته سنڌوءَ جون لهرون لڙکي رهيون آهن، ساڳ پياليءَ ۾ چنڊن جي چوڻڪيءَ تي مورتيون رکيل آهن جن کي ڪينڊي جا هار پيل آهن ۽ انهن جي سامهون انجلي رکيل آهي، ۽ ڪنهن وقت مان پانيان ٿو ته مان ڪيرٿر پهاڙ تي چڙهي رهيو آهيان، منهنجا اگهارا پير لهو لهان آهن ۽ مٿان سج ٽاٽي هٽي ويو آهي. اهي پيٽي ڪيفيتون منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ملن ٿيون."

....

"ادب فقط هڪ زندگي-ماپ جي اوزار وانگر نه آهي، جو فقط قومي زندگيءَ جا سارا ڏوڏا ڏيکاري ٿو، پر هڪ قطب نما وانگر به آهي، جا منزل جو طرف ڏيکاريندي آهي."

....

"بنسري وسرام ۾ وڄندي آهي؛ جن کي ڏونگر ڏورڙا پوندا آهن، تن کي سنڪ وڄائڻا پوندا آهن. سُر جي مدرتا جو اونو اجايو آهي، ساهه جي پوريءَ سگهه سان وڄاءِ ته وکون اجا به تکڙيون ٿين."

....

"لس ٻيلي جي هڪ رزمي شاعر جي جنگ ۾ هلندڙ تلوارن جي باري ۾ هڪ سٽ آهي:

'کوسيون ڪپارن ۾ ڇهتيو چڪ وڄن-'

"مان سنڌ جي قومي شاعريءَ جي هر سٽ انهيءَ ڪسوٽي تي پرکيندو آهيان."

....

شاعريءَ کي ڪيترو نه سهڻو بڻائي ڇڏيو آهي! ڇا اهي ڪٿائون هن دور جي پيڙا کي اجاگر ڪري سگهن ٿيون؟ نه فقط اهو، پر ڇا مذهبي روايتون يا ديو مالائون، مها ڀارت جون ڪهاڻيون، گيتا جا اڌياءَ يا ٻئي ڪنهن مذهبي صحيفي جا قصا ۽ ڪي اهم نڪتا ۽ جملا جديد شاعريءَ ۾ انسان جي روح ۽ هن جي ماحول جي عڪاسيءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا؟ اهو مسئلو فقط اسان جو نه آهي، پر صنعتي تهذيب جي چوٽيءَ تي پهتل يورپ ۽ آمريڪا جي ادب کي ساڳيو مسئلو درپيش آهي. ڇا هو ڪلاسيڪي تجربي ۽ هن دور جي گهڻ-رخي حقيقت جي وچ تي پل ٻڌي سگهن ٿا؟ هن دور کي پنهنجي ڪائي ديو مالا نه آهي، جا شاعري اشاري طور ڪم آڻي سگهي. ڇا هو حسن جي تصور سان اهو بنيادي جذباتي ناتو قائم ڪري سگهن ٿا، جو يوناني ديومالا ۾ ملي ٿو؟ اهو هڪ زبردست مسئلو آهي، جو اڄوڪي شاعر کي درپيش آهي. دنيا نهايت تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، تهذيبون پٺيون ٿي چڪيون آهن، زندگيءَ جا قدر بدلجي رهيا آهن ۽ مذهبن ۾ اها جان نه رهي آهي، جو پنهنجي قبلاءِ لاءِ وڙهي رئي سگهن. پر پوءِ به ماضيءَ جون روايتون ان حد تائين زنده آهن، جو پراڻا اشارا ۽ ڪنايا، تلميحون ۽ تشبيهون، ديو مالائون ۽ لوڪ ساهتيه وري نئين ادب ۾ نئين رنگ روپ، معنيٰ ۽ مقصد سان آندا وڃن ٿا. مغربي شاعريءَ ۾ اسڪائي-اسڪريپر مارڙن (Sky scrapers)، ريڊيو انٽينا (Antennae)، انجڻن جي سيٽين ۽ مشيني دور جي ٻين ڳالهين کي آڻي، جديد زندگيءَ جي فوٽو گرافي ته ڪئي ويئي آهي، پر شاعر ان ۾ اها ڳالهه پيدا نه ڪري سگهيا آهن، جا روح ۾ خنجر وانگر کپي ويندي آهي ۽ پڙهندڙ ۾ جذبا اهڙا اڀاريندا آهن، جهڙن گهري زخم مان گرم خون نڪرندو آهي.

”مان ڀانيان ٿو ته ماضيءَ جي ادبي روايتن سان ناتو ٽوڙڻ هڪ جذباتي غلطي ٿيندي. سنڌ ته اڃا جاگيرداري دؤر ۾ آهي

ٽڪ به نٿو اچي، بک به نٿي لڳي! هتي نه ڪائي مک چڪي
به نٿي ملي، پر پوءِ به مان انوکي ڪيمپ ۾ اچي ويو آهيان،
جو ڪٿي ٻي نٿو. اٿين ٿو لڳي، ڄڻ ڳهاٽو جهڙ ڇانئجي ويو
آهي، وڄون چمڪي رهيون آهن ۽ سنڌو گرجندي گونجندي
مون کي پنهنجين ڇولين ۾ ڇلائيندي وڃي رهي آهي."

....

"هو سمجهن ٿا ته مون کي ڪوليءَ ۾ اڪيلو بند ڪري
ڪائي وڏي سزا ڏني اٿائون. پاڳل ڪنهن جاءِ جا! ڀلا مان
اڪيلو به ٿي سگهان ٿو! هي ڪاليداس مون لاءِ وڪرم اروشي
پڙهي رهيو آهي، هيءَ ميران ٻائي يڪتاري تي ڳائي رهي آهي،
۽ هو ڪبير مون کي دوها ٻڌائي رهيو آهي. هي منهنجو مرشد
منهن مون ۾ وجهي ويٺو آهي. ها ها... ها ها... هن کي
ڪهڙي ڄاڻ ته ڀٽائي به مون سان بند ۾ آهي!... ۽ هو برهان
پريان جا يار، جن پيرو ڪڏهن به نه ڀڳو آهي! هو مائڪو وسڪي،
لورڪا، ناظم حڪمت- روز ميڙو لڳو پيو آهي؛ ۽ هي بنگلا
ڪوي، جنهن کي شيخ مجيب جي قوم وري ڳائي لڌو آهي،
اڄ منهنجن وارن تي پنهنجا ٻاجهارا هٿ ڦيري، مون کي آشيس
ڪري رهيو آهي."

....

"هن ڀيري مون سنڌ جي ڪهاڻين وارا ڇهه ئي سر ٻيهر
لکيا آهن ۽ هر سر ۾ ڪنهن خيال کي ان جي توڙ تائين رسائڻ
جي ڪوشش ڪئي آهي. مون کان اڳ هر سنڌي شاعر هر سر
۾ وحدت الوجود جي فلسفي کي پيش ڪيو آهي؛ پر مون هر
سر ۾ هڪ نئون خيال پيش ڪيو آهي ۽ ان جو سلسلو قائم
رکي اُن کي ڪهڙيل نتيجي تي پهچايو آهي. پر ڇا هن دور
۾ لوڪ-ساهت ۽ لوڪ-ڪٿائن سان ناتو جوڙي، ڪائي امر
ساهتڪ رچنا رچي سگهجي ٿي؟ انهن لوڪ ڪٿائن اڳيءَ

’نال سؤ ڪتر ڀڃُر ٻڌو، هنس ڪٿهين نہ جاءِ،
’پڇلي پريت ڪڙي ڪاڙهي ڪنڪر چڻ چڻ کاءِ.‘
(ڪبير)

....

”مان غالب جي ساري شاعري ردي نوڪريءَ ۾ ڦٽي ٿو ڪيان ڇو تہ هن بهادر شاهہ ظفر اڳيان هيٺن ليلڙائيون ڪيون هيون.

’آپ کا بندہ اور پهرون ننگا!
’آپ کا نوکر اور کهاؤن اُدهارا!‘

”ءِ جڏهن ساڳئي بهادر شاهہ ظفر کي انگريز قيد ڪري رنگون رئي ويا هئا، تہ غالب ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ اڏني آفيسر، سيسل بيڊن (Cecil Bedin)، کي هڪ قصيدو لکي موڪليو هو، جنهن ۾ هي شعر بہ هيو.

’حيف باشد کہ ز الطاف تو ماند محروم،
همچو من بندۂ ديرين و نمک خوار کهن‘.

(حيف آهي، جي تنهنجيءَ مهربانيءَ کان محروم رهجي وڃي، مان جهڙو پراڻو ٻانهو ءِ جهونو نمڪ خوار!‘)“

....

”رات ريڊيو تي ’غالب کي دربار آم‘ پروگرام ٻڌي رهيا هياسين. ’فيض‘ جي صدارت ۾ ڪيترائي شاعر ۽ اديب ’غالب‘ تي ءِ هن جي انبن سان رغبت تي شعر ۽ مضمون پڙهي رهيا هئا. هنن لاءِ انبن جي دعوت بہ ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان جا قسمين قسمين انب آندا ويا هئا. جنهن وقت هوُ انب چوسي رهيا هئا، ان وقت اوپر پاڪستان جا لکين ماڻهو- ٻيرو، ٻار، ٻڍا ءِ زالون- سرحد ٽپي، هندستان وڃي چڪا هئا

”شاعري اُنهيءَ درخت وانگر آهي، جنهن کي پنهنجيءَ ڌرتيءَ مان پئي، جي ٻيءَ ڌرتيءَ ۾ لڳايو ويندو آهي، ته ان جي ميوي ۾ ساڳي لذت نه رهندي آهي. هڪ ڀيري اردوءَ جي ترقي پسند شاعر، حسن حميديءَ، مون کي سنڌي هاريءَ تي اردوءَ ۾ هڪ نظم ٻڌايو. ان نظم ۾ هن ’نان جوين‘ (جوَن جو نان) لفظ ڪم آندو هو ۽ مقصد اهو هوس ته سنڌي هاري ’نان جوين‘ جي تلاش ۾ سرگردان آهي. جڏهن نظم پورو ڪيائين، تڏهن مون هن کي چيو، ’حميدي! سنڌ ۾ تو رهين يا ايران ۾؟ تو علامه اقبال جي هن شعر مان ”نان جوين“ لفظ اڌارو ورتو:-

جسے نانِ جویں بخشا ہے تونے
اسے بازوئے حیدر بھی عطا کر

علامه اقبال اهو لفظ سعديءَ جي هن شعر تان اڌارو ورتو هو:

اے سیر! ترا نان جویں خوش نہ نماید
معشوق منان است کہ نزدیک تو زشت است

پر پيارا سنڌ! ۾ ته جون جو نان ڳهوڙا کائيندا آهن. مثان سنڌيءَ هاريءَ کي اهڙي ’ڳاڙهي چوين‘!“

....

”ڪلهه رات مان ريڊيو تي امير خسروءَ جي ايجاد ڪيل ’بهار راڳڻيءَ‘ جا هي ٻول ’ڪليان سنگيت ڪرت رنگ رکين‘ ٻڌي، جهومي رهيو هوس، ته اردوءَ وارن جا وچايو آهي، ڇا پاتو آهي! ڇا هو فياض خان جا هي ٻول ’باجو بند ڪُل جائي‘، ’ڪاهي ڪو جوتي بسائو بتيان‘ يا اسد علي خان جو نٽ ٻهاڳ جو خيال ’جهنن جهنن پايل باجي‘ ۽ جهڙ جهڙ ونتيءَ جو خيال ’لاڳي نس نس موري پيا ڪهي دواري‘ اهو چئي رد ڪري ڇڏيندا ته اهي ٻول پاڪستاني اردوءَ ۾ نه آهن! ڇا هو سوامي هري داس ڀڳو باورا ۽ تانسين کي انهيءَ ڪري ڌڪاري ڇڏيندا، جو هو مسلمان نه هئا!“

....

”معلوم ڏو آهي تہ پنجاب جا ٻہ شاعر، احمد سليم ۽ حبيب جالب، جيل ۾ وڏا ويا آهن. احمد سليم منهنجن ڪيترن ئي نظمن جا پنجابيءَ ۾ ترجما ڪيا هئا ۽ حبيب جالب اردوءَ ۾ مون تي هڪ نظم لکيو هو. ڄڳت سنگهہ جي ڏرنيءَ تي ڪي تہ سچ چوڻ وارا آهن! انهن جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، منهنجو انسان جي ڀلائيءَ نيڪيءَ ۾ ايمان تازو ٿي ويو آهي. ها- عبدالله ملڪ جي گرفتاريءَ جي باري ۾ مون اڳ ئي ڪٿي پڙهيو هو.“

....

....

’جڏهن بہ مان آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو، منهنجو هٿ پستول ڏانهن وڃي ٿو.‘

(نازي گيستاپو جو سرواڻ، هرمن گوئرنگ)

....

”ٿامس مئن (Thomas Mann) هڪ جرمن يهودي هو. هن ٻيءَ عالمي جنگ کان ڪجهہ وقت اڳ هٽلر کي لکيو هو، ’تون پنهنجيءَ پوريءَ قوم کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيو آهين.‘ اهو خط دنيا جي عظيم خطن مان آهي. پر ٿامس مئن هٽلر جي پڄڻ کان اڳ امريڪا ڀڄي ويو هو ۽ اتان اهو خط لکيو هيائين. ڪيل جهڙي ڳالهہ آهي. لکين جرمن يهودي گئس چيمبر ۾ ماريا ويا، پر ٿامس مئن نہ فقط ڀڄي بچي ويو، پر هن کي نوبل پرائيز بہ مليو.

”اڻني فرڊنڪ بہ ڀڄي وڃي ها تہ شايد هوءَ ٿامس مئن کان بہ وڏي ناول نويس ٿئي ها. فن کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ وڏي ڄمار ڪيڏي نہ ضروري آهي! هو عظيم مارڪسوادي جينيس، ڪرسٽافر ڪاڊويل، بہ تہ اسپين ۾ فاشزم خلاف لڙندي جوانيءَ ۾ مئو هو. ڪيڏيون نہ سياسي، سائنسي ۽ ادبي صلاحيتون

۽ لکين ماڻهو پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، هيت هٿ پٽڪي رهيا هئا. مون ان وقت ٺڏو ساهه ڀري سوچيو هو ته 'شاعر به ذلت جي ترين ۾ ائين ئي ڪري سگهن ٿا، جيئن ٻيا ماڻهو. تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جڏهن ڪوٽي ۽ کري جي پرک ٿيندي، تڏهن هي چالاڪ ماڻهو ڪوڏيءَ جي ملهه به نه ويندا.'

"پٺاڻي جا هٿيان ۾ بيت تاريخ سان بي ذميدار شاعرن لاءِ هڪ امر اطلاع آهن:-

'ايءَ نه پاڻ پرن، جو ڪيئن ڪيري ٽنگيو،
'سونهاري صوح سين وڃي وٺن وڏو،
'نوڪي ڇوندو ڪيرن، ڪيرت ڌاران سگهو!'

—

'مون در ڇڏيو سگهو، سگهين ڪوهه ٻيا؟
'تڏهن تو پيا، وڃ سان وڻها ڏينهڙا.'"

....

"اڻويهين صديءَ ۾ فرانس جو زبردست سياسي دانشور ٽئلي راند (Talley rand) ميرابو (Mirabeau) لاءِ چوندو هو ته 'هو پنهنجو روح پيسي لاءِ وڪڻي رهيو آهي، ۽ ٺيڪ ڪري رهيو آهي، ڇو ته هو ڇيٽو ڏيئي سون وٺي رهيو آهي'."

....

"هڪ چيناڻي چوڻي آهي ته 'هڪ وڏي ٻڪ ۾ رهڻ کان وڌيڪ ڪوڙي سراپ تي ننڍو سگهي.' سان پاپيان ٿو ته اهو سراپ ئي شاعر جي وڏي ۾ وڏي پرک آهي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي جوش مليح آبادي ۽ اردوءَ جا ٻيا شاعر اڪثر هلي پرکيا ويندا."

....

”مان تنهن جي ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر آهيان. تنهنجو حال اما نمرود جي آتش آهي، جنهن کي مان اڪيلو نه وسائي ٿو سگهان ۽ نه ان کي گلزار بڻائي ٿو سگهان؛ پر حي تون ۽ مون سان گڏ ان ۾ ٽپي پوين، ته دنيا ۾ ڪجهه به امڪان جي حد کان دور نه آهي“.

....

”پنهنجو قوميت جو تصور چندن جي ٻارڻ جهڙو آهي، جنهن جي چوڌاري ڪاريهر ڦڪاري رهيا آهن.“

....

’مٿيس، جهنگل“ مٿهارَ، ڪنهن، ڪاهه مرَ ڪرهو‘
(ٻتائي) ۔

....

’آهي ٻنَ ڪي لاڪيڙي سانگت هون ڏرن ربن—‘
(مان آلي بن جي ڪاٺي آهيان، ۽ ڏينهن رات ٻري رهيو آهيان.)

....

”حي شاعري، ڀبغمبري آهي نه اما صليب تي چڙهڻ کان سواءِ نه ملندي آهي“

....

”ڪير چائي نه پيڙهيءَ پيڙهيءَ حي رت ۾ اهو ڇا پلجندو اچي ٿو، جو اوچتو ڪنهن انسان مان ابري، لفظ، رنگ يا پٿر کي زندگي بخشي ٿو!“

....

”هي دنبورو ڪوئي هر نه آهي، جو ان کي جنهن وقت به چاهين نه هلائي سگهان. هي وحشي هرڻ آهي، ۽ ڪوئي به هرڻ کي سڱن کان وٺي، ڇال ڏياري نه سگهندو آهي. ڇال لاءِ ترائيءَ جي سوجهه، پلر جي پياس ۽ اندر جي اڇل ضروري آهي.“

....

ڇيون هن ڳالهه پر ته، حق ۽ انصاف جي جنگ کان پري، ڪوئي به عظيم ادب تخليق ڪري سگهي ٿو؟ ۽ جي ڪري به سگهي، ته ڇا هن لاءِ اهو سودو مهانگو نه آهي؟ انساني عظمت کان سواءِ فن جي تخليق ڇا ڪبي! ۽ اها عظمت ته انهيءَ گهڙيءَ جي حاصلات آهي، جڏهن انسان ظلم جو مقابلو ڪندي، موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏئي ٿو. سچ چوڻ لاءِ پوري زندگي ضروري نه آهي، فقط هڪ ئي گهڙي ڪافي آهي. اها گهڙي پنهنجي عظمت جي مهر تاريخ تي هڻي وڃي ٿي. اها ئي ڳالهه آهي ته فن کي نوڙ ناٿين بچائڻ لاءِ زندگي ضروري آهي.

”ٽئگور، جي فقط ’مالهي‘ لکي مري وڃي ها، ته مها ڪوي نه ٿي سگهي ها. پر ڪانٽرتا به ته ڪويتا جو موت آهي. ڇا دنيا جي تاريخ ۾ ڪوئي ڪانئر به مها ڪوي ٿيو آهي؟ هر عظيم شاعر آزاديءَ جو پروانو هوندو آهي، ۽ پروانو ان تي نه سوچيندو آهي ته هن جي موت وقت شمع ڪيترو پگهرجي چڪي آهي.“

....

....

”اڪيين پڙهي گهڻو ڪري ڇڙي ڇينگهي، مري چڪي آهي. ڪالهوڪا رهبر اڄوڪا رهزن سمجهيا وڃن ٿا ۽ ڇڱو ٿيو. اهائي ته تاريخ جي جدليات آهي.“

....

”موت هڪ نهڪر آهي؛ موت واقعي جي نه، ڪٿ جي نشاني آهي؛ وجود فقط زندگيءَ جو آهي.“

... .

”آزاديءَ جا سوڙها پيچرا ڪڏهن نه ڪڏهن وقت شاهي رستي ۾ ملندا آهن.“

”اي سنڌ! جيڪڏهن مون کي ڪنهن سگهڙ وٽ هڪ اڌ لفظ، هڪ اڌ ٻول نظر آيو آهي، ته اهو مون هن کان کسيو آهي. مون تو لاءِ سچا ٿربا آهن ۽ پينگهن کي ڪاٺ هنيا آهن. مون رتي رتي ڪري ميڙي آهي، ان کي ڌوڙ ڌئي وانگر سونجهي صاف ڪيو آهي، ۽ تو لاءِ جهوني کان جهونا ۽ نئين کان نوان ڳهڻا گهڙيا، تو کي ڪنوار وانگر سينگاريو آهي. نه رڳو مون کي ڪوئي سڀ سودو ڪڙي نه سگهيو آهي، پر مون ڪٿي به پنهنجا پيرا نه ڇڏيا آهن. مان پنهنجا هٿ پاڻ ٿو ٻاسيان، نه ته مون تي ڪوئي گواهه نه آهي.“

....

”منهنجي ذات جڏهن به ڪنهن ڪاميءَ تي گهائل مائل ٿيندي آهي، تڏهن هن جي هڪ ڇڳ وڏي پاڻ وٽ رکندي آهي.“

....

”اي ذات! تون ڪيستائين پٽ ـ ڪيڻنَ مان پٽ آئندي رهندينءَ؟“

....

”پٽائيءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ’سامي‘ منهنجو ڳوٺائي هو. هو منهنجيءَ شخصيت جو هڪ پراسرار حصو ٿي رهيو آهي. جڏهن به ماحول مون کان ڌاريو ٿي ويندو آهي، مان ’ساميءَ‘ کان سام گهرندو آهيان ۽ هونءَ منهنجو ’ساميءَ‘ سان سدائين جهڳڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانت کان لهرائيندو آهيان. اڄ جڏهن مان موت جي منهن ۾ پهچي چڪو آهيان، ’سامي‘ وري مون کي پناهه جو پاند آڇي رهيو آهي. ڇا، مان هن ويدانتيءَ مان جان ڇڏائي نه سگهندس؟ ڇا مان اڪيلو، ني ڀؤ موت ڏي اکين ۾ گهورڻ ٿو سگهان؟ ڪو ڪيڏا نه نرڪهه وارا تڙ ڏسي رهيو آهي! ڇا، مان سڌو ڇلانگ ڏيئي،

”اڄ نه چنگ، ڪنهن نؤورنيءَ جي چپن وانگر، منهنجن چپن تي ڪيپ ۾ اچي ويو آهي.“

....

”اڄ نه شاعريءَ منهنجي من کي ائين قابو ڪيو آهي، جيئن شڪري جي ڪڇيءَ ۾ پيرن جا گهنگهرو ڇم ڇم ڪندا آهن، جڏهن هو ڪبوتر تي جهٽپ ڏيندو آهي.“

....

’ٽڙنيءَ لوڏي ٽلُ، سير ڪنڌ سان سڙها ڪيا-‘
(ڪنيار)

....

’اڄ رات جو ڪيڏانهن ٿي وڃين؟‘
’پنهنجي پرينءَ کي ملڻ‘
’هيڪلي ويندي، تو کي ڊپ نٿو ٿئي‘
’مان هيڪلي ڪٿي آهيان، منهنجو پيار، جو مون سان گڏ آهي!‘
(امارو)

....

’وٻا سڄي عميق ۾ سنهڻ ڪانو ڏيئي-‘
(ينائي)

....

”امرت ويلو آهي. صبح جا چار لڳا آهن. مون مومل راڻي جا ٻه چار بيت لکيا آهن. ائين ٿو لڳي، ڄڻ سوم-رس جا ٻه چار مٽڪا پي ويو آهيان.“

....

’رُنڌي رات وهاءِ، چڪائيندي ٻنبون-‘
(ينائي)

....

”ماڻهوءَ جي رت ۾ هن ڌرتيءَ جي آکاڻيءَ آجيو ڪا سان ڪونہ ڪوڙهو ڪانداٻو آهي. مون جڏهن رگ ويد ۾ وايو، اوشا، راتڙيءَ، اندر وغيره جي باري ۾ گيت پڙهيا هئا، تڏهن منهنجي لوُنءَ اُوڙءَ ڪانڊارجي ويئي هئي. مثال طور انهن گيتن ۾ رات کي هڪ ’ڪارو واڙو‘ چيو ويو آهي، جنهن ۾ چلڪندڙ گانيون بند آهن، اوشا هڪ گوالي جي روپ ۾ پرڪهٽ ٿئي ٿي ۽ واڙي جو ٻنڊو کولي ڇڏي ٿي، ۽ گانيون گدگد ٿينديون، ڇلانگ ڏينديون، ٽڙي پکڙي وڃن ٿيون - اهي گانيون سج جا شعاع آهن. اهڙا گيت مون تي اهو اثر ڪندا آهن، جو قلندر شهباز جي درگاهه تي ڌمال جو آواز پيدا ڪندو آهي، جڏهن زائر اکين شيو-پنٿن وانگر جهومندا آهن. مون کي هڪ مغربي نقاد جو هيئن نڪتو ڏاڍو وڻيو هو- ’ڪويتا ٻوليءَ جي پردي پٺيان ڪنهن پراچين شبد جو پراهون پڙاڏو آهي‘.“

....

”جرمن ليکڪ هاف مئن (Hoffman) چوندو هو تہ سنگيت ٻڌي، هن کي سر، ون ۽ واس ۾ هڪ ڪجهو ۽ گهرو ناتو نظر ايندو آهي. هن کي ٻڪ هئي تہ انهن سڀني کي روشنيءَ جي ساڳئي تروري جنم ڏنو آهي، ۽ اهي اننت ۾ ڪٺي ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. گهڻن ڪاڙهن گلن جي سڳنڌ هن تي هڪ عجيب اثر پيدا ڪندي هئي ۽ هو ڪنهن سپني ۾ اچي ويندو هو ۽ اڻين ٻائيندو هو تہ ٻرڀان ڪنهن ناد مان آواز اچي رهيو آهي. هن ان حد تائين چيو هو تہ ’اها ڪائي نِلهي چوٽي نہ آهي، جي ڪوئي سنگيت ڪار ائين چوي تہ ”سر جي روپ ۾ ون ۽ واس هن جي اندرينءَ سوجهہ ٻوجهہ تائين پهچي ٿو“.‘

”مان ٻانيان ٿو تہ هو ٺيڪ چوندو هو. هڪ سنگيت ڪار ون ۽ واس کي سر ۾ بدلائي سگهي ٿو ۽ سر کي ون ۽ واس ۾ بدلائي سگهي ٿو.“

....

ڇوانهن جي ٻاڪر نٿو وڃي سگهان؟ اڄ ’ساميءَ‘ مان منهنجو ٻويون ڏهيڙو آهي، يا نه مان هميشه لاءِ هن جي آڻ مڃيندس يا هن کي پاڻ مان ترڙي ڪڍندس. پر ڇا اسان ٻئي ٿڌهي نٿا سگهون؟ ڇا اسان ۾ ايڏو وڏو مت ڀيد آهي؟ ڇا ويدانتي ناستڪ جو نهٺو نارءُ نه آهي؟“

....

”هڪ ڀيري اسان ٿيءَ کان ننگرپارڪر جيپ ۾ وڃي رهيا هئاسين. لونيدار نالي ڳوٺ ۾ هڪ چاءِ جو هوٽل هو، جتي اسان جيپ روڪي. اوچتو پريان سريلو آواز آيو، جو منهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ ڇري وانگر پيهي ويو. مون ڪناڻي ڏٺو ته ٻه ٽي فرلانگ پري ڪي هاري کيت ۾ ڳائي رهيا هئا. اسان کيڙيءَ مان پنڌ ڪري، ان کيت وٽ پهتاسين. ان وقت آڪاس آڳميل هو ۽ اتر اوڀر ۾ ڪرال ڀڪا ٽي ڪڪا. کيت ۾ ڪڻڪ ٻيل ۽ ٺڪر گڏ ڪري رهيا هئا. وچ جي چڪائن مان هنن جي ڪنن ۾ پيل گوڪرو ۽ مرڪيون چمڪي رهيون هيون ۽ هو هڪ عجيب سر ۾ ڳائي رهيا هئا.

’آڙنگيو آيي مان
اونڌو ڳجي ٿو ڳاجڙلو
همرچي جو ويلو
ٿڏي مند جو وائرو لڳو....‘

”جنهن وقت هنن ’همرچي جو ويلو‘ لفظ ٿي چيا، تنهن وقت اوُنءَ اوُنءَ مان صدين جا مسرات ٿي ايري ويا. اهو همرچو ٻڌي کهڙو ڪافر چوي ها ته سنڌ جي منفرد ثقافت ڪي اهميت نه آهي!
”اڄ مون هڪ لوڪ گيت ’نئون همرچو‘ لکيو آهي.“
....

”منهنجي ڪوتا نوڪي امر بڻائي ڇڏيو آهي. مان تنهنجي پيار جو قرض چڪائي چڪو آهيان؛ هاڻي تنهنجي سار مون کي ستائيندي نه آهي.“

....

’جڏهن ڪنهن شاعر جي چمار وڌي ٿي ۽ هو گهريءَ نگاهه ساز هر شيءِ کي ڏسڻ لڳي ٿو، تڏهن انهيءَ هر ڳالهه جي، جنهن کي ماڻهو سونهن چون ٿا، ۽ سرير جي هر ڪامنا جي، هن لاءِ اهميت گهٽجي ٿي وڃي. جنهن کي دور رس نگاهه آهي ۽ جنهن زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون آهن، ان لاءِ رڳو بسنت ئي پياري مند نه آهي ۽ نه وري سرءُ ئي سڀ کان بري مند آهي. اڪثر هلي، هو سونهن کي سرير جي ترتيبءَ لاءِ نتو کولي استينڌال (Stendhal) هڪ هنڌ چيو آهي ته ”اڪثر مون لاءِ سونهن اها شيءِ هوندي، جا ٻاجهاري هوندي، جا منهنجي ڪارج جي گهڻگهري ۽ منهنجي پروسي جي ٻانهن ٻلي هوندي ۽ جنهن کي منهنجي سوجهه ٻوجهه سان ات اڪنڊ هوندي. اڪثر مون لاءِ ڪوجهائي رڳو ڏاڍ، لوڀ، ڪوڙ ۽ مورکتا ٿيندي“.‘

(اينڊاسٽارڪي ’بودليئر جي زندگي‘ ۾)

....

”اڄ منهنجو پٽ، انيس، آيو هو. هن چيو ته ’ڪالهه رات گهر ۾ چور ٽپيا ها. اسان ڪوٺي ني ستل هياسين. ڪڙڪي ني اسان کي جاڳ ني ويئي ۽ هن ڪٺهڙي ڪان هيٺ ڏٺو ته ٽي ماڻهو بيٺا هئا. پوءِ هن ”چور، چور“ جون دانهون ڪيون، ته مون کي جاڳ ٿي ويئي. مون سيرانديءَ ڪان رڪيل روالور ڪڍي هوا ۾ فير ڪيو، ته چور ڀڄي ويا. پر شور تي جيئن روحي جاڳي، هن جو اڌ ڌڙ نستو ٿي ويو ۽ اڃا تائين ڪٽ تان اٿي نٿي سگهي. ڊاڪٽر چون ٿا ته هن تي هراس جو اثر

‘ٻولي، جا حسن ۽ معنيٰ جو گهر آهي، انسان لاءِ ٻاڻ ڏي
سوچي ٿي ۽ ٻاڻ ٿي ڳالهائي ٿي، ۽ پنهنجي ٻاهرئين ٻڌل سان
نه، پر پنهنجيءَ اندرينءَ وهڪ جي تڪ سان موسيقيءَ ۾ بدلجي
وڃي ٿي. ٻوءِ ڪنهن ڀرپور نديءَ وانگر، پنهنجيءَ تڪ سان
پٿرن کي چمڪائيندي ۽ ٻن-ڇڪيون ڦيرائيندي، ٻوليءَ جي
وهڪ پنهنجي طور طريقي سان ترنم پيدا ڪري ٿي ۽ ڪيتري
صورتون ٺاهي ٿي، جي اڄا تائين نه کوليون ويون آهن ۽ نه
سوچيون ويون آهن ۽ نه وري انهن کي ڪوئي نالوءِ ڏنو ويو
آهي. ان وقت يوري (Yury) محسوس ڪندو هو ته هن جي
ڪم جو گهڻو حصو هن پاڻ نه ٿي ڪيو، پر اهڙيءَ طاقت
ٿي ڪيو، جا هن کان مٿانهين هئي ۽ هن کي ضابطي ۾ رکي
رهي هئي.‘

(پيسٽرنڪ ‘ڊاڪٽر زواگو‘ ۾)

....

"جنوريءَ ١٩٦٤ع ۾ مان ۽ منهنجا ڪجهه دوست نربدا
نديءَ جي ڪناري تي پاڻيءَ ۾ پير ٻڏائي رهيا هئاسين. اڇو
اجرو پاڻي کجڪاٽ ڪندو وهي رهيو هو ۽ ندي نري تائين
نظر اچي رهي هئي. ٿوري پنڌ تي مالوا جي روپمتيءَ ۽
باز بهادر جو محل هو. وقت ان کي جهوري کنڊر بڻائي رهيو
هو. اڄ مون کي اها ندي ياد اچي رهي آهي، جنهن جي اوجر
۾ اچاڻ کي مانهوءَ جا ميرا پير مٽائي نه ٿي سگهيا، ۽ مان
سوچي رهيو آهيان ته منهنجيءَ شاعريءَ به ته اهڙو ئي محل بڻايو
آهي ۽ ان مان پيار جي سڳنڌ ۽ سنگيت جي مڌرتا دور دور
تائين ڦهلجي چڪي آهي. ڇا زندگيءَ جون قاتل قوتون ان کي
مٽائي مٽيءَ جو ڍير بڻائي ڇڏينديون، ۽ ڪجهه صدين کان پوءِ
ان وٽ ويهي، ڪي ٻانري تڏو ساهه پريندا ۽ ڪنهن نئين محل
بڻائڻ لاءِ سوچيندا؟"

....

"ڪالهه ٽري ڏاڙيل، جمل، منهنجيءَ ڪوليءَ ۾ گهڙي
آيو. هو قد جو پورو پنو، هاٿيءَ جو سنهون ۽ منهن جو سانورو
هيو. هن جي قد ڪاٺ ۽ ڊيل ڊول مان ڏاڍي مڙسي نه ٿي بکي.
باقي هن جون اکيون ڄڻ رت جون ٽهيل هيون. مون هن کي
اکيون ڇنڀندي نه ڏٺو. هن لي جسم ٽيپ ملي هئي، ۽ ڏهاڪو
سال سزا ڪاٽي چڪو هو. هوزءَ نه پوليس رڪارڊ موجب هن
اٺويهه خون ڪيا هئا ۽ ڪيئي ڏاڙا هنيا هئا، پر هن تي فقط
هڪ ڏاڙو ثابت ٿيو هو، جنهنڪري هن کي سزا آئي هئي.
هن ان ڏاڙي جي باري ۾ چيو، 'اسان ستر نهن ڄڻا هياسين،
پوليس سڀني کي گرفتار ڪري لاڪپ ۾ رکيو هو، پر اسان
اتان ڀڄي نڪتاسين ۽ ٿاڻي تان سپاهين کان رائيفلون ۽ گوليون
به کسي آياسين. ٻيا ساٿي ته وچ تان ڦٽي ويا، باقي اسان ٻه ڄڻا
پنڌ پياسين ته جيئن ڪڇ جي رڻ مان لنگهي سرحد ٽپي وڃون.
مان ڀارت ۾ ڏاڙو هڻي، پاڪستان ٽپي ايندو آهيان ۽ پاڪستان
۾ ڏاڙو هڻي، ڀارت ٽپي ويندو آهيان. مون لاءِ ڪابه سرحد نه
آهي. سو مون ڪالهه ٿي ڪئي ته اسان باقي ٻه وڃي ٻچياسين.
منهنجو ٻيو ساٿي مسلمان هو. پوليس وارا اسان جي ڪڍ هيا،
هڪ هنڌ مقابلو به ٿيو پر اسان هنن تي فير ڪيا ته هو ڀڄي
ويا. جڏهن رڻ ۾ پهتاسين ته اڌ رات ٿي وئي. هوزءَ ته مان
تارن تي ڏسي اٿڻ گولي ويندو آهيان، ڄڻ ابي جي گهر ٿو
وڃان. پر اسان ڏاڍا ٿڪل هياسين ۽ ويٺاسين مس ته ننڊ ويڙهي
وئي. جاڳ ٿي، ته سج ڪافي مٿي اچي چڪو هو. مون پنهنجي
ساٿيءَ کي ڏنڊاڙي اٿاريو مس، ته هن کي ڇنگهه ۾ گولي
لڳي ٿي وئي ۽ هو ڪري پيو. مون ڊوڙي پٽ جي اوٽ
ورتي ۽ پوليس تي گوليون هلايون. اڌ ڪلاڪ ڊز ڊز ٿي ۽
پوءِ پوليس پٺتي ڀڄي وئي. مون پنهنجي ساٿيءَ کي ڏٺو ته
هو پنڌ ڪرڻ جهڙو نه هيو. مون هن کي ڪلهي تي کنيو ته
هن چيو، "جمل! ڏينهن ٽپي ويو آهي، تون مون کي ڪٽي

ٿيو آهي ۽ جي هن کي ڪوهه مريءَ يا ٻئي ڪنهن شهر ۾ تفريح لاءِ وٺي ويندا سين ته هن جو من ٺيڪ ٿيندو ۽ هوءَ ٺيڪ ٿي ويندي'.

"مون هن کي چيو ته 'منهنجو فڪر نه ڪيو ۽ سڀني کي ڏانهن نڪري وڃو'.

"اڄ مان ڏاڍو منجهيل آهيان. ڇا، مون کي اهو حق آهي ته پنهنجي آدرش جي ڪڍ لڳي، پنهنجي ساري ڪٽنب کي ايترا ڏک ڏيان؟ هو نه اهو سمجهي به نٿا سگهن ته مان ڇا لاءِ ٿو وڙهان! ڇا، مان خود غرض نه آهيان، بي ذميدار نه آهيان؟

"مون اٽڪل ٻه سؤ صفحا نثون شعر لکيو آهي، ۽ جي هي حادثو نه ٿئي ها، ته هزار صفحا لکي وڃان ها. اڄا ته مون فقط بيت ۽ وايون لکيون آهن. جيستائين روحي ٺيڪ نه ٿيندي، مان ڪجهه به لکي نه سگهندس."

....

....

"اڄ روحي جبل تي آئي هئي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ ويهارو ڏينهن رهي ٺيڪ ٿي ويئي آهي. هاڻي مان ننڊ ڪري سگهندس ۽ مون کي سگريٽ پي پي رات ڪاٽڻي نه پوندي. جي وري ڪيفيت طاري ٿي، ته لکي به سگهندس. پر ڏات وڏي ڇنال آهي، هڪ ڀيرو ڀڄي وڃي ٿي ته ان کي ٻيهر وس ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي."

....

'ڪلپت سپ' ڪٿي، اِسٿت ٿي آڪاس جاڙ-'
(سامي)

....

....

نشن وڳي وغيره معمولي ڳالهين تي وڪامي ويندا آهن. جيلر صاحب ته ٺهيو، پر جي ڪوئي مقدم به هنن سان ڪلي ڳالهائيندو آهي، ته هو تان قربان ويندا آهن. پر جي هڪ پيرو هنن کي غيرت آئي ۽ ڇتا ٿي پيئا، ته هنن جي اکين سان واڳهه کهوريندا نظر ايندا آهن. مون انهن کي وڪالت جي پيشي ۾ چوويهه سال ڏٺو آهي. هو پوليس، قانون ۽ عدالتن اڳيان ڏاڍا هيسيل هوندا آهن. ججن جون چانديءَ جون عصائون ۽ وڪيلن جا ڪارا جبا ۽ ٿلها ڪتاب ڏسي ۽ انگريزيءَ ۾ هنن جي گٽ مٽ ٻڌي، هو رعب ۾ اچي ويندا آهن. پر جي انهن مان ڪنهن جو پوٽ پيچي پوندو آهي ۽ هو بندوق سڌي ڪندو آهي، ته پوري ضلعي جي پوليس کي ڪيئي ڏينهن پنوائيون هونديون آهن. بچو بادشاهه ۽ پيرو وزير ته انگريزن جي دور ۾ ٿيا هئا، پر ويجهيءَ چڪ ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڏاڙيل پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي ٿر ۾ حڪومت هلائي آهي، وڏيرن کان زوريءَ ڏن ورتو آهي ۽ هنن جي نالي ٻڌڻ سان ڏي پوليس وارن ۾ ڪنبڻي پئجي ويندي آهي. سنڌين کي سپاجهڙو چيو ويندو آهي، پر مون ڏٺو آهي، ته هنن صدين جي پيڙيل ماڻهن جي اندر ۾ اڳانجهيون قاتلانه قوتون لڪل آهن - هاتڪ ادما، جي مارڻ، ڏارڻ، ڌڪارڻ ۽ لوڻ نچوڻ چاهن ٿا. هنن جا سڀ تاريخي سروڻ وڙهندي ماريا ويا آهن ۽ ڪڏهن به آڻ نه مڃي ائائون. هڪ پيري مون وٽ ٻهراڙيءَ جو ڪوئي ماڻهو ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آيو. مون هن کان پڇيو، 'تنهنجو نالو ڇا آهي؟'

'رهزن'، هن جواب ڏنو.

'ڄاڻين ٿو ته رهزن ڪنهن کي چوندا آهن؟' مون هن کان پڇيو.

'مڙس ماڻهوءَ کي چوندا آهن، ٻيو ڪنهن کي چوندا آهن!' هن جواب ڏنو. هن جي پيءَ، ڏاڏي، پڙڏاڏي سڀني پلو ۾ خون ڪيا هئا، ۽ هو سڀ پلو ۾ ماريا ويا هئا. ڳالهيون

حصا پاڻي ۾ هڪ حصو کير آهي. چاءِ، خبر نه آهي ته ڇا جو ڪاڙهو آهي! ملاقاتي پئاتا، بصر وغيره، رشوت ڏيڻ کان سواءِ، قيدين کي پهچائي نٿا سگهن. ان ڪري قيدين ۾ ڏاڍو تاءُ آهي.
ٻيو ته جيل کان ٻاهر، جا ايوب خان جي پوئين دور ۾ آزاديءَ جي لهر هلي هئي، ان جو اثر جيل اندر قيدين تي نه ٿيو آهي. هر ڪو پنهنجا حق ٿيو گهري. پاڻ ۾ سانن جهڙا اڙٻنگ مڙس هاڻي جيل جي لوهي سنترين جي پرواهه نه ٿا ڪن. هو رات جو پنهنجون ڪوليون قلفن سان بند ڪرڻ نه ٿا ڏين ۽ ڏينهن جو زوريءَ ڪم ڪرڻ کان نابري ٿا وارن. جيل جي لوهرخاني مان ڪيتريون ئي ننڍيون ڇريون ٺهرايون اٿائون، وٽن جا ڏار ڪپي ڏنڊا ٺاهيا اٿائون ۽ ٻه چار پستول به ملاقاتين جي معرفت ڪسڪائي جيل ۾ آندا اٿائون. جيل جي انتظاميه هنن کي اطلاع ڏنو آهي ته هو پنهنجي ڪٺي ڪان باز اچن ۽ ڏينهن جو پورهئي تي وڃن ۽ جيل جي قانون جي ڀڃڪڙي نه ڪن. جواب ۾ هو ساري رات ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا ۽ وارڊن جون پٽيون پڃي، سرون ڪلهون ڪن ٿا، جيئن اهي جهيڙي ۾ ڪم اچي سگهن. هو ساري رات زور سان نعرا هڻي ننڊ ڦٽائين ٿا. هونءَ ته سنڌ جي سڀني جيلن ۾ بغاوت آهي، پر جيلر جيل ۾ گهرايل اخبارن سينسر ڪري، انهن مان جيلن ۾ بغاوت جي باري ۾ خبرون ڪٽي ڇڏن ٿا. اسان جي وارڊ ۾ ٻه وڏيرا قيدي آهن، جي جيل جي انتظاميه جو ساٿ ڏين ٿا ۽ سکر ۽ جيڪب آباد جي قيدين کي لاڙڪاڻي، دادوءَ ۽ حيدرآباد جي قيدين سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيل جا مقدم به ٻن ڌرين ۾ ورهائجي ويا آهن. هڪڙا اهي آهن، جي پنهنجي خسيس لوڀ ۽ لالچ کي پوري ڪرڻ لاءِ انتظاميه جا خوشامدي ۽ چغل آهن ۽ ٻيا اهي آهن، جن کي پنهنجن قيدي ڀائرن سان همدردي آهي ۽ اندرينءَ طرح انهن سان مليل آهن. قيدي چانهه چڪيءَ، راشن جي پاڃيءَ پٽيءَ، ٻن جي ٻوڙيءَ، جوڙيءَ جي

اطلاع ملي ٿو ته ڪوبه قيدي فرار نه ٿيو آهي. اسان جي وارڊ وارا وڏيرا قيدين کي وڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؛ قيدين هڪٻئي جا مٿا ڦاڙيا، ۽ جيل جي پوليس رائفليون تاڻي، وارڊن ۾ گهڙي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. باغي قيدين جا اڳواڻ ٻڌا ويا آهن ۽ سڀني انهن کي ساهيوال ۽ ميانواليءَ جي جيلن ۾ موڪليو ويندو. هن جيل ۾ ۽ هن جيل کان ٻاهر هزارها ميل وڏي جيل ۾ ڪيڏي نه مشابهت آهي!“

....

....

”اڄڪلهه چنچر ڏي منهنجو پٽ، انيس، ايو هر ۽ چيائين ته ’امان ڏاڍي دلگير ٿي پيئي آهي ۽ اوهان سان ملڻ چاهي ٿي.‘ مون کي جيل ۾ ساڍا ست مهينا گذري ويا هئا ۽ زرينا مون سان هڪ ڀيرو به نه ملي هئي. دراصل مون هن کي ملاقات کان روڪيو هو، ڇو ته جيل جو وڏو لوهي دروازو، ڀاري ڪڙا ۽ قلف، پهري تي بيٺل هٿيار بند سنتري ۽ ڳاڙهين، پيلين ۽ سائين ٽوپين وارا مقدم ڏسي، هوءَ هراسجي وڃي ها. زندگي بي اعتبار آهي ۽ منهنجي صحت ڏينهون ڏينهن پئجي رهي آهي، ان ڪري مون هن ڀيري انيس کي چيو، ’ٻئي چنچر تي ماءُ کي وٺي اچجانءِ.‘ مون کي هفتي ۾ فقط چنچر تي ملاقات جي اجازت آهي ۽ سا به سي-آءِ-ڊي جي موجودگيءَ ۾.

”اڄ پنجين بجي زرينا آئي هئي. هن جون گهايل اکيون اڳي کان به موهيندڙ هيون پر هوءَ ڳري ڪنڌا ٿي وئي هئي ۽ هن جي ڳلن ۾ ڪَڏون ٿي پيون.

”ساهون جيل جو ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ ويٺو هو ۽ منهنجي ڀرسان سي-آءِ-ڊي وارو مفتيءَ ۾ ويٺو هو. اڄ سان هوءَ مون کي اتين چنبڙي پئي، جيئن ڪائي ول وڻ کي چنبڙي پوندي آهي، ۽ بي اختيار روئڻ لڳي. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ سنڌي هو ۽

ڪندي، هن چيو هو، ’صاحب! ماڻهن تان جهڙ جهيڙا نه لهندا آهن. اهو ماڻهو ڪهڙو، جو پاڻ نه ڪري؟‘

”مان اڪثر سوچيندو آهيان ته ڇا پاڻ هن قوم کي سمجهي سگهيا هون؟ ڇا هون اهو ڄاڻي سگهيا هون ته هن قوم جي تحت الشعور ۾ صدين کان پاڻ ڪرڻ جو بي پناهه جذبو موجود آهي؟ ڇا تصوف هن قوم سان اهو ڪار نه ڪئي آهي، جا چين سان آفيم ڪئي هئي؟“

....

”قيدين کي اسان جي وارڊ وارن وڏيرن تي ڏاڍي ڪاوڙ آهي؛ جي رات جو حملو ڪيائون ته پهريون اسان جي وارڊ تي ڪندا. وڏيرا ۽ انهن جا چاڙتا ساري رات ڏنڊا کڻي پهرو ڏين ٿا. مورچن تي جيل جا سپاهي رائيفليون ڀري بيٺا آهن. ساري رات ’سي ڪلاس‘ ۾ پٺين مان سرون پٽجن ٿيون ۽ نعرا لڳن ٿا. منهنجي ۽ پٺيءَ جي ننڊ به ڦٽي پئي آهي. جي حملو ٿيو، ته اسان به ماريا وينداسون، ڇو ته اسان به وڏيرن سان گڏ ’بي ڪلاس‘ ۾ آهيون. ويڙهه ۾ سروٽي کي ڪهڙي ڄاڻ ته ڪنهن جو ڇا ٿو ٿئي! ظالمن هٿان مارجي وڃڻ جو خطرو نه مون کي هميشه رهيو آهي، پر هن کان اڳ مون اهو سوچيو به نه هو ته متان ڪڏهن مظلومن هٿان ماريو وڃان. آخر اسان به ته انفاق سان انهيءَ ڪلاس ۾ آهيون، جتي مظلومن تي ظلم ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي.“

....

”رات جا ٻارنهن لڳا آهن. آسمان ۾ انيڪ ستارا ٽمڪي رهيا آهن. منهنجا ٻه نيڻ به انهن سان مليل، هن بي انت سنسار ۾ سمائجي ويا آهن. چوڌاري چپ چپات آهي. ڪڏهن ڪڏهن سنتريءَ جي پڪار اچي ٿي، جنهن جي جواب ۾ وارڊ جو مقدم چوي ٿو ته ’توڪل پورو آهي‘. ان جواب مان سنتريءَ کي

’ڇا ٿ ٿئي‘، هن جواب ڏنو، ’توکي سکر ۾ ڇڏي مان شڪارپور نہ ويندس‘.“
....

’سڀ انسان هر انسان جي ڪڇيءَ لڙڪن ٿا، سو تنهنجي ۽ منهنجي ۾ ڪوئي فرق نہ رک!“
(يوناني اديب نڪوس ڪازنت زيڪس پنهنجي ناول ’يسوع ٻيهر صليب تي‘ ۾)
....

’گنهگارن سڀ، ڪونهي ٻيو ڪيرت ري.‘
(پڻائي)
....

’ڪرم دنيا سان ٻڌي ٿو، پر يگيہ ارٿ (ياڳ- قربانيءَ جي خيال کان) ڪرم ڪجي ٿو، تہ ڪين ٿو ٻڌي.‘
(’ڀڳوت گيتا‘- انني بيسنٽ، ترجمو ڄيٺمل پرسرام)
....

....

”شاعر زندگيءَ جي رفتار جو جذباتي سونهون هوندو آهي ۽، پنهنجي مبهم انداز ۾، سياستدان کان اڳ تاريخ جا اهم موڙ ڏسي سگهندو آهي. پنهنجيءَ تقدير جي باري ۾ بہ هن کي پروڙ پوندا آهن. لورڪا جو هڪ نظم آهي-
’مون محسوس ڪيو تہ مون کي قتل ڪيو ويو آهي.
هو ڪئفي، قبرستان ۽ گرجائون کوليندا رهيا،
هنن کوکا ۽ الماريون کولي ڏٺيون،
هنن ٽن هڏاون پڃرن کي ڦريو ۽ انهن جا سونا ڏند لاهي ورتا؛
پر هو مون کي کولي نہ سگهيا-
هو ڪڏهن بہ مون کي کولي نہ سگهيا.‘

منهنجي عزت ڪندو هو. هن هڪ سپاهيءَ کي چيو ته اسان جي سامهون ڪاٺ جو پردو رکي ڇڏي جيئن اسان ان جي ٻنيان اڪيلائي ۾ ڳالهائي سگهون. پنجابي سي-آء-ڊي واري به ڪوئي اعتراض نه ورتو.

”زرينا ڪافي دير تائين روئيندي رهي ۽ مان هن کي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس. هن مون سان سڄويهه سال گڏ گذاريا هئا، منهنجون اوڻايون لنوائيندي رهي هئي ۽ ڪڏهن به منهنجي ادبي يا سياسي پورهئي ۾ رڪاوٽ نه ٿي هئي. جي اسان ٻنهي کي انسانيت جي ناراضيءَ ۾ توريو وڃي، ته هن وارو پڙ ڀاري ٿيندو. مون پاند سان هن جا ڳوڙها اگهي، هن کان پڇيو، ’خوش آهين؟‘ هوءَ وري وڃي سڏڪن ۾ پئي، ۽ مان ڪافي وقت هن کي پرچائيندو رهيس. ايتري ۾ سائرن وڳو ۽ جيل جون بتيون وسامي ويون. گهڙي نه گذري ته ’ٽرام، ٽرام‘ ڪري روهڙيءَ تي بم ڪرڻ لڳا ۽ جيل جون بتيون لڏڻ لڳيون. هوءَ ڀو ۾ مون کي چنبڙي پئي. مون ڏاڍو چاهيو ته سگريٽ دکايان، پر بلئڪ آئوٽ ۾ تيلي ٻارڻ جي منع هئي. مون من ۾ هن کي چيو، ’مان توکي ڪيئن سمجهايان ته تون ۽ مان هڪ هزار سال جي ڪٿي جو ڪيتو ڏيئي رهيا آهيون.‘

”اڄ ڪلاڪ کان پوءِ بتيون ٻريون، ته زرينا مون کي نهايت معصوميت سان چيو، ’جڏهن به ٻاري تيندي آهي، مان ٻارن سوڌي ڪٽ هيٺان لڪي ويهندي آهيان، رڳو معلم ٿي پڙ سان هوائي جهازن کي ڏسندو آهي.‘

”مون کي کيل اچي وئي - اسان جي گهر ۾ به هڪڙو ٻار ته ويتنامي آهي. هوءَ به کلي وئي. مون هن کي چيو ته ’مان ڀانيان ٿو ته جنگ ويجهڪ نه هلندي، پر جي ويجهڪ هلي ته تون شڪارپور هلي وڃجانءِ.‘

'اسان ٻه ڪميت آهيون، جن جون واڳون ساڳئي هٿ ۾ آهن ۽ جي ساڳيءَ اڙيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن.
'اسان ٻه نيڻ آهيون، جن جي نهار ساڳي آهي؛ ساڳئي سچئي جا ٻه پرندڙ پنکڙ آهيون.
'اسان ان سنگ مرمر جي سماڌيءَ تي ٻه پيڙا جا پاڇاوان آهيون، جنهن ۾ سونهن ستي پيئي آهي.
'اسان ساڳئي اسرار جو ٻه نارو آواز آهيون؛ ساڳيءَ صليب جون ٻه ٻانهون آهيون.'

(روسي شاعر، اوانوف)

....

'هڪ ڪهنگ آڪاس ۾ پنهنجو ڏگهو پلي پيو آهي ۽ پريان ڪنهن طوفاني بادل تان ڪوڪاري رهيو آهي؛
'چڱو ڪنهن اجنبي چاري تي ڪوئي مسافر ڏڪجي رهيو آهي.
'ڪير چوندو ته هن جو لنبو ۽ اونداهو رستو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ هن جو خوف خطرو ڪٿي ڪٿو آهي!
'رات ڏينهن جي پوئين ڇپي ڪٿهن ٻجهائي ڇڏيندي، ۽ پنهنجا تڪل پير ڪٿي پساربا؟
'الوداع، پيارا پکيڙا! تون ڪٿي ٻه پٽڪندو هجين، بسنت موٽي ايندو ۽ توکي وراڻي آڻيندو پنهنجي ولر ڏانهن، ۽ تون موٽي ايندين پنهنجي پرسال واري واهيري ۾.
'پر مان پنهنجي اجڙيل آکيري مان جلاوطن ٿي چڪو آهيان،
'۽ پٿر پٿر تي ٿڙ ڪائيندو وڃي رهيو آهيان ڪنهن آڪاس ۾ پٽڪندڙ پکيڙي جيان،
'۽ پنهنجي بي چينيءَ ۾ آنهيءَ هر ڇپ سان ريس ڪري رهيو آهيان، جا استر ۽ اڏول آهي.
'هر ڇپ پنهنجيءَ جاءِ تي اڏل بيٺي آهي، پر مان پنهنجي جاءِ تان پٽڪي، طوفان ۾ ڦيراٽيون کائي رهيو آهيان.

انهيءَ نظم لکڻ کان ڪجهه وقت پوءِ هو انهن جي فاشي ڪئن هٿان ماريو ويو ۽ هن جو لاش هٿ نه آيو.

روس جي روماني شاعر، ارمنتوف، هڪ نظم لکيو هو-

'ڏاکڻي هندن جو داغستان جي ماٿريءَ ۾
مان بيجان پيو هوس ۽ گولي منهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ هئي،
هڪ گهري زخم مان (بارود جو) دونهون نڪتو،
۽ خون منهنجي جسم مان وهيو ۽ ڄمي ويو.
مان ڌتيءَ واريءَ تي تنها پيو هوس،
منهنجي چوڌاري پهاڙيون هيون،
۽ انهن جون پيليون چوٽيون سج جي تاءُ ۾ لهسي رهيون هيون،
۽ مان خود، موت جي ننڊ ۾، ڌرتيءَ تي لهسي رهيو هوس.'

ارمنتوف جو موت ڪوهقاف جي هڪ سنسان جاءِ تي ويڙهه ۾ گوليءَ لڳڻ سبب ٿيو.

"مائڪو وسڪيءَ جو هڪ نظم آهي-

'اتي، جتي انسان جي دور رس نگاهه پهچي نه سگهي آهي-
بکايل قوتن جي رهبري ڪندو،
اٺوينهن سؤ سورنهن اڀري رهيو آهي،
۽ اوهان منجهان آءٌ ان جو پيغمبر آهيان.'

اهو نظم هن ١٩١٥ع ۾ لکيو هو ۽ ١٩١٧ع ۾ روس ۾ انقلاب آيو.

"مون اهڙا ڪيئي شعر پڙهيا آهن، جي شاعر جي پنهنجي باري ۾ ۽ هن جي دور جي باري ۾ اڳڪٿي ثابت ٿيا آهن.

"ڇا منهنجي شاعريءَ جا خواب به اهڙيءَ طرح حقيقت جو روپ وٺندا؟ ڪير چئجي!"

....

'اسان به تڙ آهيون، جن کي وڄ چمڪائي رهي آهي؛
اڌ رات جو اونداهي جهنگ ۾ به جرڪندڙ جيئون آهيون.
'اسان به پچڙ تارا آهيون، جي پاڪ جي ٻه-چانگي ٻاڻ
تي اونده ۾ اڏري رهيا آهيون.

سورٹ

'هر پنڇي پنهنجي آکيري ڏانهن رستو ڳولي سگهي ٿو،
پر مون کي اونده ۾ گم ٿي رلڻو آهي.
'اف! هي لنبو ۽ اونداهو رستو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟
'او خدا! ان جا خوف ۽ خطرا ڪٿي تائين؟
'هن ڏينهن جي پوئين ڇيڙي کي رات ڪڏهن
ٻجهائي ڇڏيندي؟
'منهنجا ٿڪل پير اڄ رات ڪهڙي هنڌ پساربا؟'
(آرمينيا جو شاعر، ٽومانين)

....

....

چوٽا چنڊن واسيان، ويروتار ورونهن؛
سورٺ ساري سونهن، اڄ اڇهي ٿِي ڪيئن ٿي.

—

مٿي چُني ۽ چيٽڙا، ويروتار ورونهن؛
سورٺ ساري سونهن، ڍاپي ڍاپان ڪينڪي.

—

گهاڙ ۽ گهڙيو ڪون، ڪنهنو تنهنجي ڪَل جيئن؛
سورٺ! توتي چون، ور ور مان واريو وڃان!

—

سورٺ! سونارن پياليون هيٺن نه پلٽيون—
آڌي ۽ رات آپار ۾، چا چا تنهنجي تن!
ونّي! تنهنجي ون، ڪندن ڪاٽيارو لڳهي.

—

ٻانهن مٿان چيچڙا، بازوبند لڏن؛
ڪچي ۽ منجهه ڪراٽيڙيون، ڪَل پٽ ڪارون ڪن؛
تيهي نور نهن، هٿ چميندي منڌ جا.

—

هٿ نه هٿڙا مون ڏٺا، جهڙا نيل ڪمل،
لهرين جمن لڙهندا ويا، تين تي پيارا پل؛
جي ۽ نه آئي جهل، ساري رات رمي وئي.

—

مان ٿِي ڀيجَلُ آهيان، مان ٿي راءِ ڏِياڄُ؛

منهنجو ڪنڌَ ڪماڄُ طلبي ڀيو تَنڊُ ٻ.

جهرمر جهرمر جهومڪيون، ٻرٻر ڪنگڻ ڪن؛
نيوڙي نٿ نيوريون، مٿان مرڪ لڏن؛
پهتا چپ چپن، سون سمايو ساهه ۾.

—

تو تي تن من واريان، تو جيئن ڪير ڪنوار!
هون ته هين سنسار جي ليلا آهه اپار،
پر مون تنهنجي پيار، سڪ جهڙو پانو سندري!

—

ڏس هو لهندي سج ۾، ڪاوا ڌا جهرڪن؛
رم جهم رم جهم تيروار، چوڌر تا چهڪن؛
چا چا منهنجي من، سرتي تنهنجي سنگ ۾!

—

ڏس هوءَ رات رتول تي، آئي ڪي آئي؛
جهرمر جهرمر ڏيئڙا، جهڙا سهائي!
آڱر سرهائي، ور ور آئي واءُ سان.

—

موتئي جهي مهڪار ۾، پيئي سيج سڏي؛
اوري آءُ، چڏي، مان نه تنهنجي آرسي.

—

مان نه ته تنهنجي آرسي، مون ۾ ڏسي ڏس پاڻ؛
آکيون آکين ساڻ، ڳالهائين ٿيون ڪجهه ۾.

—

ڏيئا تيل چنبيلئا، آهي چندن واس؛
ميليو تنهنجي سواس سان، سورت منهنجو سواس؛
من نه هاڻي ماس، سڀ ڪجهه توسان واسيو.

—

موتيي موتيي ٿي ويو، سورت تنهنجو مُکُڙُ؛
ڏرتيءَ ويڙهيو ڏکڙُ، تو جو ڏنا ٽهڪڙا.

—

ٽهڪن ٻسانُ ٽيڙي، پئي رات رتولَ جي-
منجهان ڪبيءَ کيڙي، ڇڄ ڪا مُکڙي اوچتو.

—

ٽيڙي ڏيئي ٽهڪڙا، ڪامڻ ڪري رنگ؛
سرهيي! تنهنجي سنگ، جهرڻا منهنجي جيءَ ۾.

—

ٽهڪن منجهه گُلاب جا ٽڙيا ٻاڙها گُلَ-
منهنجي توڙي پلَ، کِلندي، مُنڌَ کيڙي پئي.

—

سورت روپُ انوپ، سهسين سانگ سهاڳ جا؛
سورت! تنهنجي روپ، مايا آرتُ پرائيو.

—

جهرڪن پيا جهانءَ ۾، تو تي هيرن هارَ؛
آهڙو چيڪو چنڊ کي ناهي، سَپُ جمار:
توئيي منهنجا پيارَ! هيرن کي هيرا ڪيو.

—

سورت! تنهنجو روپُ، جئن مندر ۾ ڏيئڙا-
مون مَن مڙهيءَ ڏوپُ، سدا تنهنجي سنگ ۾.

—

تو جو نيڻ نماڻيا، مير ڪهن ڪاڏي مات؛
اکين مان الماسَ جان، اُپرين اڌيءَ رات؛
تن ۾ ٻاري تات، کيڏي آندءَ ڪامنا!

—

وائي

سورٺ! تنهنجو پيارُ
مارڳ آهي موڪ جو.

آهين راهه ڏيکاريندڙ لئه، تون سارو سنسارُ.
توسان ڪيڏو سوهڻو آهي مايا چارُ!
تون ڪو ساگرُ سونهن جو، تنهنجي سونهن آپارُ.
آڳانجهو اوري ڪري، آ ڪرڻن جو اسرارُ.
توني موهيو ڇو نه هُو، ساڪيي سرجنهارُ!

ماس ۾ هاڻي مَنِ، سَڄُ کڄهَ تو سان واسيو؛
ڇَنُ کو پَکيي يارَجو، تُنهنجو مُنهنجو تَنُ-
مَنان گهورُ گَسَکَسَنُ، آذارون آندکار ۾.

وائي

آ گَرَ يارِ نہ تون، ڇَڳون واسِ نہ تون-
مون مَنُ توسان واسيو.

وارَ وَرائي کَنَدَ تان، چوڙِي چَنڌِ سَڳيون-
مون مَنُ توسان واسيو.

کيڏيءَ ساهہ سُڳَندَ ۾، رات گذاريسون!
مون مَنُ توسان واسيو.

جيئن کي قَڳَمَ ماسَ ۾، مُکڙيون مَروي جون-
مون مَنُ توسان واسيو.

جيئن کي پنيءَ رات ۾، تانگَرَ جون تاريون-
مون مَنُ توسان واسيو.

مُشکَ آنو کيي مير گهہ جيي، اهڙيون خوشبوئون!
مون مَنُ توسان واسيو.

مير کَندُ مُرهو تو جيان، ڏنو موُرُ نہ مون-
مون مَنُ توسان واسيو.

ٻڌ! ٻڌ! ڀير ٿي آچي، سورٺ! ساڳي سَين -
آڱڻ ۾ اِنهيءَ ڇَينَ ڇايا مُنهنجي ڇِتَ مان.

—

هاڻِ ته هَر هَر ٿو وڃي، واڇو وڄُ ڌمانُ -
ڌرتيءَ ۾ آڪاسُ ڇَنَڻُ، ڪَنَ ٿا آڳَ سِنانُ:
سورَٺ! هيءُ مهمانُ، باسي ناهي ڀُونءِ جو.

—

آڱڻ اِهو آوازُ، ڪُونجو نه ڪِرنارَ ۾ -
آهي وَڏي وجود جا، صدا ناهي سازُ:
آڱڻ اهو اندازُ، مون نه ڏٺو ڪنهن منگتي.

—

ڪَنهن جا ڀَڃ ڀَڃ ٻولَ، ٻُريا ٻاهَر ٻاتَ ۾!
آڏيءَ راتِ رتولَ، ٻَري پيا ڏيئَڙا.

—

سورَٺ! هِي انسانُ، آهه آنو ڪو ڳاڻو -
هِي جو اُپريو سازَ مانِ، نِڪري ساهه سمانُ:
ماڻهو آهه مَهانُ، مُورُ نه آهي منگتو.

—

سورٺ! هي آواز يا ڪارڀهَر جي ڪاٺ!
ڪيڏي آنگَنَ آتَ، ڪيڏو لُونءِ لُڇي پَئي!

—

هوءِ جا صدا ساز جي، ڇَنَڻُ ڪا ڏيئي لاتَ -
ڏيري ڏيري ٿي وڻي، ٻَنهِي جا ٽڪاٽ:
ڪيڏي جَرَ جَراتَ، آهي اِنَ آوازَ ۾!

—

سورٺ! مُنهنجو ساهه، اَڄُ ڇو آهي اوپرو؟
ڇِڪي ٿو ڪو ڇوهه ساز، مون کي آنتُ آتاهه؛
ڪَڍِي ٻيڙ پَساهه، آنتُ ڪوبه نه آئڙي!

—

سارِي رات رتولَ ني، ڪونجون ٿيون ڪُڪَن؛
مون کي رولا روهه جا، ڇِتَ اندر چُڪَن؛
ٻُڌ ۽ مان ڦِٽ ڦُٽ ڪَن، مِٺڙ آنو ڪا سانت ۾.

—

هو ۽ جا سَپنَ وَڳيي، سورٺ تو ٻه سُئي آها؟
جَنُ ڪاڪوڪ ڪَنار جِهُن، مُنهنجي جي ۽ لڳي!
جَنُ ڪنهن ڀيتِ ڀِڳيي، آڌي ۽ راتِ رتول جي!

—

ڪيرُ هُيو سورٺ اِهو، ڪَنهن هُٿُن اهڙو وَڍُ؟
ڏاري مُنهنجو ڏِيُ، جاڄڪُ ويو جهُودَ ۾.

—

اَهڙي جهان ۽ جهَروڪَ ۾، آڳُ نه ٻُڌي ڪا،
جَنُ ڪوئي ڊامي ويو، قسمت جا ليڪا-
ڇا تو سُئي ڪا، ڪوُڪَ ڪَناري ۽ وانگيان!

—

آپري ڪا آواز سان، آڌي ۽ راتِ آئي-
هڪَر سَپن هُٿِي، مان ڪَري ويو منگتو.

—

صديون رهيي سانت ۾، آيري تو آواز-
ڪيڏيءَ جيءَ ورلوڙ سان جڙي تو هي ساز!
راڪيي سارو رازُ، ڪنجهه ڪنجهاندر ڪاهڙي!

—

پوئيون راتيون مانگهه جون، اونداهيي تيرس، *
پلا پاڻيءَ ۾ جليا، باهه نه ڪئي بس!
آءُ نه پنهنجي وس، چارڻ مون کي چائيو.

—

پکين پرَ جرڪيي پيا، پنيتُ ٿيا بڙ،
وڻ وڻ جيي، آلاپ سان، جرَ ۾ جرڪيي جڙ-
سارا تڙ آوتڙ، چمڪيا چو وڏينهن چنڊ جان.

—

سورٺ! هيي پڙلاءُ، آيو ڪنهن پولار مان،
ڪيئن ڪو باسيي پونءِ جو، ڪندو هيئن آهاءُ!
صدين جو سوداءُ، چنڊڪي پيو چت ۾.

—

سورٺ! هيءَ پڪار، ڏونگر سڀُ ڏاري وئيي-
پنهنجيءَ آديءَ سانت مان، چرڪُ پري سنسار:
ڪيڏا ڪاري وار، آهي تان تنبير جيي!

—

صديون سرجي تو پيو، رڳن منجهه رباب،
صديون پنهنجي خواب ۾، گهاري تو ڪو خواب،
تڏهن اهڙو تابُ، اچيي تو آواز ۾.

—

* مانگهه جي اونداهيءَ تيرس تي ڏورانڊي ٿيندي آهي، ۽ سندوءَ جي پاڻيءَ ۾ پلو سرندو آهي.

سورت، تنهنجا ڳهه چمڪن لڳا چنڊ جان؛
سارا رنگ رتول جا، ٻول ڪيا ٻهه ٻهه؛
چارڻ ڪيڏي ڪهه، اُڀري تو آڪاس ۾!

—

سورت! تنهنجون آرسيون مُڙي مينهن ٿيون—
آيون آنحد ناد مان، ڇڻگون چارڻ جون:
روڪ انهيءَ کي تون، ڪندو رَڪتُ رتول کي!

—

سورت، هي آواز يا شِو جو تانڊو ناچُ—
ڪاريءَ رات، ڪماچُ ڄرڪي پيو ڄرّ ۾.

—

سرسوتيءَ جي سنگ ۾، ڪاليءَ ڀيانڪر روپُ—
آڌيءَ رات انوپُ، ڪنولُ اُڀريو آگ مان.

—

جنهن کي ڌرڪي ناوَ، ڪاري ڪارونڀار ۾—
سورت! هن آواز ۾ پيڙهين جا پڙلاءَ؛
ڏيئي گهرا گهاوَ، وڍي ويندو انگڙا.

—

سُرهو ٿئي سر ڪنڊُ، ڄرڪي جيئن ڄرات ۾،
تيئن هن مانديءَ منڊُ، جلي جيءَ سُگند يو.

—

سورت! ڇا هي اوچتو، اُڀري تو آواز؟
ڄرّ ۾ ڄرڪي تو پوي، صدين ڪان پو ساز؟
آڳ اهڙو اعجاز، مون نه ڏٺو ڪنهن منڪتي!

—

مُلهه مهانگا منگتا، مير جيي صدا ڏين،
چارڻ پنهنجي چنگ سان، ماڻڪ نه ميڙين،
آڏيءِ جو آئين، پري آڳ آلاپ ۾.

—

ٻُرندڙي سات ڏئي، مٿو ٿئي مانائتو؛
متان مال متاع جيي، تو کا ڳالهه کئي!
هرڪو راهه رئي، سونُ تيئين جي مير ڏئين!

—

جيي تو ساجَهه ساز جيي، مُلهه مهانگو ناهه؛
مون سان سات نباهه، جهونا ڳڙهه جرڪيي پوءِ.

—

آءُ نه ڪاڻيارو ميان، تون ئي ڪاڻيارو —
سُر جو سات ڏئي تيئي مٿو موچارو؛
چارڻ بين چارو، راجا تو نه رتول ۾.

—


اَڻ تڻ آجائيي، راجا هيءَ رتول ۾!
جي آج تنهنجيي جندڙي وڌي ٿيي وائيي،
ستان راڳائيي، ٻئي بين موتائيين!

—

ماڻڪ ميٽيءَ جيئن، مُورُ نه پاسن منگتي؛
جهاتيون وجهيي جيءَ مان، ڪنڌ لڪائڻ ڪيئن؟
آءُ نه وڃان ايئن، هيڪر تانهي تند ڪي.

—

سورٺ! ڏِسُ نہ ڪيرُ، آجُ هِتِ آڳَڻِ آئيو؟
جَرَڪايو جنهن جيءُ کي، لاهي ماٺهو ميرُ-
پانَ نہ اهڙو پيرُ، آڳِڻَ ڏٺو مون ڪَڏهين!



هِنَ ساري سنسارَ جي مايا مَدَّ مَٽي،
تو ۾ تَنڊُ ڪٽي، مَرنديءَ تائين اوڙيءَ.

—

اچ! اچ! آجو ٿيءُ، ناڻي ڪنڊُ ڪُماچَ ڪي-
جاڙءِ منجهه جڙيءَ وڌو، جاجڪُ تنهنجو جيءُ،-
متان پاڻئين ايءُ، مون بِن سُهنڊين سَڪَّ سان!

—

آءٌ آهو اِسرارُ، جنهن ڪي تو کوليو پَٽي؛
مون کان وانجهي ٿي وِيو، تو پاڻون سنسارُ!
تنهنجو قولُ قرارُ، مون سان چائي جَمَّ ڪان.

—

جيت ڪيت آءٌ ٻُران پيو، تون ويندين ڪيڏانهُن؟
آءٌ هلي هڏانهُن، واريءَ ڪنڊُ ڪُماچَ ني.

—

تو پاڻيو سان اوچتو تو ڏي آيو هان!
وِير و تار ٻُران پيو، تندُ تپائي سان:
ها پر تو مون کان، ٻوڙيءَ ٻُجهَه لنوائيو.

—

ٻوڙُ نہ تيندي راجيا، سورٺ مُرندي مَٽُ!
مَٽَّ نہ هن آواز جي، ڪو ٻه پٿيهرُ پَٽُ؛
چائي آهي چِٽُ، آءٌ امرتا آهيان.

—

مائڪَ مٿينُ منجهه، مٿُ نہ هِنَ آوازَ جي،
ويرو تار ٻُريءَ پو مُرندو صُبحَ سنجهه،-
ڏينهن وجهين چوڏنجهه، مون کان مُنهن موڙي ڪري.

—

سورٺ کي سمراٽ تون، پيھر ڏسندين ڪڏھن،
جي تو ڪنڌ لڪائيو ھور پرائي ھٽن!
آءُ نہ وڃان ايٿن، ھيڪر ناٿي تنڌ کي.

—

جي تون ڪنڌ ڪاڄ سان، سرچائين سائين!
جيئن سدائين، جھونا ڳڙھ جھي جيءُ ۾.

—

تنھنجو گل گيرنار ۾، جي مان چيان ھاڻي،
گھڙ گھڙ گلڙا ٿيي وڃي، سٺڪو ٿي سرھاڻ:
ڪنڌ ڪڪوري آڻ، آجو ٿيءُ اقرار ۾.

—

ڏس تون پنھنجي پاڻ کي، ڇا تون ماڳيو راءِ؟
سورٺ سورٺ آ آکين، لالن تنھنجي لاءِ؟
ڪنڌ ڪپائي پاءِ، ھاڻي پنھنجي پاڻ کي.

—

جي تون منھن موڙي وڃين مون ڪان سورٺ ور!
مون لئہ پيا پيي سير گھٽا، ڪيئي داني در-
مون کي تاري پر، رُئندين رت رتول ۾.

—

جنھن بہ ٻڌو ھڪوار، ترقيي منھنجيءَ تنڌ کي،
تنھن جي وس نہ ھيٺنڙو، تنھن تي ڪنڌ ميار-
موٽيي سڀ چمار، رُئندين رت رتول ۾.

—

ڪنڌ نہ تنھنجو ڪنڌ، ھاڻي مان آن جو ڏٿي،
پيرن ۾ پينار جي، پارڪ تنھنجو پنڌ!
چئن نہ ڏيندءُ ھنڌ، سڪيئي نہ ايندءِ سبج ٿي.

—

مٿو هڻن مٿڙ، پير آڇا پيي پنڌ ۾:
چارڻ! مٿهه نہ ڪٽڙ، اُن ڪي توري تنڌ سان.

—

مٿان مٿو پائنيين، ناهي ڪائي وٿ!
ڪيري ڪينئر پٿ، موکي وَيٺي منگتا!

—

پيجل! پيجل! تو جيان، ڪيئي ڪينئر پٿڙ؛
پر هي مٿو ڪورجيي، مٿي ڪان آهي مٿڙ؛
چارڻ! مٿهه نہ ڪٽڙ، اِن ڪي توري تنڌ سان.

—

آهي پرڪٽ پڳار جيي، مٿڱڻا هيءُ مٿو،
جيڪو آڄ لٿو، ترقيي تنهنجي تنڌ سان.


—

تنڌ نہ رکو لوهہ، مٿو گُل گُلاب جو.
مٿو، جنهن ۾ موهہ، ايڏو آهي تنڌ سان.

—

ڪيئن چاڙهي ڪنڌ، آڳي ڪان آڳرو ٻري؛
هيءُ اُنهن جو هنڌ، مڙ تي جن مينهن واريو.

ڪيئن لهوءَ لال، آڳي ڪان آڳرو ٻري،
تندون رتّ جهپيليون، پوءِ انوکو پال،
هئہ هئہ تنهنجو حال، موٽائڻہ جي منگتو!



نوري تماچي

واڻي

مٿي ڪهڙو مٿل -
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

اڄ ڪوئي گرنار ۾ ناهي ٿهڙو ڳل -،
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

چارڻ آيو چنپ ۾، لوڪ ملاچو ٿل -
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

تند ککوري ڪند سان، تند نه ڪوئي ٿل -
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

ڪند ڪيريو، آڪاس ۾ نئيو ڪوئي نل -
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

سر ڪٽجي سر تي وٺيو، پورا! ڳاله نه پل -
گهوريو، گهوريو، گهوريو!

(١)

ڪيڏي ڇيلُ ڇٽ، آهي ڪينجهر ڪنڌ يئين!
سارا پڌر پٽ، ڪيڪيءَ هاٿيون ڪاريون!

—

ڪيڪيءَ ڪاريون جندڙيون، هيئنان ڇيچيءَ ڇڄ؛
تين کي ڪهڙي لڄ، جين کي ساڙ سڳند سان.

—

تماچي! تڙ آءُ، نه مهيءَ مهانڊي نيي وڃي؛
توکان سواءِ سپرين، سپ ٻه ڪيڪيءَ ساءُ؛
آلا، مون کي ساءُ، جتي چاري اڇليو!

—

ڪلهه مون ڪنول ڳل، اڇي تين کي آچيا؛
پو نه پڏين ها لوڪ جا، ووءِ هلاچا هل؛
بس هيءَ منهنجي ڳل، ميائي مهڪي پئي!

—

آءُ آواهي آهيان، سر تنهنجي سام؛
تماچي تڙ جام، موهي متان ڇڏئين!

جڏهن مون ڳنڍڻ وڌي، وڌيئي تيئن وجود کي؛
ڇو تون ڇڏي سمهيون، لڳين منهنجي ڪنڌ؟
ڇا هيءَ تنهنجي آڏ، يا مون ۾ ڪائي مٺيا؟

—

وڄ، وڄ، چام ميان، گهوريو تنهنجو پريتڙو!
وڄاءِ وڌي وجود ۾، تيرڇي ڪاٽ جيان!
ڇڏ، مان ٿانءِ ٿيان، ڪکيءَ مان ڇو ٿو ڪڍين؟

—

پٽ ۾ ٻيهي پاءُ، مون کي سمجهي اوپرو؛
ڪکيءَ ۾ خوشبوءِ ٿيو، سما تنهنجو ساءُ؛
لڳو انتر واءُ، ويڙهو مون سان واسيو.

—

اڳ ۾ ڌي مون ۾ هيو، سما تنهنجو ساءُ؛
تو سان منڊ ميلاءُ، ايئن نه آهي اوچتو.

—

مون مارينديءَ مڇيون، چاريون وجهنديءَ چڇ،
تنهنجي ڏيکاريءَ ڌني، هر هر اپري آڇ؛
سارا راتيون رڃ، رانول تو سان رڳيا.

—

جڏهن موراکيون منڊ ني، اپري ٿپا ڏين؛
تو کي تن مارين، ساجن، منهنجا آڳڙا.

—

جڏهن پائيءَ ني ڪانيرو، تيرچو جهڙو تير؛
منهنجو ساهه سرير، تو اڻن جهپهو جهپ سان.

—

ڪيئن چوان ڪينجهر، نوريءَ کي نوري ڪيو!
ڳڏريون ڪيئي ڳنڍريون، ڄام نه آئي ڄر؛
نوريءَ پر ڪئي پر، ڪينجهر کي ڪينجهر ڪيو.

—

ڪيئي ڪينجهر ڪنڌيون، آيون آهون ڪن؛
ڳڏريءِ ڪيئي ڳنڍريون، سهسين سال سڪن؛
تنهن کان پوءِ آچن، تڙ تي ڪنهن لئه تڙ ڏئي.

—

ماڙيءَ تي ماڪ ۾، ڪيڏا ڪيڪيءَ ڏير!
ڪنول چونڊيو ڪنڌيون، آئي آسر وير؛
متان پريءَ پير، ڇڇيءَ کان ڇيرڪي وڃن!

—

ڄارو ڏسي ڄام، متان ماڱر ڇڏئين!
ڄٽي ڪاڻي جيندڙي، اڪيئه نه اهڙي عام؛
جهي تو ماڻهوءَ مام، موت نه ڳوڙي مهيءَ کي.

—

پاڇو ٿي پدرو، اڏيءَ اکيان ڄام جو؛
آڪيئه نه اهڙو آئيو، مباڻيءَ متان ڪو؛
ڇڇيءَ ڇيرڪ پدرو، ڳهوڙ نجي ڳنڍري.

—

وائي

سدا لوڪَ مٿي، ڪينجهر ڪنڌيءَ ڪي
تانگهه تماچيءَ ڄامَ جي-

ٻَل ٻَل آئي ننڊَ مان، نوري ڇيرڪَ ٻَڌي-
ڇيڇيءَ هاٿا ڇَڄَ ٿو اَيري چنڊُ ڇُمي-
هيٺان ڪڪيءَ ڪاريون، مٿان ماڪَ وَسي-
ڄڻُ ڪي اکيون آسري، ڪنول ڪنڌيءَ تي-
ٻوڏي آنَر واءُ ۾ لهرين تي لَٽڪي-
جيسين تُون ني تُون ڏٺي، سُهڙي سيجَ چڙهي-
تانگهه تماچيءَ ڄامَ جي،
تانگهه تماچيءَ ڄامَ جي.

—

ڪيڏيون ڪينجهڙ رانڙيون، تڪيندي تارا،
تو لئي مون واجهائيو، چارڻ! وجهي چارا؛
ڪنهن چانو پيارا، تون هيئن ايندين اوچتو!

—

آيو، آيو، ڳنڍريون، متان نہ وسهو!
ڪلهہ جو منهنجي ساهہ ۾، سمي جو سپنو،
اڄ ساپيا آ سو، آچو، وار وڇائيو!

—

اچو وار وڇائيو، آ ڪين ڏونو پٽ!
مور نہ آن جو مٽ، مون جو تانيو تر ڏٺي.

—

مون تانيو جو تر ڏٺي، ڳنڍريءَ ڪنهن نہ ڳمان!
آيو، آيو اوچتو، ساجن سج سمان؛
ماڇر آهہ مهان، نوري جنهن نپائيمي.

—

سسئي

وائي

ڪيڏا ڪينجھَر ڪنڌين آھن اوسيڙا،
تماچيءَ جي تانگھہ ۾.

ھي ساوڻ جي سِجَّ جا، ڪُونڌُن تي ڪيرٿا،
تماچيءَ جي تانگھہ ۾.

وَرَ وَرَ اَترَ واءُ جا، لھرين ڪي لوڏا،
تماچيءَ جي تانگھہ ۾.

جنھن کي اکيون آسري، ڪَنولَ تيئَن ڪيڙيا،
تماچيءَ جي تانگھہ ۾.

ڪيڏا چِڃيءَ چِڃَّ ۾، سڳنڌيا سُپنا!
تماچيءَ جي تانگھہ ۾.

(١)

ڏسُ ھي نديءَ نيرُ، ٻيھي ٻيھي ڪينڪي؛
سو گھوڪيرڙُ ڪرائيرُ، ڏسِ نہ ڪنھن جي وھڪرو.

—

تو ڏوئيندي ڪپڙا، لھڪي لھر وڃي؛
آئي لھر نئي، ڏسِ نہ ڪنھن جي وھڪرو.

—

ٽھڪي پيئي منڊ، تاريءَ گُلُ تيڙي پيا؛
موڙُ نہ آھين منڊ، تون ڪالھوڪي نينگري.

—

چڻُ ڪي انگيءَ چارَ ۾، نيڙ تا تڙڦن!
پاڻيءَ ۾ پاڇو پيو، ڏٺو منڊ لڳن؛
ترنيءَ پنھنجي تن، ھيرڪي ھٿ گھمائيا.

—

جھرڪي جرَ جي آرسي، مُرڪي منڊ ڏٺو،
جوڀنَ ڦوھ مٺو، پڪل ميوو منڊ جو.

—

ميندي رتا پيرڙا، پاڻيءَ ۾ لاھي،
منڊ ڏٺيون پنھنجون پنيون، پڙي ڪي ناھي،
ماڻھو ڏسُ چاھي؟ متجين آئي موڙچا!

—

ڪنڌيءَ متان ڪنگڻ، اَجھُ آڳي ڪان آجرا!
ڏڪڻ ڦلن جي ڏيرِ ڪي، ھي سڀ جوڀنَ رنگ.
آنگ نہ ماڳيا انگڻ، آڪُھ نہ ھيٺن آناولا!

—

ڪيتي آن، ڪنهن جاءِ تون؟ ساجن سيج ورن!
توکي منهنجي من، جهڙ جهاڳيندي ناتيو.

—

جهڙ ڦڙ جهور جهکور، جوين آگم ڏينهڙا؛
جر ٿر بوندون بوند ۾، من ۾ نچن مور؛
آڪيون ڪڪر ڪور، سارنگ سيرجن ساهه ۾.

—

ماڻهوءَ وس نه هينئڙو، جوين نديءَ ٽڪ؛
ڪانهي ڪنديءَ ڏڪ، سانداري ۾ ساهه کي.

—

پيا ڏار ترن، سهسين سورج نيروا؛
آيون ڏوبيءَ گهاٽ تي، ساجهر تازي تن؛
مرن متان گجريون، پيئون ڇم ڇم ڪن؛
جلوي جهڙپ جهپن، پرتيائيون پانڌيڙا.

—

سهسين سورج نيروا، پاڻيءَ پاٽ نه ڏس!
جوين تنهنجو جس، ساهون نديءَ نير تي!

—

ڏوبي گهاٽ، وريٽڙيون، ٽمن ڏائڪ بار،
ڇڳيڙون، ڇچليون گالهڙيون، ڪنڍيون آڪين تار -
ڪيڏو مايا چار، مڙهيو ماڻهوءَ هينئڙو!

—

ڦيڙا بار، آليليون، مرڪون موتين ٽل،
ڪل ڪل ڳاڙها ٽل، ڏاڙهونءَ تاريون آنگڙا.

—

جوڀنَ جهُڙاليءَ، لَڳَنِ ساريءَ لوءِ تي؛
هَرِ شيءِ جَنِ کنهن مَدَّ سان، ٿِي وِئي متواليءَ؛
لائِي نِراليءَ، آلهڙ تي اُڀري پُئي.

—

آ کيون تنهنجون کامِڻي! مَدَّ ڀَريون پياليون،
نِتُ نِتُ نِراليون، کيپُ کٿي ٿي کونهِ ٿو.

—

جوڀنَ ڀريان ڏينهَڙا، ساوَڻُ گهاٽا مينهَن،
سارا سارا ڏينهَن، جهڙُ نہ لَهي جيءَ تان.

—

جوڀنَ ڀريان ڏينهَڙا، ڦَڳُڻَ ۾ جيئن ڦُلَّ،
مؤرُ نہ تن جي تُلَّ، سارا ڏينهَن چَمار جا.

—

جوڀنَ ڀريان ڏينهڙا، گهٽاڻون گهنگهورُ،
مَنُّ آنو کو مورُ، نَچي تن سان تَپَّ ۾.

—

جوڀنَ ڀريون راتڙيون، وَسِهڙ جا وَنگَ،
جن ۾ آتيل انگ، چِمبڙ نہ ڀانئن نينڊَ.

—

جيئن آنبن ۾ ٻُورُ، چَٽيءَ آنهي انڙيون،
تيئن کو ٻرينءِ پُورُ، آلهڙ ۾ اُڀري پَيو.

—

ڪِٿي آن، کنهن جاءِ تون؟ آچ وارا آءُ!
منهنجو لؤنءِ لڳاءُ، ڳولهي توکي ڳُجهہ ۾.

—

هڏا وڃي هيرا ٿيا، پورهئي مَٽَ نه مُورَ؛
ساري رات سرورُ، پورهيو پڳهرَ واسيو.

—

پورهئي پڳهر نَلَ، موتيي ڪوبه نه ملڪَ ۾؛
هيءَ جا پڳهر واسين، اِنَ جو مؤرُ نه مَلَ؛
چامَ اِنهيءَ ذي چِلَ، مهڪَ ڇڪي ٿيي مُندَ جي!

—

آڙي ڪابه نه ڪيچ ۾، چامَ اِنهيءَ ذي چِلَ!
هيءَ جا موتيءَ نَلَ، پگهر منجهه پسيي وئيي.

چنچل ناريون، چلوليون، روپهي رنگ ونيون،
ڏسي سنگت سرير تي مجهان ٻاجهه ٻنيون،
پنهنجا تن تنيون، ڏارائن ٿيون ڏيئڙيون.

—

آنگيءَ آنگيءَ قارون، ڏوران ڏيکت ڏين،
ٿئين ٽوڪي ٻارڙا، ڏوه تي ڏڪ ٻين،
منان دور نين، هرڪا کوجهي کامنا.

—

مانهوءَ منجهه مهان، سپنو هين سنسار جو؛
جنهن کي ڳوليندو رهيو آزل کان امڪان،
آخر ٿي انسان رانول روپ پرائيو.

—

مانهوءَ سان مٺيا، هين سڄي سنسار کي؛
هوڙ نه قول قلار ۾، ناهن ڳان ڳٺيا،
پر سون وڏ وٺيا، ٿئين آهم ٻارڙا.

—

هيي جي مڪ ميتول، کيڙيا ڪنول وانگيان،
سارا ڦڪڻ قول، مت نه تن جهي مرڪ جهي.

—

ٻاٺي، پرتياٺيون، لهريون، پاڇا لوڏ ۾،
ٺونٺون ڪسيون ڪنگڻ، لهريون آڏائيون،
رڻ جهڻ، رهائيون، نيپوڙيندي ڪپڙا.

—

نيپوڙيندي ڪپڙا، ٻانهون ٻر ٻر ڪن،
جن کو سيج سرير ۾، لهسي منجهه لِڳن؛
آها! پورهيت تن، هڏ وڃي هيرا ٿيا.

—

چنڊ نه جڳن ڪان جيءَ ۾، آهين منهنجي نور؛
توکي نئي هر سنڌ ۾، ڳوليو ٿي جنڊ مون؛
توسان ملي پوءِ، پوري پنهور ٿيان وانگيان.

—

سسئي! هيءَ مڇان، جڳ جڳاندر ڳالهڙي،
جڙجي وڃا جيءَ ۾ آکين جا اهڃان،
پاڻ وڃائي پاڻ، پاتو پنهنجي پاڻ کي.

—

سسئي! هيءَ ساجاهه، جڳ جڳاندر ڳالهڙي؛
من کي آئي مٺ ۾، هيئن چو هون نگاهه!
ڪيڏي تو ۾ ڪاٺي! ڏورانهين جي ڏاهه!
پرجهيم منجهه پساهه، ناتو نير وانگيان.

—

ناتو نيرَ وانگيان، جڙي ويم جيءَ؛
او ڏوهي جي ڏي، هڏ نه آهين اوپري!

—

چا، هيءَ ڏوهيءَ گهاٽ، آڳ نه مون آهي ڏنو؟
چا، اِن منهنجي ڪچ ۾، ڪنهن نينڊ اچاٽ؟
چا، هيءَ پاڻيءَ پاٽ، وهيم روز وجود ۾؟

—

ڪيڏي پنهنجائپ، پوري هن پنهور کي!
بوند سڄائي سپ، سپ سڄاتو بوند کي.

—

چا، مون ڏنا ننڊ ۾، آڳ هيءَ نديءَ ڪپ؟
پيتم پاڻيءَ لپ، آسرت آڳانجهو لڳو.

—

ڪتان ڪاهي قافلو، ڪتي آيو هان!
ڍوڙ نه مَٽ ڀنڀور جو، ڪجهه ٻيي ڀوڻ مٿان؛
ڳولي ڳولي مان، پهتو آهيان پريتهي.

—

هڻ نه ڪيڏيون ڪامٺيون، مانيون آهن مون!
پر سيني ڪان سسئي! آنهه آنو ڪيي تون؛
مون اِتَن پانيو ڀوڻ پهرن ڪان نيڪري وٽي.

—

مون جو ڦيريا هٿ، ڪيئي ڳتر ڳتري ڀا؛
ڪنهن به ڪنواريءَ نٿ، مون ڪان منهن نه موڙيو.

—

سنڌي موتائي، ڪنهڙيءَ آڳر مون هٿان!
هريون هانو ڇويايون، سوچي سڳائي؛
آ ڪين ۾ آئي، هر ڪنهن دل ڏکي ڪري.

—

وير و تار وونهن، اڪيون آٿاسيون ڪري،
جيءَ آسونهن سونهن، جيسين ڪا جاڳي پوي.

—

سسئي! منهنجو ساهه، اڏري تو ڏي آئيو؛
آخر نيڻهن نياهه، سرچي وڃا سوچ ۾.

—

مٿان تارن ڏيئڙا، هيٺان ڪُرٽ ڪنَن؛
ٻُنهون ۾ چُمِيَس پاڙيون، جا ڪِيي مُنڌَ مٿن؛
توڙي تَسئي ۾ مَن، ڇوڏينهَن چندُ اُجهاميو.

—

تيم تيم، تيم تيم هيئڙو، رم جهم رم جهم روپُ؛
مَسِئِيي سونهَن آنوپُ، جهُري آرئي ۾ جهولَ ۾.

—

ڪالهہ ڏٺم ننڊڙ ۾، ڀوري تنهنجو ڀاڻ؛
مون پانيو تون ڪنج ۾، سدا هئين سانءُ؛
جنن کو واٺي واڻ، تيئن تون تندون تنن ۾.

—

آ کين آءٌ نه وسهان، ڪيئن ڀري ٿيءِ ڀڪ!
مون تو کي پاتو ڀرين، لنگهي آڏا لڪ!
سسئي! ناهه سمڪ، تون سپنو يا سايا؟

—

آءٌ اچايل روح جهه جان، تون ڪا نرائي،
اکين پنهنجي اڇ، جو تو سان اڇائي؛
لنءَ لنءَ لڪائي، تنهنجي سڪ سرير ۾.

—

آڙي ڪائي ڪونج، جنن ڪيٿيءَ نان ڪنڪندڙي،
تن کا ڳنڍيءَ ڳونج، تو سان آڙي اوچتو.

—

جئن کو روهاڪي، رزندو اُڀري روه تي،
اکين تان تو مون اٿين، ڪالهه ڳجهي آکي؛
صديون ٿيون ساکي، منڊ نه آهين اوڙي.

—

ڏينا تنهنجي ڏمر جا، مون کي جهارين،
جوني ادجگاد جي، ٻارهوني ٻارين،
ور ور ڏيکارين، روئيا تنهنجي روپ جي.

—

کوهه، ڪجاڙو ڪيچ، ور هيءَ پنءَ پنور جي؛
پار آنو کو پيچ، مون کي ڏيهه نه اچهي.

—

پاڪيِ ماڪيِ ٿيِ وٺيِ، تو جيئن تَسُ ڏنو-
آءُ نـہ پنھنجي وَسُ ۾ !

سَسُئي، ٿنھنجي سَنگَتَ ۾ جيڪَلِ جَسُ لڌو!
آءُ نـہ پنھنجي وَسُ ۾ !

وائي

عِشقُ آواڻـو ڪيرُ چَوي؟
اَنَ جي واٽَ اَنـوکي آهي!

ڪيچُ چَڏي، هِيءَ جامَ نہ ڄاتو، ڪَرها ڪيرُ پيو ڪاهي!

رات پِنيءَ، پنيورَ مَتان ڪُجھ چَنڊُ بہ ڏيئو ٿو ڇاهي.

روها ڪيءَ ڪي روھ سڏي ٿو، سيجَ ڪٿي سو ساڃاهي!

مَنزل پيرَ تڪيندي آهي، ڪنھن بہ اِهو ڄاتو ناهي.



وائي

متان ڪچ نيو، متان ڪوچ ڪيو!
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

جهڙي پُنءِ پنهور جي، اهڙو ديس نه ڪو!
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

پرڏيهي جي پريت جو اهڙو پيچ پيو—
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

مينگهه ملهاري سانيو، ٻيهر برڙ ٻڌو!
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

روڏن گوڏن گهنگهرو، متان ڇمڪايو!
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

هيءَ هيءَ ڪهڙي هٻ آج، منهنجو هانءُ نيو!
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

ڇپر چانڊاڻي ويو، گهگهو گوريءَ جو—
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

ڪيڙ ڪڪوريا اوڇتو، ٻيهر ٻوڙ ڪيو—
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

هاڻي، پب، هگور ني، تهه تهه مينهن وٺو—
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

ڪينو نون، ڪنڀا آپ ۾، پريت سوز سڄو—
آءُ نه پنهنجي وس ۾!

ڏس هي چنڊ اُڀاءُ، اَڌيءَ رات ڀنڀورَ تي!
توسان وڻ ٽڻ واسيا، سڀ ۾ تنهنجو ساءُ؛
مون کي ڇو ٿُون ماءُ، تو لئه ڄامَ ڇڏي وئي.

—

تو لئه ڄامَ ڇڏي وئي، مون کي ڇو آيل!
جنهن ۾ هڪڙو گُل کيڙي، منهنجو مَنُ سا وَل؛
ڄامَ ته پلئون پَل، پنهونءَ مَٽُ نه پريتون!

—

واري مان سئو وارَ، پنهون تنهنجيءَ پريت تي!
لڙڪن سانُ مڙهي ڇڏيان، ميَن لاءِ مهارَ؛
هوُنءَ ته هوتَ هزارَ، تو جيئن جَتُ نه جوءِ ۾.

—

تين جون جهلون جيءَ سان، لهڪي لڳايان؛
تين ناکيلون نَتَ سان، لالَ مان لايان؛
سي کيئن ڀُلايان، آري جين اوڏو کيو!

—

نيري ٽپهري، پٽڪو نه ڀنڀورَ ۾-
ڪيتان آندءِ چمڪندا، ميان! هي مهري؟
آ کيئن اُڀهري، جين جي جهانءِ جهپي وئي.

—

سسئيءَ ٽيلڪُ نراڙ تي، چنڊنُ جو چوُرو-
تو بن آهه برهمڻي! پنهوُن آڻ پوُرو؛
منهنجو آڌوُرو، پوري هين ڀنڀورَ جو!

—

لاليءَ تنهنجي لاليا! سون جو موهيو مَنُ،
تون ئي منهنجيءَ تاسَ ۾، توُن ئي منهنجو تَنُ،
آءٌ به تُنهنجو وَنُ، تون جو ٻرين سڀ جان.

—

ڏوئي ٻرَ پيان، تُنهنجن ڪرهَن جا ميان!
جهاپا، جهوُڙا جيءَ سان، لائي ڦعالَ جيهان!
چَڱون تو ڏيان، واڳون جهي تن مان وٺين!

—

پيرن ۾ تنهنجي پنهون! ولوڙن وڃرؤن،
جَتِ ڪنهن آباڀيل جوُن، آسرَ الهرؤن؛
ڀينيءَ ۾ ڀيرؤن، ناچوءَ جمَن نچهي هيٺون.

—

هيٺون وسِ نه موز، هوتا! تُنهنجي هجَ ۾؛
آڄُ مون لئه ڀيورُ هي، رَڳو ناهه ڀتيؤن؛
آهن تون ئي تون، سان پانيان هينَ ٻؤنءَ تي.

—

آڏيءَ رات اُماءُ، سَپت رشيءَ جو سامهُوُن؛
سَرَ سَرَ تنبڙِ هوتَ جا، جهر جهر ڏڪَنِ واءُ!
پَيو نه پرلاءُ، رَمتي رات رَمي وئي.

—

مَتان ڪَنهِجو قولُ، ڪَيچيءَ! ڪو مون سان ڪَرين؛
توسان منهنجو او ميان! ٻارڙن جو ٻولُ؛
جو هيڏن هينئين هولُ، ڇڏي ويندين ڇپرين!

—

آئُن جي آوڪِر، واسيو آ وٽ راهه ڪَي؛
ڪيچيءَ! اهڙي قافلي، پيرُ نه ڏِ ريو ڏَر؛
ڪَنهن ڄاتو مون گهر، تون ايندين اِئن اوچتو!

—

مون ڏ وئينديءَ ڪپڙا، سدا سوچيو هو؛
ايند و ايندو اوچتو، مون ڏِي ڪيچيءَ ڪو؛
اَڄُ منهنجو سُپنو، مون ڏي گهوري ٿو ڏسي.

—

سڳيئيءَ سنديءَ پاس، آءَ ازل کان آهيان!
آري تُنهنجيءَ آسَ ۾، ساري عُمر جيئاس؛
تون ته سَدا هُئين سُپرين، پنهونءَ! منهنجي پاس؛
ميئا! مون نه نراس، گهاريا ڪَڏهن ڏينهڙا.

—

آڇٽو هُئين اوٺيا! سو اڄ آيو آن؛
سُپنو آهين ساسُهوڻ، سَرچيي ماپيا سان؛
پنهون مون توکان، پَلَ نه پاسي گهاريو.

—

هونءَ ته ڏوهيءَ گهاتَ ني، ڪيئي هُيا ڪَمَ؛
ڏينهن تَتي جا ڏاڪڙا، آڏيءَ آڏيءَ راتِ اَدَمَ؛
وِسُ ڪَري باسَم، توکي مون نه وساريو.

—

ٻانهن مروڙين ٿو ميان! چوڙيون ٿيون چيڪن؛
ستان ڪچيون ڪنگڻيون، ٽٽي ساڪ ڏرين؛
ميان لوڪ چون، سسئيءَ ڪرٌ لڄائيو!

—

آءُ آڏرمي آريا! توسان چنگي هان؛
ڏوڙ ڏرم تي، جي وجهي مون کان هوت هٿان؛
ساجن! مون توسان، ميلي موڪ پرائيو.

—

ٻنهون تون ٻه ته پنت، ڪهڙا پنت ٻچان پرين!
ناهي ڪوبه گيرنت، مون لئه تنهنجي منهن جيان.

—

آري! اولهه واءُ ۾، جهومن پيا جهاز؛
متان ٿير ٿير تارڙا، آيا ريا، آڪاز،
لڪيو منجهه نيراڙ، چمڪيو مون تي چنڊ جان.

—

آري، او آري! ڪيتان آئين اوچتو؟
لنءُ لنءُ توتي لالڻا، واري مون واري!
ڏوهين وٽ ڏاري، تو وٽ آءُ نه اوٻري.

—

جنن کو ڪنتو ڪنپ تي، تنن اڄ منهنجو تن؛
لهسي لونءُ حياءُ سان ساربندي ساجن!
مرٌ وچاڻي منٌ، اڳي کان اُجرو ٿيو.

—

اوچتو حسن آهنر، تنن مون تنن ڪانڌاريو؛
آري! تنهنجا هٿڙا، مون کهي آکين ”مر“!
”مري ٿيءَ آمر“، هئي! هن جي هنج ۾“.

—

وائي

ڳوڻَ ڪستوريءَ واسيا، اُنَن جهي آوَ ڳَرَ ـ
پُنهوُن آهي پَندَ ۾.

جَتُ ڪَنهن باريا اوچتو، اَڌيءَ راتِ اَگَرَ ـ
پُنهوُن آهي پَندَ ۾.

سسئيءَ سَوا نانهه ڪَنهن پَرتياڻيءَ کي پَرَ ـ
پُنهوُن آهي پَندَ ۾.

هَرڪا سُتي ننڊَ ۾، هر ڪنهن ٻُوٽيا دَرَ ـ
پُنهوُن آهي پَندَ ۾.

پيرَ ڏين پَنيورَ ۾، ڪنهن کي ڪهچيءَ ڪَرَ!
پُنهوُن آهي پَندَ ۾.

رَسيُن مٿان ڪپڙا، سُڪائيندي مون،
سدا اِئن سوچيو هُيو، نٻت نه ايندين تون؛
منهنجا هوتَ پنهون، آيو ناهين اوچتو!

—

رانوَلَ! رات پنهورَ تي، رَمتيي جو ڪياڻي؛
آجُ تون مان هِنَ رات کي، روڪيوُن آرياڻي!
اِجهو وساڻي، ٻاري تيم نيم ڏيئَڙا.

—

سَرتيون راس وجهو، ڪيجي آيا ڪيچ مان!
پيچ پيني پنهورَ تي، ٻوندَڙيون ٻَرسو!
اڄ منهنجو سُپنو، ساپيا سان سينگاريو.

—

سانداريُن مان سَرتيون، سَرو چِڙڪايو!
وڻَ ٽڻَ سَپُ واسي ڇڏيو، ميٺيي مهڪايو!
آرياڻي آيو، وريا ڀاڳ پنهور جا.

—

ساجَنَ سنگُ آمولُ، جَنجَنَ جوت ٻري ٻٺي!
سَرتيون سُرڪ ڏوارُ آ، ٻاروچي جو ٻولُ؛
هينئون ٿيو هِنڊولُ، جهوُلي ٻٺي جِندڙي.

—

ڳوندر نانهه ڳنڍي، جا تون پينگهي لوڏئين،
منڊ! پٽينءَ جي مامري، ڪيچيءَ لاءِ ڪنڍي،
ويندءِ سيج ٻنڌي، ڏونگر لهندءِ ڏٻنهڙو!

—

جيئن جاڙون ڪيتريون، هاٿي ڪير ڳنهي!
مون کي ماءُ ڄڻي، وڏو هاڙهي هنج ۾.

—

پنهون بنا پنڌ، ڪيچي ڪيچين وانگيان!
سي مون ساٿا سنڌ، آري جين آمر ڪيو.

—

هي جي منهنجا هڏ، پنهون تين پيدا ڪيو؛
سيج منجهاران سڏ، آري لوڪ ٻڌائيو.

—

ڏمري ڪين ڏيان، جي مان باهه پنيور کي،
توکي سمجهي ڪير ها، پنهون چام ميان؟
ٻيي ڪنهن چام جيان، هوت هجين ها اوپرو.

—

ٻرت به پنهونءَ منجهه، آيري آريءَ چام مان؛
هونءَ نه رهيي رانڙي، منڊ پٿي ها ڏنجهه؛
چو هيئن ساجهر سجهه، پنڌ پوي ها سيج ۾!

—

سهسين صدين لاءِ، پنهونءَ ڳوليو ٻرت کي؛
گذري گاذر جاءِ، هوت سڃاتو منڊ کي.

—

ڏير نه هر ڪنهن منڊ جا، ڏاڏيون ٿا ڪن؛
جنهن کي سسئيءَ سونهن آ، تنهن سان ڪيس تين؛
وايون منجهه وتن، ڪا ڪا ڪري سيج ۾.

—

پنهوَن! منهنجا ٻِرانَ! ڪٿي ڇڏيئہ سڄ ۾؛
موٽان تہ ٻنپور جا مورُ نہ وٺن ڀانَ؛
وڏان تہ اُهجانُ، ڪيتان آنيان ڪيچ جا؟

—

پنهوَن! منهنجي پَٽ! ڪٿي ڇڏيئہ سڄ ۾؛
منهنجا ٻيرَ ٻٽوَن ميان، لهوءَ ۾ لَٽ پَٽ؛
آندا ڏُنڏُ اُنَٽ، آ ڪتي پَنڌَ نہ اُجَهي.

—

پنهوَن! منهنجا ٻرَ! ڪٿي ڇڏيئہ سڄ ۾؛
ڪنيزاتيون ڪوهي وَٺين، منهنجون ولهيءَ وَرَ!
هيٺان تتيي ڌَرَ، مٿان اُلا آيءَ جا.

—

آتو پٽر ٻنبءَ جا، هُن جا پير چُمو!
ڪنڌُوَ ڪونہ پيو، رٿو پنهنجي رت ممان.

—

آتو پٽر ٻنبءَ جا، آتو، منڌ ڏسو!
اڪتي ڪيچيءَ کو، منڌ نہ ڪندو سڄ ۾.

—

آتو پٽر ٻنبءَ جا، ويو ميج ٻڌي!
جي هيءَ منڌ لڏي، ڪوبہ نہ ويندو ڪيچ ڏي.

—

آتو پٽر ٻنب جا، منڌ مري ٿيي ماڪ؛
جي هيءَ ٻنجهيي آڪ، صدبون رهندءُ سيءَ ۾!

—

سهڻي

تون جو ٻئر ٻَٻ جو، سُتندين ڇا تون سَڏ!
تو ٻانبو مان هيڪلي، ـ پُنهون مون سان ڳَڏ؛
نه ته ڪيئن هبو هڏ، ڏونگر ڏاري ڏاڍ جا!

—

ٻَس ٿَ مَر ٻنهنجا ٻير، مٿان سِج لَهي وڃي!
وَڏَ، اِها ٿيي وير، ٻڙُ ٻربان جـي بار ڏي!

—

مـان ۽ واريءَ ڍيـر، مٿان تـارن ٿِـڪڙا؛
هـان ته سُڄهن ڪونـه ٿـا، پُنهون تنهنجا ٻير!
آڌي رات، اوپـر، وَرَ وَراڪـا سُڄَ جـا.

—

هـاڻي آءٌ ٻه تـونٌ، لَٿو مـون تـان ماميرو؛
تون ٿي ٻنهنجي ٻندَ ۾، آهين هوتَ پُنهـون!
تو ٿيي ٻيرُ ٻٽوُن، تون ٿي ڏونگـرُ ڏورئين.

—

ڏِسُ تون ڏسٽهار، هيءَ جا مُندَ مَري ٻٿيي!
ڇِڪين مـاسُ ڇِنيي وَٽَس جبَل جا جانار؛
ڏري نه ڏهڪارَ، مُورُ نـه موٽيي ماڳ ڪان.

—

ڳـاري وبـا مُنڌَ حـا، ڇپٽن ڪـي ڇـالا؛
هِٿءَ جـو مُٿيي مـاڳَ ۾، جهرُ ڏنـا جهالا؛
آڏيءَ جـو آلا، نمڻَ مٿانئس نَپَ جـا.

—

تنهنجا نمڻ ٻـه ٻـوتبا، اَپَ ڪيروڙيـن نمڻَ؛
مٿان واتـان وِيـڻ، مرندي ڏٺين هـوت ڪـي!

(۱)

ڪپرَ اڪيان ڪُنّ، آر نہ اچا اڪتي؛
آڌيءَ رات اَڳئورَ ۾، ڪيڏي ساڳر سُنّ!
تارا تنين تُنّ، لهرينُ لاءِ لباس جا.

—

آڌيءَ اوِنگهن ننا، ٻَگهه آچيرا پيٽَ تي؛
چندُ چڙي آڪاسَ ۾، آئي ٿو سُپنا؛
موهي وِيا منڊَ ڪي، ڪُنن جا ڪڙڪا؛
ساهڙَ سڌّ ٻُريا، سُهڻي گهڙي سيرَ ۾.

—

واري شال وڃان، پنهنجي محب ميهارَ تان!
گهوريا جيئڻَ ڏينهڙا، سرتيون! ساجنَ تان؛
موڙُ نہ مان موٽان، ڏسي دمّ درياهه جا.

—

جين ڪي ساهڙُ ساهه ۾، سي ڪئن ننڊون ڪن؟
گهڙا ڪٺي گهيرَ تي، آڌيءَ رات اچن؛
جهڙڦڙ ڪانه ڏسن، ترنديون وڃن تار ۾.

—

آهَ نہ تران ايئن، جئن ڪا ٻانڊي ٻار ۾؛
نڪي وڃان تيرَ جان، سگهه سموريءَ سينءَ؛
ساڙي ٻارُ پرينءَ، ترندي وڃان تار ۾.

—

ٻانهون ساهڙَ ٻڪَ ۾، ڪنڌيءَ تي ڪامڻ!
ڪيئَن نہ ٻڪي ٻَنھ، گھڙي روز گھڙو ڪٺي!

—

ٻانهون ساهڙ ٻڪ ۾، مٿان ساوڻ چنڊ!
ڏمُ تہ ڏاري ھيئڙو، گھر تڙ جيئڻ جنڊ؛
ميھر! توسان منڊ، موڙ نہ آهي اوپرو.

—

مٿو ميھرَ ھنج ۾، مٿان ساوڻ مينھن؛
وڻ ھيي توسان نينھن، گھوريو منھنجو چنڊڙو!

—

مٿو ميھرَ ھنج ۾، مٿان ٻوي ساڪَ!
چا چا تڏيءَ تاڪَ، پرين تنھنجي پارَ تي!

—

چانيءَ تي ميھار جي، سھڻيءَ چڙيل وارَ؛
جھڙ جھڙ ھوا جھنگ جي، اوندھ اندوڪارَ؛
پسائي تيي پيارَ، ٻڙ تي دکيي باھڙي.

—

ڪنڌيءَ مٿان باھ ۾، ٽيڙڪن ٽيون تاريون؛
ميھر ڏنيون منڌ جي، آکين ۾ آريون؛
ونيون ويچاريون، آءُ نہ پنھنجي وس ۾.

—

ميھر اکيون آگ ۾، منڌ سڪائي وارَ؛
شل ھيءَ سڀ جمارَ، ٻڏري ٽٺي ان ٻوڙَ ۾!

—

پـاڻيءَ ۾ پـاڻـا ٿيا، ميندڙيءَ رتـا پرَ؛
ڪنڌيءَ پهتي ڪيرَ، جو هيٺن گُلڙا چُني پيا!

—

مان چنڪوو مان چندُ، مان ٿي پنهنجو پريتو؛
ميٺڙا! تنهنجو منڊُ، مون کي مون ڏي ٿو ڇڪي.

—

نينهن آڙانگو نانگ کان، ڪهڙو وڃُ ڪَنڪِيءَ!
مون کي اڄ سمجهائيو، سارو ڏينهن سکيءَ؛
تنهنجي چتڙ ڇنڪيءَ، تو بين رات نه آنڙي.

—

متان مٺو ڏين، ڏينهن گـذاريئين ڏمرا سان!
آندي وهندي مـون هٿي، تنهنجي تات پرين؛
شالَ اهو سمجهين، سهٽي سـدا سيرَ ۾!

—

ساهڙَ! سارو ڏينهن مـون تنهنجا ساڀارا؛
سرتا! مُنهنجي ساهه کي، ڏمرا ڪري ڏارا؛
پيارَ بنان پيارا، وِهه کان وتري جندڙي.

—

ڪنهڙي ڪُرا اُجارَ، تو سان جَنگُ جرڪي پيو!
سيندا! تنهنجي سنگَ ۾، پاپُ نه منهنجا پيارَ؛
سرُ ڏي لوڪُ ميارَ، آهه سـدائين سيرَ ۾.

—

گهوٽُ نه آهي گهوٽُ، جهي لوڙهه نه ڏي لانوَن؛
مـون سان تـو کي ٻنڌنين، ميهرُ ٻڌائوُن؛
ڏمرا ڏسـي آئوُن، آنـدرُ پـانيـان اوپرو.

—

ميٺر! تنهنجيي ٻانهن، ڏيءُ آنوکو ڏيهه ۾؛
ڏکڻ نه تاتهي دانهن، تو ۾ سپنا سکڻ جا.

—

مِٺهرا آج ته مران، جهڙي تنهنجي جهول ۾؛
سِپائي سرتاجا! مان، متان ڪانه ورازا؛
نڪران ٿي نه گهران، - ايڏو ڏمُ ڏکيو ٿيو!

—

ڪاري ڪارونڀار مان، آڏيءَ جو ڪاهي،
آڍس تنهنجيءَ ڪڇ ۾، لاڳاپا لاهي-
امرتا آهي، ساجن تنهنجي سنگ ۾.

—

پنهنجا هٿ نه جهلُ، منهنجو جيءُ جهڙي پيو!
آيري ٿي هر انگ مان، وڃ جيان ڪا ولُ؛
پوري ٿئي آجُ پلُ، آءٌ آساهيي سانوڻا!

—

ڪلهه ٿي چَڪِيءَ چاڙهيا، ڪنير ڪُپتا جيڻن،
ساجن! اڄ سرير ۾، لوُنءَ اساڻه تيڻن؛
هاڻ نه منهنجو هيڻن، پَرَوس ٿيو آڳ پيار ۾!

—

ليلا ڪي هر لوُنءَ ۾، توسان لڪايوم؛
هِن سهٺي منسار کي، چميءَ سان چايوم؛
توسان ورهايوم، جڏهن ساهه سرير کي.

—

هيءَ جا پنن سيج، مهڪي پٿيي ماڪ ۾،
هانءَ نه آهڙي هيج، بيي ڪائيي سنسار ۾.

—

متان ٿيڪو ٽٻڙو، گهگهه رهي گهنگهور؛
جيئن سپ لڄ لٽهي وڃي، چاهت روڙي چور؛
پرينءَ سان هر پور، سرچهي آج ته سريز جو.

—

هيءَ ريساري رات، جهڙ جهڙ هوا جهنگ جي،
چرڙا، چنگ، ٻڙي هيئون، ٻجهي نه برسات!
پرين! شل پرڀات، رسي وڃهي رڱين سان!

—

اچا، اچا اوت، پنهنجا نيڻ نهار ۾!
جيسين جيئڻ جوت، سهڻي! سونجهي سيهار کي.

—

نو ڦرينڌي هتڙا، لڙءَ لڙءَ ڪڙي لاتَ؛
جهوري وڏو جيءَ ڪسي، منهنجي آڳن آتَ؛
متان وسي ماتَ، پور ڏنو مون ڀاڪرين.

—

جڻ ڪا ڪوري ڪنگري، اُهائي ڪوئي،
منهنجو من تو ٿيي، ميهر اِئن مهڪائيو.

—

ميهر! تنهنجا هٿ، چڪين ساهه سرير مان؛
مون ۾ چهڊ ڇهاوَ سان، آڌيءَ رات آڪٽ؛
وڙهه آنو کي وٽ، جهمپڻ سان جهڙڪي پوڙ.

—

ميهر! تنهنجا وار، ويڙهي وڍا مون هيئون؛
ويهي تارن چانڊ ۾، ساجن سپ چمار،
توسان ڪيان پيار، ٽڪجي ٽڪجان ڪمڪي.

—

هرڻن هندورو تيون، ڏکڻ واءُ لڳو؛
رڪي رکيي رات ۾، چڙو چنگ وڳو؛
اُتي منڊ پڳو، آرسُ اوٻاسيون ڏئي.

—

ٻڪيي امرُ ٻولڻا، آئيا اي ميهارَ!
ڇا چرکي باک جي، جهونجهڪڙي جا چارَ؛
ڏينهن گذاريان ڏمُ سان، ڪيئن سان توکان ڌارَ؟
آت! آت! منهنجا پيار، وڇوڙو ويجهو ٿيو!

—

متان لوڪ ٻرو پوي، دلڙي ٿيي دَهڪي!
مُنهن انڌيري مونجي، چِڙي نه چهڪي؛
منڊ پئي مهڪي، امرُ وير اُني ڪري.

—

جهونجهڪڙي جي جهانءَ ۾، وچڻ جي ويلا،
ٻُرن ٿا ٻيلا، جهُري ٻيو جيئڙو.

—

تون به نه تري آءُ، ڪڏهن منهنجي پار ڏي!
سدا مون کي سيرَ جو، ڏنئه چو سوداءُ!
ميهرَ! محب! ميلاءُ، توکي چڪي چو نه ٿو؟

—

ساهڙَ! ساهڙَ! تون؟ ڇوُ تون پيارا ڪيرُ آز؟
اُتي آڌيءَ رات جو، ڏئي ساهه سڻُن،
پاتو ڇا هي مور؟ تون نه اچان آن آجنبي!

—

ڇا هيي ساهه سرير کان، آهي ڪجهه الڳ؟
پرين! تنهنجي پيچ، پٺيي پٺيا پنڌ ۾.

—

ڪيئن ڪو ريتيي چنڊ کي، چوندي چانڊوڪي!
آهي اهڙوئي، ناتو ساهه سرير جو.

—

ناتو ساهه سرير جو، جنهن ناهي ڇانو،
پورو ڪنهن جي پيار کي، تنهن نه ڪڏهن پاتو؛
پل پل پاراتو، پيائيءَ جي پوڄ ۾.

—

سچ اوري آه، سڙي منهنجي ساهه ۾!
رهندو سائر ڪنديين، سدا تنهنجو ساءُ؛
مانهو ڇا هي؟ واهُ! سڀ ڪجهه آهه سڳنڌ ۾.

—

ڇا، مان تو کان ڏور، رهي سگهنديس ڏم سان؟
ڇا، مان ڪوئي ٿانءُ هان، مٽيءَ جئن مجبور؟
پرين! تنهنجي پور، سدا رهنديس سير ۾.

—

مان جاڳان ٿي سپرين! تون پل سمهي پئو؛
مون کي مور نه ڇڏ، توسان ننڊ نه اڄهي.

—

اڳتي ننڊ گهٽي ميان، توسان کهڙي ننڊ!
ڪڙن پيا گهنڊ، ڇڙن ڇپ نه ٿيي آڇي!

—

آمرت ويلو، ماڪ ۾ ڀنا ٻپل ٻنڌ؛
هي سارو سنسار آ، جنهن کي آدي ڪنڌ؛
سانت آندر ساجنڌ، ڪيڏا گهنڊ گڙن ٻيا!

—

وري وڃو دُور آ، مون کي وڙونهان؛
ڏُکيي ڏُکيي رات جو، اَجهاڻان ڏونهان؛
ڪنڍيون ۾ ڪونهان، ٻيرهه کي ٻرجهه لڳا.

—

سوچي سگهجي ڪانه تيي، سهڻي سوا سيرَ؛
سهڻيءَ کي سهڻي ڪيو، ندي! تنهنجي نيرَ؛
ڏرتيءَ سارا ڏيرَ، مٿڻ نه تکيءَ تارَ جا.

پري آن ٻي ٻارَ، توڙي منهنجيءَ هنج ۾؛
اچا مون کي آجنبي، لڳين ٿو ميهارَ!
ڏيرُ نه توکان ڏارَ، ڇيڻُ نه تنهنجي اوڏڙو!

—

ڇا مون پنهنجي پاڻ کي، تو ۾ سڃاتو؟
منهنجو توسان سانوڙا! ننهن ننهن جو ناتو؛
مون توکي ڀاتو، يا مون پاتو پاڻ کي؟

—

ميلي تو ميهارَ، سهڻي ٿي وئي؛
آچي آڏيءَ رات جو، ڏيرُ نه توکان ڏارَ؛
هُرب منهنجي هاڻ ۾، سدا پيءَ ڀڪارَ؛
لهريون لڙ هزارَ، مون ۾ تون ئي تون پرين!

—

اٿ! اٿ! ننڊ نه ڪر، متان رات رمي وڃي!
هي جي جوڀن راتڙيون، تن جون جهولبون ڀرَ!
پاڻهي ڏيرُ، نه ڏرِ، متو ميهرَ هنجَ ۾!

—

متان ويلَ وهامين، اڄي آمر ٿيءُ!
آڄ ساري سنسار سان، جڙيو منهنجو جيءُ؛
ڌرتيءَ ۾ آڪاس سان، هونءَ نه ناتو هيءُ؛
مون سان پوري پيءُ، هيءَ جا رس رهاڻ جي!

—

ڪوبه سڄي سنسار ۾، مون جهڙ اڄ نه امير؛
متان ويلَ وهامين! نديءَ ٿيءُ نه نير؛
جهلي مون ساهه سرير، ڪنڌيءَ جهڙ قابو ڪري!

—

ڪارا ڪارونڀار! هتين ته هيڪر ڏسان،
آڀري جيڪر سير مان، پرديان پرينءَ پار؛
آلا! مون ميهار، ٻوڙيو ڪاريءَ ٻاٽ ۾.

—

ستارو! چنجوس، سُڳنڌي ٻڌي سير ۾؛
اُسان آڪيون ٻوٽيون، ٻڌندي ڪونه ڏنوس؛
اوندهه اڙايوس، نو لشه ڪاري ڪُنَّ ۾.

—

تون به ليکي ونين چنڊ، آڏيءَ جو آڪاس ۾!
مون سان ساري منڊ، وڏو ويڙ اٿاهه ۾.

—

چرڪا! سڄ چئي، پل پٽيو مون ماس کي؛
جر ۾ اهڙي جندڙي، آڳڻ به ڏنو بيي؟
چاڪنهن گهير گهيڙي، هيٺن سڳنديو سير کي؟

—

سڄ چئو اي لوهيٽيون، چڪتين ماس کٽي،
بيءَ ڪنهن جي ٻُڏنيي آوهان، اڳڙ به هيٺن وڏيي؟
آڌيءَ رات آٿيي، ترندي وئي ڪا تار ۾.

—

سيسين سيسارو! آءُ نه وري آڇٽيي؛
ڪبو، جسين آهيان، مٺيءَ تي مارو!
ساهڙ سانڀارو، چڙڪتي چڙنو ساهه مان!

—

مور نه مڙو مانگرو، وڏا وات پٽيو؛
منهنجو جيءُ جهڻيو، آءُ نه وري آڇٽيي!

—

گَجَ، گَجَ مَهراڻَ، ڇوليُن وِڌُ ڇيهُن ٿيو!
ٻيلي مَنڊَ وڏاءِ ٿون، سدائيءَ جا ساڻَ!
جيسين مون ۾ پيراڻَ، ترندي ويندس تارَ ۾.

—

چٽي سگهان ڪينڪي، ڇوڻُ جي ڇاهيان؛
ونيي مُحب ميهارَ جي، ازل کان آهيان؛
ڪُنَ ۾ ڪاهيان، ليڪي ساري لوڪ کان.

—

ٻيلي ڏمري ڏمڻ، آءٌ آنهيءَ جي آهيان،
جيڪو سدا ساهَه ۾، جنهن لئه چڪي چمڙ؛
لاهي لوڪَ پيرمُ، ملان شل ميهار سان!

—

انڌي آڪهه جنهن ڪيو، منهنجو اُوٺو سگهن؛
آزل کانُ مون آڳ، ميهرَ! توسان آڙيو.

—

ديوانهي درياهه کي، ڪهڙي ڪيتِ ڇيڙَن!
پيرين اُن جي پڪڙا، وجهي ڪَنُ ڦيرَنَ؛
ڇيڙ آنهيءَ سان ڇوليون، ڪري ڪاڙهون ڪَنَ؛
ٻيو - نه ٿيون ڇيڪن، جن کي ساهه ساهه ۾.

—

وائي

آڳ نه مُران ميهار، يار!
توکي کنڌيءَ ويکيان.

ڏاڍا ڏڙ درياهه جا، ککر ڪارونيار، يار!
ساري سير سگند ۾، لهرين لوڙهيم وار، يار!
ڪونهي آنت آثاهه جو، پاڻي تار ٿئون تار، يار!
ڏهڪائي وڻي ڏيل کي، ٻلهي جيي ٻلڪار، يار!
ٽٽن چنبڙيون ٽيلهيون، ميڙيا مڇ هزار، يار!
آچهي ٿيي اوڙاهه ۾، چنگ چڙي جي لار، يار!
ڪوبه نه آهي، جو ٻڌي ٻيڏيءَ جي ٻاڪار، يار!

وائي

اَڌيءَ اٿيي مون ٻڌا ساهڙ تنهنجا سڏ،
ليکيي ساري لوڪ ڪان.

متي متيي مهراڻ ۾، مڏ به ڪهڙا مڏ!
جنهن جو آر نه پار ڪو، مون لئه پاڻيءَ اَڏ!
تون ٿيي ٿريهن تار ۾، هنيي رڳا هڏ!

صدين کان پو مون جيان، سانگو پلئي ساهه،
گهڙو کڻي گهير ۾ ٿي، ايندي کا درياهه؛
ٻڏي ٻوڙ آٿاهه! آءٌ نه وري آئيي.

ليکڻ لڳيون لوهيون، جڏهن چنڊ کيڙيو؛
ڏانئون کري درياهه جيئن، مٿان مچ چيڙيو؛
سڄي ساهه ميڙيو، سيهڙ سان مهراڻ ۾.

سُهڻيءَ سوچيو سير ۾، ’آءٌ ڇڏي گهرُ ٻارُ،
’اڏيءَ آئي ڳوليان، ڇا لاءِ ٿي ميهارُ؟
’هاءِ ٻراهون پارُ، جنهن ۾ چنگ ٻڙن پيا!‘

—

سُهڻيءَ سوچيو سير ۾، ڏسي اونداهه ڪارُ،
’سڻيون ڪيئي، مون ٻڌيان مرندو نه ميهارُ،
’ڪاهي تو ڪنهن ڪُنَ ۾ مون کي ڪارونبارُ —
’هاءِ، پراهون پارُ، جنهن ۾ چنگ ٻڙن پيا!‘

—

’اڪيلي ڪيئن وڃانُ‘، سُهڻيءَ سوچيو سير ۾،
’ڪيڏو ڏور ٻرار ڪان آهيان آءٌ اڃان!
’گهڙو پنهنجو گهير ۾ ني، موتي ڇو نه پڇان؟
’هن هن ڪيئن ڇان، منهن ٻڙن تا ساهه ۾!‘

—

ڪاري ڪارونبار ۾، ڇيهه ڪيو ڇمڪارُ؛
سُهڻيءَ سوچيو سير ۾، ’مان ٿي هان ميهارُ،
’مان ٿي پهچان پاڻ کي، مان ٿي پنهنجو پارُ،
’مون سان پاڻ ٻرارُ، ٽري پيو تار ۾‘.

—

ڪارا ڪڪر آيا ۾، چنگ چڙي جي لار؛
ٻنڌيءَ جا ٻڏا ٽيا، منڌ ملي ميهار؛
لهرين لڙهندا وار، ڪاند ڪرايون ڇيلهه ۾.

—

وائي

سدا منهنجي ساهه ۾، ساڄڻ تنهنجي تاتِ
مون کي ننڊ نه اَچي.

گهڙو چايُم ڇلهه نسي، آئي آڌيءَ راتِ
اُڀري آئي اُڀَ ۾، ٻانورجي برساتِ
دمَ ڏسي ڏريام جا، مون نه ڪاڻم ماتِ
ساڄڻ! توکي ساريان، تُوڙي واڳُن واتِ

لـيـلا

سدا ڪاڻي سيرَ ۾، سيسي ڪي سيسارَ؛
سدا چمڪيا چِبهَ ۾، لهرين لُڙهندا وارَ؛
سدائين اوراڙَ، ترِيا تار پرار ڏي.

—

سدا سڏڙا سيرَ جا، وجهي قربَ ڪڙا،
آئيندا اورارَ تي، متان گهيرَ گهڙا؛
سدا چنگ چڙا، پرندا ڏور پرارَ تي.

—

ميا متا مهراڻَ! شال سدا وهندو رهين!
هيلَ به تنهنجي سيرَ تي اکي جئن اهڃاڻ؛
چرڪن پيئي جاڻَ، لُڙهيا وارَ لُڙاتَ ۾.

—

ٿيي جتو سڏ پرار جو، شال نه ٿئي ٻورو؛
سدا اڏورو، سڏڪو رهي سيرَ ۾.

(١)

جو چاهين سو چوندِ تون، مٺيو توڙي ماڪ!
پوري تنهنجو پاڪ، آهي تنهنجي وسَ ۾.

—

هيرَ ڪِ پنهي تي هارَين، اهڙو نَرُ ڪَ نہ ڪو!
وَرُ سو ماڻهو، جو هُجي آنَ تُہ ڪان آجو!
هان، هيي آهہ مٺيو،- هان، هوءَ سيجَ سُهاڳ جيي!

—

اَمرُ ڪسي آڏو ڦيري، سگهي ٿو انسانُ؛
آهي ماڻهوءَ وسَ ۾، ازل ڪان امڪان؛
ليلا! سو نادانُ، جيڪو ليکيو لوڙئي.

ليلا! ڪؤنروءِ ڪَجُ، پر ک پرينءَ جهي پريتَ جي؛
ڪؤڙَ منجهاران سچُ، پاڻو ڪنهن نہ ڪُريت سان.

—

ليلا: ڪنهن بہ ڪُريت سان، ريت نہ ٿيي چوڪيي؟
آڳيي ڪـان اوڪيي، جـاڙَ پيرائيي جيندڙيءَ.

—

هٿيي! سَپُ حيلا، پَرَڪج ريت ڪُريت ٿيي؛
چنيسر سـان چـاڳ جـا، ڪوڙا وسيلا،
لـوڙائين ليلا، ڏَنـي ڏَنيُ ڏهـاڳَ جـو.

—

سَدا تـوکي سچُ، ڳولهي پَيو ڳجهہ ۾؛
ڳولائوءَ ڏي ڳهلڙي، توُن بہ تہ اوري آچُ!
ها، هوُ ڪائو ڪَچُ، دوُر ڪَري ٿو داسڙو.

آئي اکيان آرسيءَ، ليلا ڀانئي هارَ؛
چيرکيي ڏسيي ڪانچُ مان، ڪاربهر جو وارُ:
هٿ هٿ هُن جو پيارُ، پورا پورا ڏرسنيي!

—

ڏرتي تُنهنجي دَرسني، ڏسُ تون پنهنجو ڀاڻُ!
مَدائيءَ جو ماڻُ، جو تو چاهيو چتَ ۾!

—

ليلا! توسان ڪونه هو، مَنٿي ڪي ڪو موهه؛
هيي تنهنجوني ڏوهه، جو تون هير ڪينءَ هار تي.

—

تون نہ مَنٿى ڪان موهئيي، هَنئي! ڪِنَن هير ڪينءَ؟
ڪوڙو چمڪو ڪَچَ جو، ڪوڙيي اَنَ جيي ڪينءَ؛
پرکي ڪالهہ پيرينءَ، ڏنہ ڏنيُ ڏاڍَ جو.

—

ليلا! ڪا بہ ڪُريت، پاڻَ نہ ٿيي ميسارجهي؛
هاڻي جهوري جيندڙي، چنبسرَ ڪي جيت؛
پَلَ جيي جوڙيي بريت، ڪيڏو جنجلُ جيءَ جو!

—

ليلا! ڪنهن بہ ڪُريت سان سُکُ نہ آ پاتو؛
پوري! تُنهنجيءَ پَلَ مان، چيکو جو ناتو،—
پلُ پلُ پاراتو، آهي جڙُ نہ جمارَ جو.

—

مومل

ڇا هيءَ ماڳِي منڍَ آ؟ يا آهي ٻي ڪا؟
لنگهي هُئي ليڪا، ڇا هيءَ ڪؤنروءَ ڪڇ ۾ ٿي؟

—

هيءَ جا جَرڪي سونَ جان، پيرا منجهه پئي؛
ساڳي ليلا ناهه ڙي! ڪيتي هوءَ هئي!—
هير ڪئي ڪالهه وٺي، جيڪا ڪؤنروءَ ڪڇ ۾ ٿي.

—

چانئِتَ لاهي چِت ۾ مان، ماڻهو ٻائي پرَ،
آجو ٿيءِ اِئن تو هلمي، ڪونجَ ڪَٺي جنهن ڪَرَ؛
مَٺي موهه نيرَ، جانڙَ نسوري جيءَ مان.

—

مَٺي ٿي جو موهجي، دُکُ ٻرايو تو،
تُنهنجي لاءِ چڱو هُئو، مان اِئن ڀانيان تو؛
هونءَ چنيسر جو، ساٿُ سڄائين ڪيئن هئا؟

—

ڪؤنروءَ ٻنان ڪانهَ، ليلا ليلا ٿي سگهي؛
ڏُکيءَ ٻانا ڏانَ، ٻاندُ جنهِي ٻچتاءِ جو.

—

(١)

آلا اچڻ وڃڻ، سڄڻ سڏيون لائين!
آءٌ ڪنائي ٻڌڻ، تو لئہ ڪيان ڪيترو؟

—

ڏس هيءَ ڪتيءَ راتڙي، ڀيرڪي پيڙي؛
آلا ساهيڙي، سڄڻ اڄ نہ آئيو!

—

آدي، اڄ بہ نہ آئيو، سڄڻ پنهنجي رات؛
جيڪر هن جي تات، تہ مان آءٌ تڙي ڪيان!

—

ڇا مان وساڻان، روئي نيڻن ڏيڙا؟
ڪنهن جي ڪڙهي لاءِ مان ڪيسين ڪنايان؟
هاڻي مان پانيان، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

—

ڪيڏي لنبي رات آ، ڪيڏو انڌوڪار!
ٽيڙوءَ ٽيمڪو ناهہ ڪو، اونده آهہ اپار؛
سامي سيڄ اپار، ڪو بہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

—

ڪارا ڪڪر ڪاڪ تي، ٻاهر چارا چِڪ؛
ڪيڏو ڪارونبار آ، ڪيڏي تارن ليڪ!
مٿهي ويندي سڪ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

—

ڏسُ هو مون تي تو ڪيلي، لوُنيو لَڏائو؛
موُمَلَ! سچ پچُ ڪاڪ تي، ايندو نہ راڻو؟
هي جو ڪمائو، ڪنولُ نيڙندو ڪينڪي؟

—

آلا، رتؐ ڏٺيي، مون جوڙيو جنسار ڪيي؛
پوء جو ڏنم ڪاڪ کي، ساري پيڙَ وٺيي؛
متان ماڪَ پٺيي، رتو رنگُ رتولَ جو.

—

مومل! پيهر بار، سارا ڏيٺا ڪاڪ جا؛
ڪيهَ ڪتن تان ڪاٽي، لاهي هندَ اُجار؛
هٺيي! هانءُ نہ هار، نيٺ تہ ايندو مينڌرو.

—

تو بہ ڪميي ڪاٺي، هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟
موُرکَ! پنهنجو موهہ، جاچي ڏسُ تون جيءُ بہ.

—

اڇلو آهي اوڇتو، راڻو ڦٽيءُ باڪ؛
ساجهر تنهنجي ساڪ، لَڏائي بہ ليکبي.

—

پيڙا جي هر پورَ بہ، رڇي تو راڻو؛
سيرجهي سُهائو، سدا ڪاريءَ رات بہ.

—

پيڙا جي هر پورَ بہ، هيءُ جا ڪاڪ نهيي،
ويندي ڪان دهيي، نيٺ نہ ايندو مينڌرو!

—

هوءَ جو ڇنڊيءَ ڏِکَّ، تارو ڪاريِ ڇنڊ ۾،
تنهن بہ ڪٿي آ اوچتو، لڳنهہ هنئان لِڪّ؛
ڇَهيي ويندي سِڪّ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

—

راڻا مون کي ڇڏين، موٽائي ڏي مينڌرا!
روئي ٿو لڪ زين، ڪيئن ڪاٽيان ڪاڪ ۾!

—

ڏينا تبل قليل جا، ڦوڪي وسايان؛
توکي واري مينڌرا! آنءُ ٿيءُ اَجهايان؛
وري نہ لايان، ميٺي لٽو لِلاٽ ٻان.

—

راڻا! او راڻا! سڏّ وراڻين ڇو نہ ٿو؟
ڪٿي آهين مينڌرا، پينگهہ ٿيا ياڻا؟
ڪنول ڪومانا، پَوَنر پؤنءِ ڇڏي ويا!

—

ڪٿي آهين مينڌرا؟ مون کي سڏّ تہ ڏي!
وٺين هيٺن ڇڏي، ڪهڙي ڪارڻ ڪاڪ ۾؟

—

توسان منهنجو مينڌرا، ڇو هٿن آڱٺ آڙيو؟
هيئنئون ڏيٺي وت جٿن، ساري رات سڙيو؛
ڪنهن هيٺ خيءُ جڙيو، منهنجو توسان ڪاڙي؟

—

ناتر! مون کي جهل، منهنجي وس نہ هينڌڙو!
متان ٿي پاڳل، ڪبان رکڻ رتول کي!

—

وائي

مستان ڪاڪ ڀرن،

نيم نيم، نيم نيم ڏيکڙا.

ليکيي ويسا لاڻيهن، ڀکيي منجهه ڀرن.

لڏائي ۾ لوئيون، سٽيون سات ڪرن.

مومل سوچي ماڙيين، ڪرها مان ورن.

چانگا چندن هيرتان، پيو ڪجھ ڪونه چرن.

تو بين راڻا رات جو، ڏاهيون ڏنجهه ڏرن.

وائي

تڪين تنهنجي ڪاڻ،

آڏيءَ آکڙين ڏيکڙا.

تو لئه وهسي واه ۾، سيرانديءَ سرهاڻ.

ساجن! مون کي سيج تي چين نه ڏي چانڊاڻ!

ور ور واجهائي تڪو، هيئڙو منهنجو هاڻ.

نون سپنو، نون ساه ۾، ننڊ پري نيراڻ.

موتي پليءَ جي پاڻ، وو، موتي پليءَ جهي پاڻ!

—

مومل جيسين ناهہ ڪنو، تو ۾ رتاڻو،
سياڻي راڻو، ڪٿهي ايندو ڪاڪ تي.

—

راڻو ڪاڪ سواءِ، رهي رهندو ڪيترو؟
مومل! هؤ تو لاءِ، اڄهو پيو پنڌ :

—

ڪرها چندن هيرڻان، لاڻو ڪونه چرن؛
موتي ماڳ ورن، وهسي ماڳهي واس تي.

—

ايندا، ايندا ڪاپڙي، رتو روءُ نہ تون!
ويهي واس چڱون، پيهر تيل قليل سان.

—

ايندا، ايندا ڪاپڙي، لهندا ڏوريءَ ڏڪ؛
راڻو سدا سڪ، ڏکن تورا ڏينهڙا.

—

متين بنان ماڪ، ڪهڙي چندن چوڻين!
ناتر! بوٽ نہ تاڪ، نيٺ نہ ايندا ڪاڪ تي.

—

مـوكـي مـتـارا

وائي


رات لَــڙي آهــي،
پــنــڌُ پــرَ هــَ ۾ ڪيترو!

اِجهو ويون اُپَّ مان، ڪَتيوُن ڪرَ ساهي-
پــنــڌُ پيرَهَہ ۾ ڪيترو!

جاڳُ آجا ڪجھ جيئَڙا! جهپَّ چڱي ناهي-
پــنــڌُ پيرَهَہ ۾ ڪيترو!

ڏسُ هيي متيءَ ڏيئَڙو، جوتِ ٻيڻان چاهي!
پــنــڌُ پيرَهَہ ۾ ڪيترو!

ڦالَ نہ متان مينڌرو، ڪاڪ ڪنڌي لاهي!
پــنــڌُ پيرَهَہ ۾ ڪيترو!



(١)

موکيءَ جو ساٿو، سدا مٿو مڌ سان؛
آڳيان ايندءِ، منڌ ڏي ويندي، ٻيو واٽو؛
ڪٺين جي ڪهاٽو، چارو وٽ نه چس جو!

—

جيڪي چس چڙيا ڪيا، ڳچي ڪٺين ڪوهه!
تن جو پيئڻ ڪان سوا، جيئڻ جهڙو ڏوهه؛
متارن جو موهه، وهه ٻي پيي وڌرو ٿئي.

—

رچي ريتا ڌي ويا، کهوٽ منجهان گهاٽي؛
چا چا ساٿس سام ڪي، وهه جهي وهاٽي!
موکيءَ جي ماٽي، جرڪن پيئون جنڊ ڙيون.

—

جهولايو چا جيءَ کي، موکي تنهنجي منڌ!
جتن گل آتر واءُ ۾، تيئن متارن ڪنڌ؛
هيي نه انهن جا هنڌ، جن کي سانگو ساهه جو.

—

جتن سانوڻ ۾ ڏار، تتن جهولن ٿيون دنڌڙيون؛
موکي! تنهنجي منڌ ۾، ڪيڏا مينگهه ملار!
سير جيي ڪنهن کي سار، ڏي ڏي وٺيون وهه ٻري!

—

جين کي کڙي ڪَلَ، جيئنءُ جاڻ جاڙَ ۾؛
جرڪائن ٿا جند ڙبون، پارسَ جهڙا پَلَ؛
ڇا ڇا مَڏ مَهَلَ، ساهه سَچي تو ڪيپَ ۾! *

—

سَرو آهه سَرو، ستارن جي سُڪَ، تي؛
هون ته موکيءَ مَڏ آ، پانهن لاءِ پَرو؛
جَن کي پَنڌَ پَرو، سُرڪَ سَجائي تَن سان.

—

کيڙي پيا کيپَ ۾ مَهڪي موکيءَ گُلَ؛
کَڙي منجهه کنول، لهکي لهرائڻ لڳا.

—

ڪَنگوءَ وَنِ ڪَرائيون، مَهڪيون مٽي مٽ؛
چمڪڻ لڳي چَسَ تي، چاندوڪيءَ جي چَٽ؛
اڄ ته وٽيءَ وٽ، سِرُ ڏيئي سَستي مِلي!

—

جان جو ٿان مَڏ جي، لڙڪي موکيءَ لَٽَ،
وِٽيءَ وهه وِترو پَرِيو، گهُٽڪيو آندر گهٽَ؛
گهاري جيئڻَ گَهٽ، جَرڪايائين جند ڙبون.

—

جَڏهن پيتا مَڏ جي، ٿان موکيءَ نِجَ،
اسان سارا ويڄَ، وِٽيءَ وهه، وساريا.

—

وهه مان واجهائڻ لڳو، جڏهن موکيءَ منجهن،
ٽِرَ تا! مون کي منجهن، مون سَٽ وِڃَ وساريا.

—

* مون پارسَ مان لوهه، سچين ته سونُ ٿيان (ٻتائي)

پَبرَ سانُو ونُ، ڏَونرَ ڏونرَ ڏاريون؛
هيڻان موکيءَ مٿَّ ۾، هيٺين جي هَڻَ ڪَڻُ؛
سونرو، سانُونُ، متارن تي مينهڙا.

—

پيٺَڻ تي جيٺَڻ، گهوري گهوٽَ وهانيا؛
رنڌو تن لئه راتڙيون، سدائين سانوڻُ؛
هوُ جي مَري جَڻُ، موکيءَ کي موکهي ويا.

—

وره جهي لوُنءَ لَڙاتَ ۾، موکيي مِرتيءَ مُکَّ؛
اَڏري ويو اوچتو، سارو ڏرتيءَ دُکَّ؛
آمرت روُپيي سُکَّ، ڪَڙي ۾ ڪيڏو هُيو!

—

وهه جهي لوُنءَ لَڙاتَ ۾، نَچيي ٿهي ناتَر؛
مٿارن جا ميڙَ ها، ڇا ڇا موکيءَ گهر!
اُنهن جي آڌَر، پيٺَڻ پِٽ رهجيي وٿيي.

—

وهه جهي لوُنءَ لَڙاتَ ۾، سونهَن پَريو سنسارُ؛
تيم تيم، تيم تيم ڏيٺَڙا، سارو ڪارونهارُ؛
پَڻَ لئه مانهوءَ پهارُ، آمرتنا اوڏو ٿيو.

—

مهڪيي نڪتو مٿَ مان، جيٺَڻ جو جنسارُ؛
مَرو سيرحَتمارُ، ٿنءَ لَرءَ ۾ لَهڪَع لڳو.

—

ڪَرَو چِنُ نر ڪڙو، جڙجيي ڦِو جيءَ ۾؛
گهَتهي مانُ گهڙو، لَڙءَ لَڙءَ ۾ لَهڪَن لڳو.

—

موٽ نہ تين جي مات، پيءُ جهي وهءُ وهاڻيا؛
ڇهڪيو ڇوڏينهن ڇنڊجان، سڙو ساري رات؛
وهائيءَ ٻرسات، ستارا مهڪي مٿا.

—

ڪوڙو ڇوان ڪيئن، موکيءَ هتان جو ملو!
وڻ ورو نيئن، جئن جئن ترو ويجهڙو.

—

تڙي تائين پيءُ، تہ تون موکيي مائيين،
ونيءَ وڻ ورو ونيي، جاڙ ٻرائي جيءُ؛
هر ڪنهن ياڪَ نہ هيءُ، متان مَدَ موٽائيين!

—

متان ٻاڙو ٻوليين، متان وِڃَ ڏئين!
او تون شال تئين، آڇا وڻ ڪي ويجهڙو!

—

ڪنپي ڪنپي آنگڙا، سڄڻ سڄو ڪن؛
آيائا الجهن، ڏسي وڏ وجود جا.

—

هيءَ جا اُنهي ڪڏهن، پڇي تيي ٻاتار ۾،
اِنَ ۾ آڇلائي جڏهن، پڇندا تنهنجا هڏ،
تڏهن تنهنجا سڏ، اوريندا آڪاس سان.

—

موکي آنوکي ونهي برڪ پياڪ جي؛
جنهن کي وڻ جي وات تي، چس لڳي چوکي،
انهيءَ لئہ اوکيي، جاڙ نہ ڪائي جيءَ جي.

—

آئي بکي ٻؤ، ڪنهين وٽي ڪيپ ۾؛
موکيءَ مٽ چڪانو، جرڪيي آئي جؤء؛
رڃيي، ريتي رؤء، مٽ مٽارن ڏوکهيا.

—

ڏهڙو ڪافر هاڻ، موکي! منهن موڙي وڃي!
اپٽيا، آهاءُ ٿيو، چڪيسين ڀانڊاڻ؛
موتيي متي ڪاڻ، وڃي ڪير ڪلال ڪان!

—

اسان صديڻ سڏ، آج پيي ٻيي ٻؤري ڪٺيي؛
اندر هونءَ ٻه اڌ، متان سرڪ سڄو ڪري!

—

ٻرندي مان ٻاهر ڪڍي، ايءَ نه موکيءَ آڌ!
وهه سان وهاڻي چڙي، ڏاري سارا ڏڌ؛
سوچيي سوچيي ڪڍ، آڇي ڪوبه ڪلال جهي.

—

متان پيي پيي پوسرين، وهه ڪان وڃين وهه؛
متان پنهنجو پهه، ڏسي ڏڪ، وسارئين.

—

سير جو ناهه سوال، جي نه مٺا سي ملهيا؛
سرو سڳنڌيو رهيي، سدا لالٺؤن لال:
متارن مثال، معني ڏيندو موت ڪيي.

—

پيي جي پر ٿيا، موکيي ٿنهنجهي مٽ مان،
پيي در ڪرنه ويا، ور ور وهه وهاٽيا.

—

وائي

آڄ جو وٽيءَ وٽ لڙ، ٻارون ٻنڌ ڪيوم-
واري سان وهه گاڏ ٿون، موڪيءَ منڌ ڏنوم-
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!

وهه ٿي چڪيو چنگ مان، جان جان گيت چيوم-
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!

ماڻهن ليکي مشڪ سڄو ماڪيءَ ميٺ هيوم-
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!

ڳاري پنهنجا ڳلڦڙا، آمرت ٿي آڇيوم-
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!

—

وائي

سو ڪئي سڏڙا سُڻا، هوءَ جي رات سُڻا
ورتائون وهڻ ڳاڏئون.

سوڪي! تن جو مارو لڙءِ منجهه لڙا
ورتائون وهڻ ڳڏئون.

سَپَّ به آهي سپّ ۾، ڪنهن کي هور هڻا!
ورتائون وهڻ ڳاڏئون.

ووءِ، ستارا سَتّ تي، ڳهريءِ ڳيت سُڻا!
ورتائون وهڻ ڳڏئون.

—

مارئي

واڍي

متارا مري وڃـا، موکي نـون نہ مرڻ!
کهڙيءَ ڀرَ ڀرڻ ڏکي ڏانـارن ري؟
(ڀٽائي - سُر يمن ڪليانُ)

... ...

موکيءَ ڪيهي مات، آلو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!
مرندا چار متارا، رهنديِ زهر - پياڪن ذاتِ،
آلو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

نيٺ تہ موکيِ چوکيي نيندي، پرَ هہ ڦٽيءَ پرڀاتِ،
آلو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

متَڏَ ڪروڙين ڪنڌَ، سيِن کي وهہ جي واٽي واتِ،
آلو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

موکيءَ ڪيهي ماتِ، آلو ميان، موکيءَ ڪيهي ماتِ!
آلو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

(١)

ڪنديءَ سائون سڳريون، پسيءَ ڳاڙها گل!
ستان وسيون مينهن جون، اڀوندون موتيءَ تل؛
ڪنڊا ميٺيءَ مل، کهوري جنڊ ملير تان!

—

ٻٻرڪي ۾ پونءَ ني، ٿڌا ٿريئن ٿاڪ؛
ڪانيرڙ سارو ڪيپ ۾، ڪاتونبن ني ماڪ؛
چمڪيا ڪتين چاڪ، نڪتي ڪنڀي سج جي.

—

سانيڪي ني سڄُ، ورتُ وريتيءَ هٿَ ۾؛
ڏوڙنيءَ جو نڄُ، ٿاٺيو ڏينهن مهانڊڙو.

—

ڪتيرين خوشبوءِ، ويڙهيو مون کي واس ۾؛
ڪاڻي سرڪ سڳند آ، جيڏا! تنهنجي جوءِ؛
هيءَ جا راڻيءَ روءِ، ڏرني تنهنجي ديس جي.

—

وچينءَ ويلا ڏيتَ ني، ڪيرا، ڪاڳيءَ ون؛
سارن ڦوڪي ٻنسريون، کاهيا رڏن ڏن؛
ساٿ ڪيا سانون، وچون وريون اوچتو.

—

سانجهيءَ ٿاٺي ڏيتَ ني، ولين موٽيا واس؛
رتو آهي ربت ڪي، ڳاڙهو سري آڪاس؛
هؤ جي آٿن ڏاس، ٻارن پيا ڏيڍڙا.

—

ڏس هي سينهونءَ سنگ، پڱل ڇوڙيون آڏ ۾!
ڪالهه هئي هيت مارئي، ڪامين روپي رنگ؛
اَڄ اُنهيءَ جي اَنگ، ڪرڙا آهن ڪوٽ جا.

—

ڏس هي گهرڙي چيٽ، پجي جو پورا ٿيو!
ڪالهه هئي هيت مارئي، مارو جنهن جا ميٽ؛
توني پائير پيٽ، سڪيت نه سهندين سومرا!

—

اَڄ نه ڪوهيءَ نار، نه هو گهرڙا چيله تي؛
اَئت اَڄارا، وينگسون ڇا ني ڇوڙن وار!
ڪنوڙي سڄ نيهار، ورت وسوڙا آس ۾.

—

اَڄ نه ولين واس، اَڄ نه مٿيءَ مينهڙا؛
سڪي وبئي ورري، آهي اَڄ اُداس؛
تون ني نانهه نيراس، ڇا ٿيي اورين آي سان؟

—

ڪرها آرها پند ۾، واريءَ جا وسڪار؛
اَيپون پانهون آپ ڏي، ڏونرن بنا ڏار؛
اَڄ نه ڏنگهرن ڏار، ڏوني منهجا ڏيهه ۾.

—

ڪاريون ڪتيءَ راتڙيون، تارا ٿا ٽمڪن؛
ڏهر سڄو نسي ڏيئڙا، چؤنرا ٿا چمڪن؛
روئي رم جهم ڪن، اکيون سانگين سار ۾.

—

ويڙهي ويڙهي جهنپ، چانبوڪيءَ ۾ چيٽ جي؛
ٻاهر نڪتا رات جو، سانيڪن مان سپ؛
اڪي نه لائيج جهنپ، اکيان ايندءَ پيشيون.

—

وَنڪ وڄڻ جيي جھڙَن، تِن مون جيڏيون جُوءِ ۾؛
ٻائي نڪرن ٻولڪا، ٻھر ٻيازيءِ سبن؛
آءٌ وساريان ڪيئن، ٻڪو ٻاڙيچن سبن!

—

جڻ هو ڪڪرن ڪرَ، بگون تڻ پنوهار تِهين؛
ڳاڙها ڳنَّ ڪُهاڙيين، سج روپهرا ڦرَ؛
آجھو مون اوڏَرَ، دولهه منهنجي ديس جا.

—

لَٽيي لوڻ ڙباريون، تانگر تور تيلن؛
ميندي‌ءَ رنڙا ٻيرڙا، نيمي نئور نَهن؛
ٻَڌي جهانءِ جهلن، ٻرديسي ٻاندَيڙا.

—

ڪيلي ڪمڪارڻ لڳن، جيڏيون منهنجون جيت،
اوندهه اُجاري چڏي، ڏينهي جهڙيءِ ڏِت،
پنوهاريس پرت، موري سُڪا هينڙا.

—

تارَن جڻ تيمڪن، تن جون نَٿ نيوريون،
پُرتُ پريندي جهول ۾، ٻانهون ٻهه ٻهه ڪن؛
جلوي جهڙپ جهين، ٻرديسي، ٻاندَيڙا.

—

جيئن ڪانهن ڪرَ، لڳن آتر واءُ ۾،
تيئن تن جا وَرَ، هو جهي پرَن پاڪرين.

—

اَدي! اَڄُ نہ اُداسُ، آهي منهنجو جيئڙو؛
پرينءَ ساڃيو واسُ، ڪوهہ آواڃيو هينئڙو!

—

آدي! اَڄُ نہ آءُ، ڏاهيان پنهنجي ڀاڻ ۾؛
جن نہ پرينءَ ڪان پرپرو، تِي ويو منهنجو هاڻءُ؛
ڪانئن مٿان ڪانءُ، مون ڪي لاتِ نہ اَڄهي!

—

ڪانئن مٿان ڪانءُ، ڳالهيون ڳَهلي ڳوٺ ۾ —
هرڪو چوي ڪانگ ڪي 'ڳينهہ تہ پرينءَ نانءُ!'
ڪاڏي وڃان آنءُ، واهن مون لئہ وهہ ٿيو!

—

ڳنڍي ۽ ڳيراهہ، ماڳ بہ آهي ماڻهين؛
ڀوءِ بہ تن جو ساهہ، آزاديءَ بن اوپرو.

—

ڳوري پنڌ هيٺ، آيريو ڳاهہ آڳوندرو؛
مارو منهنجا نيٺ، پهتا پنهنجي ماڳ تي.

—

آڳن ۾ آهن، پلڙ پاڇا وڄ جا،
جن مارئيون ساهہ ۾، چنڪي ڪجهہ چاهن؛
لاڳاپو لاهن، شال نہ مون سان سپرين!

—

ماندي ٿيءَ نہ، نتِ ايندا مينهن ملير تي!
وڄون ورندبون اوچتو، لڳهہ لهندا هيٺ؛
مارو ماڪيءَ ميٺ، ملندا توسان مارئي.

—

سهڻيڊي تنهنجي سومرا، ڪڏهن ٿينديس ڪانءِ؛
قيد ڪري نادانَ! ڪنهن به نه پاتو پيار ڪي.

—

هيءُ نه منهنجو ديسُ، منهنجو ديسُ ملير ۾؛
آءٌ ڪٿيريءَ ويسُ، مورُ نه مٺيان سومرا!

—

تو جنهن ڪيو سومرا، ڏاڍُ ڏُکوٽيءَ سينءَ،
ڪو به نه ڪري ايئن، مروئنءَ لڄ آڇي وڃي!

—

مون جو پٽريو پاڃهه سان، ڪالهه آچايلُ ٻَڪَ،
ڏين تو وهہ جو ڏِڪَ، اِن ڪارڻ تون ڪوٽ ۾؟

—

ڪِٿَهابون قسمت ڳالهڙيون، هي سڀ تنهنجا ڏاڍَ؛
آءٌ نه ڏسي اپڻ ذي، ڏِرڪي ڪيان ڏاڍَ؛
آهي منهنجي آڌَ، سکهه سَنگهارَن سومرا!

—

آءٌ نه ڏسي اپڻ ذي، پيٽي ڪيدان پارَ؛
سگهارا سنگهارَ، تورينيدا مون سَنگهرون.

—

جنهن کي ڪَٿهوءَ ذارَ، تنهن هو مرس ملير جا؛
نيٺ نه تنهنجي ڪوٽ تي، آيري ڪندا وارَ؛
سگهارا سنگهارَ، ولهيءَ ٿيندا واهَرو.

—

هيءَ جو ڏؤنرن ڏيهه، مون کي مليو ڏاج ۾،
اهڙو ڪو سانيهه، آءٌ نه پانيان پؤنءِ تي.

—

سهڻين رنگ سُرنگ، ميٺيءِ منجهه ملير جي،
گلاڙن ۾ گلڙا، ستان وڻن ونگ،
آڇن تا آڙنگ، ڪيڙي ڪنهڙي وانگيان.

—

سدا اکين سامهون، سيڪ سپڪ سپنو؛
چيني سڳهيا ڪينڪي، نيڙ هيءُ ناتو؛
ڪيئن توڙ مٺن منهنجو، ڪڙن ۾ قابو ڪندين؟

—

سانجهيءَ آندا سانت ۾، ڪٿهوءَ سهوءَ وڻ؛
پيڙا ٿيا پيڻين ڏراڙن جا ڏڻ؛
تارن هيٺ اگهن، تم تم ڏيٺا ڏهر ۾.

—

ساريندي سانيهه کي، جي مان بند مران،
ڪچيءَ ڪوٺيءَ جان، موٽ ڏريندو ٿيڙا.

—

ساروُ ڪڪڙ به مورا، جڏهن وٺا مينهن!
هءَ جي ڏکيا ڏينهن، رهي رهندا ڪينڪي.

—

سونهن نہ ويندي سومرا! ميندا ڏوٿان يا نہ؛
ويندي سچ سمان، موٽي ملڪ ملير ڏي.

—

سونهن نہ ويندي سومرا! ڏانءَ ڏٺي تو ڏک؛
موٽيءَ جهڙو مک، اڳي ڪان اڳرو ٻري.

—

جٿن جٿن تنهنجي جاءِ، تٿن مان سرسي سونهن ۾،
اڀري سَتِ پهاڙ، چنڊ لڳي جٿن چيٽ جو.

—

تيزي ڪاريءَ آسَّ ۾، سورج مکي جيئن،
ڏکڻ ڏسي مان تيئن، سرسي ٿيان سونهن ۾.

—

ڏسي قول قڪو ٿئي، مان جي ڪٿان سُنهن،
سچ نہ آڇي سنهن، آءُ آڇيتي سومرا!

—

مارو چائن تا، ستّ ٻڪهي تو سونهن ۾؛
سدا لوئيءَ لڄ جا، لاک ڏنهي جهلڪا؛
لڄ ۾ لوئين جا، پريان ٿي پڌرا ميان!

—

متان پائين ايءُ، ڪوجهي ڪندا مارئي!
ستّ سدائين سچ جان، جرڪائي تو جيءَ؛
ڪيئن ڏرتيءَ جي ڏيءُ، لوئي سڏبي لوڪ ۾!

—

اکين اوتَ سوال، آڻيو کوني آپَ ۾-
ڪڏهن ايندو اوچتو پيڻن ۾ پونچالُ؟
هيڻن امان جو حالُ، ڪيئين رهندو ڪوٽَ ۾؟

—

پيڻن ۾ پونچالُ، اچڻو آهي اوچتو،
سدا رهندو سومرا! هيڻن نہ منهنجو حالُ؛
تو هي خامُ خيالُ، سُوکهيون آهن سنگهرونُ.

—

آچا ڪر آڻيو، اوچو پنهنجي ڪوٽ ڪي،-
متان آيري سيجَ جو، باچو پوي ڪو!
پو بہ سدا هوندو، منهنجو منڻ ملير ۾.

—

آچا ڪر آيو، اوچو پنهنجي ڪوٽ ڪي،-
نيوڙي متان چندُ ڏي، مون کي ڪو نيايو!
پو بہ سدا هوندو، منهنجو پيارُ پنوهارَ سان.

—

مون ۾ اهه مليرُ، آهيان آءٌ مليرَ ۾؛
رکو روڪي تو سگهي، جسي کي زنجيرُ؛
تنهنجي وسَ سريرُ، مون مَنُ ماروءَ هنج ۾.

—

مون کي ودي سومرا! گپا گيا ڪر،
پوءِ بہ ٻڌندي ڏرِ، مون مان ناتہ ملير جو.

—

نسورو نادانُ، سدا آهن سومرا!
منهنجو ساهُہ سنگهار ڪان، ڌارَ ڪندو زندان؟
آءٌ تہ هان حيرانُ، ڪيئن تو پاڙيو ڪوٽَ تي!

—

ڪِنهليون پاڻ ڪُهڻ، مون تي هَسُ حياءَ جو؛
آءٌ سدا ٻَڌَل ٻِڌي، ڪيان پنهنجيءَ ٻاجھ ۾.

—

لائون لتڪايان، آءٌ نہ سيرَ تي سومرا!
سونهن اسان جي سادگي، پھنوا نہ پايان؛
منهن مٿي چايان، ساهون سچ لڄي ٿئي.

—

مان جي ڪپايان سومرا! چانگون ڏيئن چالَ؛
ٻَڌ ٻڌي ڪري آيو ۾، اَٿئي ڪان ٻڪرالَ؛
پيٽُن ڪري پالَ، وسن مينهن ملير تي.

—

آيي اَتر واءُ ۾، آءٌ جڏهن ڪپايان،
سَرن پاندَ قُٿي پون، تُوهَر نچايان،
ڪَڪَرَ گڏ گڏ ٿي لڏن، هيرڻ هر ڪايان،
پيرَ پابوهي وجهان، ٻِٻُرَ ٻوڪايان،
سُر ۾ ستايان، جڏهن سڪ سنگهارَ جي.

—

جڏهن ڪاتو مون، وڻَ نَڻ موريا ماڪَ ۾،
قُٿي پيون اوچتو، پٽن مٿ پيوَن،
تَر ۾ ٿاڪ ٻرڻ لڳا، ريجهيون روجهڙيون،
پيئي منجھ پٽون، نچيون ناچڻ وانگيان.

—

جي تون چئين اي، ڪوجهي هئي مارئي،
تون ڪوڙو آن سومرا، ڪوڙو تنهنجو ٻول!
ڏرتي پنهنجي ڏي، سچائي تي سونهن مان

—

تنهنجا چاري سومرا! جو ڪجهه لوڪَ چون،
منهنجا مارو مارئي مُور نه ڪوجهين ڪن؛
مُنهن مان مُندَ بَکن تا ڪي سورجَ سجّ جا.

—

ڪيئي ڪوجهيون ڪوٽ ۾، سهسين ڪن سينگارَ؛
ها، پر آئينديون ڪتان، هيءَ جا ٻتِ پنوهارَ؟
چورين چَلّ هزارَ، مُور نه ٿينديون مارئي.

—

تون ڀانئين تو سومرا، سدا رهندين تون!—
ڪڙا ڏيئي ڪوٽ کي، نيئَرَ وجهين مون؟
ٻيرن هينئان ٻون، چار ڏهاڙا ڏاڍ ڪي.

—

تر کان سوا ٿاڪ، کھڙا تنھنجا مارئي!
ھيٺي ٿنڀي ھينئڙو، مٿان وڃي ساڪ؛
ور ور پيئن واڪ، سڏن تنھنجي ساھ کي.

—

تر کان سوا مڏ نون، مٿ ھڏن سکئي؛
ماندائون، سکئي، معني تنھنجي مارئي.

—

تر کان سواء جنڊڙيون، ٻوٽا بنا ميينھن-
جھڙا آرھڙ ڏينھن، اھڙو جلن جيءَ ۾.

—

تر کان سوا جنڊڙيون، مڏ بنا پياليون؛
شال! رھن آليون، اکيون ماري ڏٺ کي.

—

ڪوجهڙي ڪندو ڪبرُ، مون کي ملڪ ملير ۾!
اَني گاهُ ڦٽيي ٻيو، جتِ مون ڌرڻو پيرُ؛
مون ۾ ڪهڙو ميڙُ، آءٌ آهائي مارئي.

—

وائي

نيٺر ڪرڙي اپَ تي، اندر ٻاھر ٻٽَ-
ڪڏھن وسندين مينھڙا؟

جھولا، جھڪَ، جھجھي مينھون، ڦانگ نه آھي ڦٽَ-
ڪڏھن وسندين مينھڙا؟

نيرَ تڪيرا نرورا، ڇوڏر تيرڇي ڇٽَ-
ڪڏھن وسندين مينھڙا؟

سپَ کي پيرين پرڪٽا، واريءَ ڍيرَ آڪٽَ-
ڪڏھن وسندين مينھڙا؟
ڪڏھن وسندين مينھڙا؟

وائي

اُيري اُٺي ڪوٺ تي، ويو سجَ ٻڏي-
ماڳ نه موٽي مارئي!

آھيري جي اوٺَ ٿيا، پکي پار اڏي-
ماڳ نه موٽي مارئي!

ايئن نه ناھي مُندَ جي، لونيءَ لڄَ لڏي-
ماڳ نه موٽي مارئي!

ڪنھن جو ڪنئي ڪوه تان، ڌرتي ڇونه ڏڏي؟
ماڳ نه موٽي مارئي!

سرھي ٿئي سات سان، آڇي شالَ اڏي!
ماڳ نه موٽي مارئي!
ماڳ نه موٽي مارئي!

مارُو منهنجي منَّ ۾، مارُو منهنجو ماسُ؛
جتي آهه اداس، اُتي مَهڪ ملير جي.

—

اُتي مَهڪ ملير مان، مٿيءَ ٻهو مينهُن؛
مُٺي منهنجو نينهُن، اڳي ڪان اڳرو ٿيو.

—

مُٺي ڪانَ ٻهو مُندَ جي، پيا مينهَن ملير،
جتي ڪٿي مارُئي، ڳاڳيءَ ڳَمُ ڳنڍيرَ!
ماڙا ڪيرڙ ڪترين، واهي ويٺي واسَ سان!

—

پيا مينهَن ملير تي، ٻَهڪي اُٿيا ٻوهَه؛
ڦرهَه، لاڙيءَ ڦوهَه، جوبَنُ جَرڪي مُندَ جو.

—

ٿَر تي ٿڌو چنڊُ، پيني رات ملير جي،
جتِ هيي سارو منڊُ، مَهڪيو نوسان مارئي!

—

پيا آڏيءَ رات جو، ڪيرڙن ني ڪيرٽا،
ٻَلَر تي ٻاڇا، ٿَلهَ ٿراٿيءَ مارُئي!

—

وائي

ماروئڙا آڻ موٽ، ڪيري آيا ڪوٽ ـ
لتا لوھ لڳن تان.

جرڪهي پنهي جيٽ ۾، منجهان آرڻ موٽ ـ
لتا لوھ لڳن تان.

ڪبڏا ڪيا سومري، ڪانڙ توسان کهوٽ!
لتا لوھ لڳن تان.

وڻا ميهن ملير تي چانگون چنن اوٽ ـ
لتا لوھ لڳن تان.

جيئن! توکي جس ڏنو، پائر جي پالوٽ ـ
لتا لوھ لڳن تان.

وائي

آنڌر ڊاٽا جي، وري جوڙيو سي،
پکا پائير پارَ جا.

آئو، آئو مارئو! متان مينهن وسي-
وري جوڙيو سي،
پکا پائير پارَ جا.

ڪيڏو ڪاريءَ رات ۾، ڪيچن ڪنوٽين ڪي!
وري جوڙيو سي،
پکا پائير پار جا.

ڦٽيل ميرون واءُ ۾، پيو وڄ هٿي-
وري جوڙيو سي،
پکا پائير پارَ جا.

رکو سوز سيءَ ۾، ڪتي ڪر آچي!
وري جوڙيو سي،
پکا پائير پارَ جا.

گهاتو

واڍي

آچو، آچو سينهڙا، ڪيو ڪبو وسُ!
مارو پهتا ماڳ تي.

پَسو جانئيون جنڊيون، سَندن ڏُلهن ڪَسُ-
مارو پهتا ماڳ تي.

وَسيا وَليون واسَ سان، سارا ڳوندرَ ڳَسُ-
مارو پهتا ماڳ تي.

جيتي پيرا بُرت تي، آني ڏوٿين ڏَسُ-
مارو پهتا ماڳ تي.

شل مارن سان ماڙيان، جڳتَ تُنهنجا جَسُ!
مارو پهتا ماڳ تي.

(١)

او ٿلھ مرڻ مڇ، ڏرندا ڏيئون ٽيئين!
ٻرا تنھنجيءَ ٻچ، ڪيئي گھاتو گھائيا.

—

اونو، آڌي رات، جھپ نہ آ ڪنھن جيءَ کي؛
سُس پُس ۾ سانيھہ جھي، ٻرا! تنھنجي بات؛
گھاتيڪ! تنھنجي گھات، ڏھڪو ساري ڏيھہ ۾.

—

آنگ اُگھاڙا ھارڙا، ڪنڌيءَ ٿي ڪنبن؛
گھاتو گھر نہ آئيا، وھون وائون ڪن؛
ڏيل پيا ڏھڪن، مڙس پيا ڪنھن ماڃري!

—

مڻان پوڻ پوائتو، پاڻيءَ جو پاڇو؛
وِسِي ساري وس آ، سوچي ٿو ھرڪو-
’مانجھيءَ تائي ڇو، گھاتو گھر نہ آئيا!‘

—

ھرڪنھن ڳِتا ڳوٺ ۾، ڳجھي سان ڳوڙھا،
ماڻھو ٿيا موڙھا، ’گھاتو گھر نہ آئيا!‘

—

آھي ٻرو ٻُڪل ڪان، پوڻ مڻان ھي ڊوءِ؛
ڊورن گھرجي ڊوءِ، ماڻھو ڳولي ماڻھپو.

—

آلا! مٿي مَڇَ جي، ساري جُرَ تي جاڙَ؛
چيرڪَ پَرن ٿيون چوليون، ڏسي ٻَچ پچاڙَ؛
ماڻهوءَ کهڙي ساڙَ، ٻهچي واڳوءَ وات ۾!

—

هوءِ جي نديءَ نيرَ، لائون ڏيندي لوڙهيا،
هو جي مٺا مَڇَ سان، وڙهندي منهنجا ويرَ،—
چيتَ وجهي ٿي چيرَ، گهاتو! تن جي ڳالهڙي.

—

آسان سان آهن، هو جي مٺا ماڳَ ۾؛
تن کي گهاتو گهيرَ ۾، مَنان نه لاهين؛
سدائين ڪاهين، تن کي ساري ڏونديون.

—

هو جي مٺا ماڳَ ۾، وڏو ڪري وَسُ،
گهاتو! تن جي ڳالهڙي، سدائين ساهَسُ،
تنهين بنا تَسُ، آلا، اوتَ نه اَچهي!

—

هو جي مٺا ماڳَ ۾، سي ڪئن وساريون؟
ساڳيا ٿيندا ڪينڪي، بَندرَ بازاريون،
جن ۾ گذاريون، گهڙيون تن سان گهاتوئو!

—

جيسين آجي اَچَ ٿي، سُڪيت نه آ رهنو؛
لَهوءَ جو لهنو، گهاتو! نيٺ چُڪائبو.

—

هوءَ جا لهوءَ لارَ، پاڻيءَ تي پکڙي وَئي،
چُڪي پيئي چيتَ ۾، سدا تنهن جي سارَ؛
تيسين ڪوهُه قرارَ، جيسين اونو اَچَ ۾؟

—

ڪنڌيءَ مٿي جهوپڙا، ڪَنَن جا ڪَرڪا؛
چِنتا کي اَڄُ چِتَ ۾، ٻَنيءَ جا ٻرڪا؛
ترڪَن تي تَرڪا، دَنگيون سيِ دَ ڄبون ڏون!

—

ڪنڌيءَ مٿي جهوپڙا، مٿان ڪاري رات؛
نِڪي ٻتي باهڙي، چوڌَر چُپ چپات؛
مَڇ ڪيا جي مات، تِن جا روحَ ڦِرن پيا.

—

هوُ جي ماريا مڇ، تِن جا ساهه سڏن پيا؛
توُن ءِ ڪوسي ڪڇ! گهاتوُ، اڄ ٻُڌين نه ٿو؟

—

گهاتوُ! ڇو گهيرَ تي، وَهون وساري؛
نند ٻ ڪيهڙي نند آ، ڏَرُ جيسن ڏاري!
ماريءَ ي ماري، موتي سمهو سُڪَ سان.

—

سانجهيءَ ڌاڻي جهوپڙيون، آڳ مٿان آونگَ؛
سَپَ تي ٻاچو پيرَ جو، سَپَ تي ويريءَ ونگَ؛
روزُ رڙن ٿا ڪَنگَ، اونو ڏسي اَڄ ۾.

—

آلا! هِي انسانَ جهي آندرَ جو اَلڪو؛
جندڙيءَ جو جهَلڪو، ويريءَ جنهن کي واسيو!

—

ڪنهن کو مُڙي مَڇ کان، ٻانَ ڪري ٻاسو؟
ويريءَ جو واسو، آهي ساريءَ اَڄ ٿي.

—

گهاتوُ گهرُ ڇڏي وڃن، ايءَ ٻه اُگري ريتِ؛
جهي جترَ جهي جانارَ کي، ناهي ڪائي نيتِ،
وَرُ پنکن جيي پريتِ، ويڙهي لئه وڙهندا رهو!

—

سدا پيا ساماڻا، ماڻهوءَ ڪارڻ مَڇَّ؛
سدا گهاتوُ رڇّ، آڻيندا اوڙاهَه ۾.

—

مَڇُّ نه مري پاڻَ، آ نوڪي نئي مارنو؛
آزل کان انسانَ لئه، مدائيءَ جا ماڻَ؛
جنلّ اِنهيءَ ني جاڻَ، متان موٽين ويڙهه مان!

—

سانگترُ ساهوَن سورڙي، آزل کان آهي؛
آجُ نائين اِنسانَ جيي، ويڙهه ڪٿي ناهي،—
چڱو جو چاهي، اوڻهي ٻنان آڇّ ڪي.

مٺڙي نانهه مار، جاڙ نه سهه تون جهڙي!
جان تو ساهه سرير ۾، ڪر ويريءَ ني وار؛
تيسين ڪوهه قرار، جيسين جابر جوءِ ۾!

—

مٺو ڏسي مڇ کي، رتُ پيو ٽهڪي؛
ڏيهه پيو ڏهڪي، مان ني گهيران گهر ۾!

—

ماريندي هڻ مڇ کي، ڇا ڇا وس ڪيام!
ڇتيون ڇيهون ٿي ويون، ڇڄي رڳ پيام؛
وڙهندي وڙهيم ٿيام، آڇي وار آڇا ٿيا.

—

سانجهيءَ ويڙ سوڌ ني، رتا راڻن رنگ؛
وڙهندي ويريءَ سان تڪا، آلا منهنجا انگ!
نه هو آس امنگ، نه سا سگهه سرير ۾.

—

اڄ جو ڪيري وڄڙي، اڌ مٺو ٿيو مڇ؛
چلهي پيو ڇڄ، ڇتيون هٿون ڇوه مان!

—

مري مري مڇ، وري تو وار ڪري؛
وري وري رڇ، گهائن وڌو گهر ۾.

—

آڇا مڇ اهاءُ، ڇڪي نڪتو ڇڄ ني؛
پڇڙ پاڻيءَ ۾ چلي، ڏٻ وڏايو ڏاءُ؛
متان ڪو سوداءُ، گهيرڻ جو گهاتو ڪري!

—

کیډارو

(ا)

سانجهيءَ جو آڪاس ۾، پيارو پيوڙيءَ رنگ؛
ترسايان ڪنهن تڙ متان، روڪي آءُ ترنگ؛
سرواهيون سُرنگ، رڻ ۾ ڪيسين رڳيان!

—

ابل، اَج نه آنءُ، جهڙي پتوانءَ جهول ۾؛
آرڻ ۾ آرام جو، ڏي ڪو مون کي ڏانءُ؛
پايان ڪو تير ٿانءُ، لاهي رتو مولهيو.

—

ڪونڌ ڪڍائي اوڏڙا، نونڌ نچايا مون؛
وڃڻ پيا وڻڙ ۾، سورهيه ۽ سويڻ؛
لهوءَ لال پڳڙن، ڪڙيون رتّ چڪندڙيون!

—

هاڻي ڪير متو، پيڙ ڪاڻ پنڌيرو ڪري!
اڄهو سڄّ لٿو، وڙهندي وڻڙ ۾.

—

سوڻجو ناهه سرير، وڪڻ وڏي ٿي وڙهه ۾؛
پيڙ ڪاڻ پنڌيرا ٿيا، وڙهندي مور نه وير؛
جڻ جڻ تيرڇا تير، تڻ تڻ سينا سامهون!

—

لهوءَ ۾ لت پت، ڌرتي منهنجي ديس جي،
پترڪي پيشي پٽ، جهونجهارن جي جنگ ۾.

—

وڌندا رهيا ويڙهه ۾، نه ٿيا ڍولَ ڍرا؛
پڳا پٿر وانگيان، نيرو رڪ نرا؛
چار ئي پهرَ چرا، ڇالوَن ساکي ڇوهه سان.

—

تلوارَن جا ٽڪ سان، زرهَن تي زَبڪا؛
لاکيٽن لَپڪا، چِڪيَل واکُوَن ويڙهه ۾.

—

وڏي آمُر وير جو، وارا ڪيا وِيرَن؛
دل سان دعائون ڪيَن، پرَ ڦاڙي ڀيرَن؛
ٽڪ ڏسي تيرَن، ويرِيَن هانوَ جهپي ويا.

—

تازيُن تنگ ڇڻائيا، پيريوَن ٽيو پٽڪن؛
اَيرِي راوتَ رُڪ سان، وَر وَر وارا ڪن؛
جهيڙا جهوُنجهارن، جائي جمر پرائيا.

—

هوُ جي وسندي مينهن، وڙهيا پٽي ويڙهه ۾-
مٿان بادل آپ ۾، هيٺان ڪيهر شينهن،-
ڌال ڌمان سان ڏينهن، پيهر اهڙا ڏيهه ۾!

—

سرلهي وچان سچ جا، تلوارَن تي تيجَ؛
هيٺان ريٽا ريجَ، مٿان ڦڙيون مينهن جوُن.

—

آبر منجهه اُهاءُ ٿيو، ڏسي ڪينهه ڪنن؛
ويڙهوُ پيا وچ جان، چوڏاري چمڪن؛
ڪنوڻين جيئن ڪيجن، ميرَن تي سرواهيون.

—

چڱين رت چڪندڙيون، مولهيا لهوءَ لال؛
آدا، آچ نہ اوريون، انهن جو احوال؛
ڪالهہ ٻلائي ٻال، وڍيا جيڪي واهڙوءَ.

—

سدا آيريا سنڌ ۾، آنڌيءَ جن انسان؛
وڙهندي مڙس مٿان، مٽيءَ منجهہ سمائيا.

—

سدا آيا سنڌ ۾، نوان نادر شاهہ؛
ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهہ سوا ٻيي واهہ؛
مٿان سوچيو ساهہ، مٿان سونو ماکَ ڪان!

—

سدا آيريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪنجل لوڌ،
هوڙهايون ۽ هوڌ، ڏسي پنهنجي ڏيهہ سان.

—

سدا آيريا سنڌ ۾، ڪوبا ڪيهر وٽ،
ڏوران جن جهي ڏڪ، وريءَ جيءَ جهپائيو!

—

ڪاڙي ڪيٿ ڪميت تي، آڏيءَ اندوڪار؛
جهڙقڙ جهور جهڪور ۾، چيهہ ڪيو چمڪار؛
اڙيءَ سان آڌرڻ لڳو، گهايل گهوڙي سوار؛
اوندهہ آهہ اپار، ڪنهن چنجي هو ڪير هو!

—

ٻشڪون ٻنيءَ رات، مٿهڪن لڳيون مشڪ جان؛
وڌڻ لڳا واءُ جان، مشڪن مور نہ مات؛
ڏورانهين جيي ذات، ڪڙ نہ ڪوڙي ٻوڻ تي.

—

ڏڏڙ اندر ڏڙ، سِرُ بہ ڪِتي سوپ ۾؛
وڙهي، ڪيڏا پاڻ سان، وِيرَن ڪيا وڙَ!
اُنهن نہ آءُ ڪِهڙَ، جن تي اوچَن آپِ جا.

—

هِي جو ڪُوندُ ڪِري پِيو، مَتان سَهڙي سَنجهہ،
وِيچَ وَرائي ڀانهن جِي، ڏِنا سارا ڏَنجهہ!
موتُ هِني ٿو وَنجهہ، وِيندي نَديءَ نيرَ ۾.

—

مَتان ڪنڪيون ڪُونجڙيون، هِيمَان ڪتاريون؛
راوَت وڙهيا روهہ ۾، گهاوَ وجهي گهاريون؛
آڳَن تي آريون، ڪومَل ڪيرَ ٿا چِنبَ جا.

—

هلو ڙي هوتا! وڙهندا هلو وِيڙهہ ۾؛
بَرَن ۾ بوتا، مَتان روڪيو رات جو!

—

جيسين ڀڏي آپ ۾، وِماڻو تارو،
تيسين اِڪين لائجو، جهَپَ نہ جهونجهارو!
مَتان ٿِهي مارو، اوڀائيءَ تي اوچتو!

—

مَتان ڙي ٻوڙو، وِهڙهہ نہ چِڏجو وِچَ ۾!
آزاديءَ بِن اوپرو، آدم جو پوتو،-
ماڻهو، ميروڻو، ڳالهہ مڙيو ئي هِڪڙي.

—

مَتان نہ ماريو، ڏَري پنهنجي ڏاڍَ ڪان!
رِڻَ ۾ راماڻا ڪري، وِهريءَ ڪي واريو!
تَرو ۽ تاريو، ساتُ سمورو رَتَ ۾!

—

اُتر ڪينوري آڄُ، سارو ٻيڙُ ٻُسائيو؛
ٻَچڙا! آئي ٻيڄُ، راوت ٻِهتا رڪُ سان.

—

آرهڙ جو آڪاسُ جهڙُ رجايلُ ڌامون؛
ڪيهه آڌي، ڪامون گهوڙي ٽپيو گهوٽُ سان.

—

ريت ڇهي ونئي رتَ کي، ڏاڍو ڏينهن تتو!
ڪنهن جو لهو ڪٿ ڪريو، ڪنهن کي ڌاهه پتو!
سانجهيءَ سڄُ رتو، ڪارڙهه سمائي ڪارڙهه ۾.

—

پوڻ ۾ ساري ٽاميءَ، اپُ ٻه آسن وسُ؛
هڻندي تيز ترارين، ڪسيا ڪلهن ڪسُ؛
ترندي رتُ ترنگ ٿا مور نه تاتين تسُ؛
ڪسُ ٿيا سپُ ڪسُ، وارُ نه ڪسيو هڪڙو!

—

جوڀَ آچن ٿا جنگ ۾، ڪڏائي ڪٻڪانَ؛
ڏڏڙ ۾ ڏوڪارَ ٿي، مَلهيي ويا ميدانَ؛
آزاديءَ اعلانَ، ڌرتيءَ کي ڌوڏڻ لڳا.

—

ڪٿي ڪني ڌارَ، ڪيڙي پيون ڪوپريون،
سوُرهيه منهنجا سٿ ۾، گويا ڳالهه آنارَ؛
لهڪي لهوءَ لارَ، مهڪي پٽي ماڪ ۾.

—

ڌس هوءُ ماڻن سڳڻ، آنڪا آچيي وڃُ ٿي،
آرڻ ۾ اهڙا اکيي لوهه نه ڏٺا ليڪ!
ڏڏڙ اندر ڏيڳ، وڙهندا رهيا وبڙهه ۾.

—

وائي

جهيڙي ۾ جهونجهارَ يارَ، سانئي سجَ آيارَ، يارَ!
مون مَن اوهان موهيو.

ڇو ڪا ڪنئي سجَ جي، آهه کهاڙيءَ ڌارَ، يارَ!
مون مَن اوهان موهيو.

ڏو ڏو لسيءَ ڏُڪَ سان، ڪبڙيءَ ۾ ڪيڪارَ، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ڏيهي منهنجي ڏيهه جا ماڻهوُ ميگهه ملارَ يار!
مون مَن اوهان موهيو.

مولهيا مولهيا ماڳ ۾، لکين سات سچارَ، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نيٺ نه وڃهندءُ ڏاڏ جي ڏونگر ۾ ڏهڪار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نٺ نه وسندا مينهڙا، ٿيندا سنڌ سڪارَ، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

وڙهو، وڙهو ويڙهوئو! متان پٺ ڏيو!
آهي پنڌُ پيو، اڃا جيئڻ جيت ۾.

—

متان مڃو مات! آمرُ ٿيو انڪارَ ۾؛
آرڻَ ۾ اقرار جهي مور نه ڪجو بات!
رانيو، رانيو راتِ، رانول پنهنجي رتّ سان!

—

سِرَن متان سوپ جون، پکون جي پايو،
متان وڙهندي ويڙهه ۾، پٺ تي واجهايو!
لايو سجايو، نيٺ ته ٿيندو لوه جو!

—

آڇو، آڇو سورهيو، هٿو چٽّ پٽن!
مباڻهوءَ متان رتّ جا، بادل ٿا برسن!
وڙهندي مانَ وسن، تر تي ٿڌا مينهڙا!

—

آڇو ڪرّ ملهائيو، راوت رگيو روهه!
جيسين ڏاڍا ڏيهه ۾، ڏيهه نسورو ڏوهه؛
للڪاري ٿو لوهه، آيرو اڄ آنياءُ تي!

—

كاپائتي

(۱)

نوڙي پوءِ آکاهه، ڦورو ڦوله نه مان وڃان!
سڀ اِنهيءَ کان سگهو، جي کو آهه، پڌاءِ؟
وڻن هوندي واءِ، سون پڄاڻان ڀاڙ کو!

—

ورَ ها ونگيءَ تڪ م، جاني ڀليءَ پٽ،
پوءِ به آئي آرت کي، مون کي چيئه، "ڪت!"
پرکيئه منهنجي پٽ، ڦورو ڦوله نه مان وڃان!

—

ڦورو ڦوله نه مان وڃان، مون کان وٺ اَتل!
سان چاڻان جي مون ڏنا، پوٺيءَ پوٺيءَ پل؛
نوڪي ڪاهڙي ڪل، مون چا اوريو آرت سان!

—

آن نورٺي جو آسرو، ڪڏهن مون نه ڪيو؛
مون اوريندي آرت سان، لهي ڏينهن ويو؛
چڱو، سچ چيو، ڦورو ڦوله نه مان وڃان!

—

ڦورو ڦوله نه مان وڃان، تند تراڙي ٻاءِ!
مون کي نيي ڪس لاءِ، آءٌ نه ڪسر هيرئين.

—

سون صريڪا هٿيڙا گهرن تا انصاف!
جي تون سچ صراف، ڦورو ڦوله نه مان وڃان!

—

نوان سلوڪ - (سامي ء جي نالي)

وائي

مون کي مُنهن مليءَ ڇُڪو، هاڻي نور نه نور،
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

آئون ڪالهه اُداس هو، مون چيو، ”چرخو چور!“
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

”اَرَهي! پنهنجي اَرٽ سان آئيي آذيءَ اور!“
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

”سُتهي ساهه نه هڏڙا، نينڊ نِدوري گهور!“
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

تاڃي پيتو پيار جو، مون جو پورڻون پور،
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

هاڻي وِٺو قولهه تون، مُنهنجي سُپني ڏور!
آءٌ ڪَتين لڙ ڪَتيو.

وائي

سُونهي ڪاپو ڪنڊ ۾، نه تو چنڊ نه مون!
ڪَتيم وچ ڪانارُئين.

اوريندي آڄ اَرٽ سان، رات گُذاريسون،
ڪَتيم وچ ڪانارُئين.

ڪيڏي ونگي تَڪ آ، ياءُ آسان جي پون!
ڪَتيم وچ ڪانارُئين.

ڪَتهي ڪَتبان ڪيترو، ڏينهن مڙيوئي ڏون!
ڪَتيم وچ ڪانارُئين.

(١)

سامي! تو به نه سمجهيو، ڇا آهي سنسار!
مايا ڏُتي نام ڙي، مايا ناهي ڇار!
مايا اپرمپار، سدا سرجي سونهن ۾.

—

سڀ ڪجهه آ آڪار ۾، ڪجهه به نه نرآڪار؛
آنڊو اونده ۾ ڏسي، آنو کو اسرار؛
ڪنگ ستارا آپ ۾، نرڪنگ آنڊوڪار؛
مايا ناهي ڇار، مايا ساگر سونهن جو.

—

هي جو ساگر سونهن جو، انهيءَ کان انڪار!
سامي، پنهنجيءَ سوچ تي، توُن ٿي پنهنجو ڇار؛
سچو آ سنسار، جوت سندءِ ٿي جيءَ ۾.

—

ڪيڏو تو کي ڪوڙ، آهي مايا موهه ڪان!
آڏيءَ اره منڌ جا، جوتا آهن، ڇو؟
ڀورا! تنهنجو ڀوڙ، جاڙ آجائي جيءَ سان.

—

پتر ۾ پدرا ڪيا، هو جي ادلورا،
جي توُن ڏسين جيٿرا، ڀوڙ ڇا جو ڀورا؟
نوان، نڪورا، آڏيءَ. اره منڌ جا.

—

گهڙو ڏيندي سونَ کي، مِٽيءَ کي ڪا؟

— سامي

سامي! جيئن جسُ، ناهي ڪوئي ’نانهن‘ ۾؛
ڪام ديو جي سينگ تي، ماکيءَ مکيون پسُ؛ ١
ساڍوءَ ڪهڙو وسُ، مٺي ڦاٿا موهه ۾!

—

آسو ڦڪيو ماسُ، ڏڙيون ڏانگير ڏاريون؛
سيڪي تو سڳنڌ لئه، سامي! منهنجو سواسُ؛
گهوريو هي بنواسُ، سڪجهه آ منسار ۾.

—

ٻاايل ٻاڻهي راڌڪا، چم چم آچهي جي،
ڪوڪهي ٻن جي باک ۾، ڪوين ڪدم تي، ٢
مڪتي نام متي، ڪاٻه اِنهيءَ کان ڪاپڙي!

—

منج گنڌا جو موهڻو، ناهي ڏس نوُن ڏن، ٣
چنچل چندن واس ۾، وبڙهي جهي تو من،
آهڙو آتم ڏنُ، ڪوبه نه آهي ڪاپڙي!

—

هي چندن جو تيلڪُ، يا سارنات تي چنڊ، ٤
ناري! توسان منڊ، آهه آگي کان موهڻو.

—

---

(١) هندو ديو مالا موجب ڪام ديو کي هڪ سينگ ۽ پنج ٻاڻ هوندا آهن. سينگ ڪمند جي هوندي آهي، جنهن تي ماکيءَ جي مکين جي قطار وٺل هوندي آهي ۽ ٻاڻ ڏانديءَ سان ڪنول جا گل هوندا آهن.

(٢) ڪدم - هڪ وڻ، جنهن جو هندي شاعريءَ ۾ بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٣) منج گنڌا - مها ڀارت ۾ آيل آها سهڻي ماڇاڻي، جنهن تي ڀشم جو پيءُ اکين ڇڪن تي ٻيو هو. لغوي معنيٰ اٿس- ’مڇيءَ جي بانس واري‘.

(٤) سارنات ۾ مهاتما ٻڌ جي رنگ ۽ هڏيون پوريل آهن.

ساري رات سڳند ۾، ناريءَ ڪارا وارَ؛
ڪچيءَ منجهه ڳرانڙيون، ٻوڇا جهڙا پيارَ؛
نوڪي نيراڪارَ، آڏوڻي ڇا آچو؟

—

اِن ڪان وڌ ڪهڙي ميلي، مڪتي مانهوءَ کي؟
جَپ ڪپيل انجير جان، اُپري آچن ڪي،
۽ آمرت آچي، ڪاٿي نار نِهارَ ۾!

—

آنديءَ آئي انبڙيون، تَپڪي ڪيرن جتن،
سندرُ ناري تيتن، سرڪي آئي سيجَ تي.

—

سندرُ ناري سيجَ تي، مايا نہ سامي!
آئي آڏامي، ماڪي ماکيءَ مکّ ذي.

—

گوري سٽي سيجَ تي، رمندي رهي راتِ؛
پرينءَ سان پرياتِ، جوٿ نہ آهي جوڳيا!

—

مايا ناهي چَلُ، جي سمجهين سنسارَ کي؛
ڏس تون ڪنهن جي پيار ۾، چيتَ ڪري چنچلُ،
پورنُ هرهڪُ پلُ، لڳندءِ پنهنجي پانَ ۾!

—

سامي! هيءُ سربرُ، جتن متيءَ جو ماتو؛
رَچي جي ربتو تني، مَڏ منجهس ڳهاتو،
ڳَنَ ٻاٽي ڳاتو، اُپري اوچو اُپَ ڪان.

—

سامي! هن سنسار ۾، هي مانهوءَ جو من،
ڀانئي مانهوءَ پيار ۾، پنهنجو آتم ڏن؛
پيار ٻنهان پورڻ، ڪوبہ نہ آهي ڪاپڙي!

—

ڪوبہ نہ ٻرڏيهي، سامي هن سنسار ۾؛
سڀ کان سندر ديوتا، آهي هيءَ ڏيهي؛
ٻرجهي ڏس پهي، پيارا! پنهنجي پاڻ ۾.

—

ڏيهيءَ ٻنان آتما، آڏوتيي! چاهي؟
ٻن ٻہ مٿيءَ مارو، آڪتي ڪجهہ ناهي؛
هن سڄي سنسار کي چار گهڙيون چاهي،
لاڳاپو لاهي، ويجهو وڃ وناس کي.

—

مانهوءَ منجهہ وناس جو، ڏاڍو آهي ڏر،
چاهي ٿو ڪيڏو چريو، هجان هوند امر!
ٿال هجي هيءَ جندڙي، ڪوئي پوپٽ پر،
گهڙيءَ لاءِ گذر، جيئن جو گل گلاب تي.

—

وڙ وڙ آويساهہ سان، رات ڏينهن آڪاس،
هر شيءِ هن سنسار ۾، ٿيندي آهي ناس،
ماڻهو چاهي؟ ساس! وڙ هي جيئڻ ڏينهڙا.

—

سُندرُ نِاريءَ سَرُ سَنان، وهنجي چنديا وارَ،
منَّ هَرِپل جهي اکَّ مان، نکري دونهن ڌارَ،-
هيئن پيي هٻڪارَ، آڌرني آهڙي ڪٿي؟

—

جَلُ مَندر جِشن جِنڊڙي، ڏيئا ڏيئا ٻهارُ،
ويراڳي وَيراڳُ ۾، آهڙو ڪيتِ اُجارُ!
اونده اندڪارُ، تياڳي تُنهنجي تياڳ ۾

—

نيڻن مير ڳهڻ نماڻيا، ميرڪي مٿان سجُ،-
ڪٿي هڙئي هيجُ، تياڳي تنهنجي تياڳ ۾!

—

غربيءَ گلزار؟ ميڙنگها ٿنهنجي مٽ مٿي!
ڏکن ڏٺي ڏيهه ڪان، آڏو ٿيءِ انڪار؟
ٻوڙو ٻجهڻهار، دانهن نه ٻڌي ديس جي.

—

هيءَ بکايل ماءُ جي ٿڃن مٿان ٻار،
ڇا هي آبهم ٻارڙو، آهي مايا جار؟
انهيءَ کان انڪار، ڪيئن ڪيو تو ڪاپڙي؟

—

ڇا ڏوڙي آ ٻڪڪ ۾، ڪڪڙ آندر ڪاني؟
ڇا هيءَ مايا آهه ڙي، ٻنديءَ ٿي ماني؟
آهي ناداني، جهيڙو اِن انئيه جڳ ۾؟

—

آڙي او وبدانتي! انهيءَ کان انڪار،
مانهوءَ جو مانهوءَ مٿان هي جو آتياچار!
بن مليا چار، ٻون ٿي ڪڙا ڪوٽ جا؟

—

ڇا هي، ڏاڍا ڏيهه جا، ڏرتيءَ جا ڏاڙيل،
جکڙي مانهوءَ رتّ سان، ڪن ٿا تيل ٿنيل،
صبّ انهيءَ جا کيل، هوُ جو نيرگن نانهه ۾؟

—

مٿان ٿي جڳ ڪاڻ، موڙهل! هي جڳ وارثن؛
آنتُ اِهو آ ساميا! هيءَ جا رڪت مٿان؛
چانهي وٺو چاڻ- ڪيهي وٽ ورناسُ ۾!

—

ساميا مَڏُ ڀَري، سامي! وهُه ويراڳ ۾؛
اَڏونيي! آڇنيي نه آ، ڏئيي ويلُ ورِي؛
موٽيو ڪبرُ مري؟ ور هيي جنهن ڏينهڙا!

—

آهه آجائي آنت تي پنهنجي اُداسي؛
هَر شيءِ هينَ سنسارُ ۾ آهي آناسي؛
مٿيءَ سان مٿي ٿئي، موٽيي هر ساسي؛
ور سو جنهن واسي، پنهنجي سرت سگهڻ سان!

—

مٿيءَ منجهه وشالُ، موٽيي ٿيئي هيندڙي-
هين اُونهي آڪاس ۾، جنهن جو آتُ نه ڪالُ،
ڪتين جو ڪمالُ، مٿي آڇي موت ڪي.

—

مانهوءَ منڪتيي پريت ۾، آجو ڪيي آهي؛
سامي! هينَ سنسارَ ڪي، جي ڪو ساڃاهي،
مورُ نه هو چاهي، پَبدُ پوي ڪو پريت تي.

—

هتي آ، هين جاءِ، سڀڪجهه آ هين لوڪ ۾؛
پرمتڙيا، پرلوڪ لئه، وڃي ڪانهه وڃاءِ!
لئو اِنهيءَ سان لاءِ، جوٽ نه آهي جندڙي!

—

ڪجهه به نه سوريءَ 'نانهه' ۾، نلهي اي سامي!
جوتيءَ سان جوتي جلي، ڪٿي نه ڪامي؛
هر هر آجهامي، جرڪي پيئي جندڙي.

—

ڪنوتيا، ڪن چير، آنگ ڀڀوتي ڪاپڙي،
ڳالهه مڙيوئي هڪڙي، مُلان، پنڊت، پير،
ساڌو، سنت، فقير، جرنر ڪيئي جيوڙا.

—

سامي! مون ڪيئي صنبوز، ڀڳتي ساڳي ڀاڻ،
جيءَ آڇن ٿا جڳ ۾، ڀڄن کي ساڙي ڇڏيان!

—

نيءَ جا ڳنڍيرا، ڇو سهي اڇيتنه ڪنجڪ جي،
جنهن تي ذڪيا ذيڻ جا، ڏکي ٿيا ڏيري،
وهه ڪان ڳهيري، سگهه وهاڻي ساهه جي.

—

ساڳي صورت عين کي، ساڳي صورت غين!
ڇڙين پاتو ڇين، کهليون ڳولي ڳالهڙيون.

—

هيءَ مايا جڙن ڳالهڙيون، ڳهلا نه ساريِن،
ڏينهن تتي ۾ مؤن جيان ڏونگر جي ڏارين!
تپءَ تڏهن ٺارين، جڏهن جاڙ ڏري پوي.

ساراهيان سنسارَ، سچو آ جو سونهن ۾،
جنهن جو انتَ نه آدِ آ، جنهن جو آرَ نه پارَ،
جنهن ۾ نئو جنسارَ، مري روزَ امرَ ٿئي.

—

هي جا آدِ-آسونهن ۾، سيرجهي پٽيي سونهن،
ڪنهن جيي نانهه وروُنهن، پوُرَنَ آهي پاڻَ ۾.

—

چِتيرَ، ڪوتا، موُرتيوُن، سارا ماڻهوءَ ماڪَ؛
وَڻَ ٽڻَ، بوُٽا، هاريوُن، سڀَ ۾ ڪائي آڪَ؛
ڪيڏي جاڪَ آجاڪَ! ڪيڏي چاڻَ آجاڻَ ۾!

—

ٻڏي ٻنسان ٻڏ جي، ڪِولي ٻٽيي پاڻَ؛
پيرڪرتيءَ ۾ پُرش جو، ڪيتي نه اُهچاڻَ؛
پينگ ۾ پُريلَ پاڻَ، آهي پنهنجي پاڻَ ۾.

—

سامِي! هيزَ سنسارَ ۾، آواهو اِنسانَ،
هيئان آنڌي آپ جي، سدا سرگردانَ!
ماڻهو پو ۾ سمانَ، نپ اَنڌيءَ ڪان ننڍڙو.

—

سامِي! هيزَ سنسارَ جيئن، ناهي ڪو سنگرَ؛
ڪائِڪَ ٻنا ڪونجَ ۾، آهي آدِي سُرَ-
ٻڏي تانَ سنڌرَ، جهومي پٽيي جيندڙي.

—

سامِي! ماڻهوءَ جندڙِي، سدا آ سَنگرامُ؛
ڪُوڙُ ڪڍهن ڀِي سَچُ ڪي، ڏيندو نہ وِسرامُ!
ناهي ڪوئِي نامُ، جنهن ۾ جَڳُ سَمائِيو.

—

سَچِي مُڪتِي سِرڙَ ۾، آچِي تو آنبوهہ؛
اونداهو آندوهہ، نياڳِي تُنهنجي نياڳَہ ۾.

—

ساڻهوءَ ۾ آجو ٿيو، مٿيءَ جو ماندانُ،
ڀانئِي پنهنجو ڀانُ، ڀِهتو پنهنجي نورڙَ تي.

—

جاڙَ مِٽائِي جَڳَ مان! ساڻهو شالَ جِيئَن!
پوپَٽ پَنکَ ٿيئَن، مَٽَ جا سَرَها ڏينهڙا!

—

سامِي! هينَ ڪان ڪو وَڏو، ناهي آنترگِيانُ:
بِنان ڪنهن ڀِگوان جي، اَنَمُ آ اِنسانُ؛
ماڻهو آهہ مَهانُ، پنهنجو ڀَڳوَنُ ڀانُ آ.

—

اونـي كـان آجـا ٿيا، ڏاهي سـارا ٻوهه،
تـَڳـَن پنهنجي توهه، گهوڙي اوُنهي آبٌ ۾.

—

برهما بين بيرهمانڊَ كي، نيوڙي سيس نماء،
۽ ماڻهوءَ جي پيارَ ۾، پنهنجي مُكتي پاء،
سَپ سان ڏُكڙ ورهاء، آجو ٿيءُ آنبوهه ۾!

—

هو جو آڳم ڳيانُ، سامي! تو سوچيو پٽهي،
اُن كي پهچي پتهُچندو، كونه كڏهن اِنسانُ؛
آڳم كان اڳتي آڳم، آهه سدا اِمكانُ؛
حيرتَ ۾ حيرانُ، جيءُ سدائين جڳتَ ۾.

سامي! هي سنسارُ آ ڳوالهي ٻن ڳوڪلُ؛
پنهنجيءَ مَنڊَ رَ نانءَ ۾، جهومي ٿو جَلُ ٿلُ؛
جتنا ساري جَلُ، ڪوهه ڏکين ڏوِ ڪنديون؟

—

سامي! هِنَ سنسارَ ۾، تارِ نه آهي تَرُ؛
هِنَ جو آنتُ نه آدِ آ، ڪيتري ناهِ ڪَپرُ؛
اِئين آهه آمَرُ، سيرجي پنهنجي پاڻ ۾.

—

جُڙيو هي جنسارُ، آهي پنهنجي پاڻَ مان؛
ڪُهه چاڻان ڪنهن ڳجهه مان، ڪيڙيو ڪيرَ ڏنهارُ!
پاڻَ منجهان پولارُ، اُڀريو ڪَنول وانگيان.

—

ڪَنهن بہ نہ جوڙي جوڙَ آهي هِنَ جَهانَ جي،
ڪَنولُ پاڻَ تيڙي پيو، پهتو پنهنجي توڙَ،-
جَرَ ديب جيءَ وِلوڙَ، ڪُهه چاڻان ڪهڙي همَي!

—

سامي! هِنَ سنسارَ جو، آنوکو اِسرارُ،
اُهي پنهنجو پاڻَ ٿِيي، ساڪيي سيرحڻهارُ،
نيوڙي نمسڪارُ، پوڙا! ڪر برهمانڊَ کي.

—

برهما بِن برهمانڊَ کي، ڏنو آهي جَنَ، *
آڏرُ هوندي پوڻ تسي، عجبُ آڏرُ تَنَ،-
ڏاهـا ڪونہ ڏسَنَ، اونهي ساڻُ آنتَ کي.

—

* برهما- هندو ديومالا موجب ڪائنات جو خالق. برهمانڊ - ڪائنات

متفرقا بیت

○

هر ڪنهن وڻ جي ٿيي وڃي، ڌرتيءَ ۾ ٿي جڙَ؛
ساڳيءَ ڌرتيءَ وڙَ، توسان مون سان پڻ ڏٺي!

—

جڙون تنهنجي جيءَ جون، ڌرتيءَ منجهه هزارَ؛
ٻونهارن جا پيارَ، ٽڙيا تنهنجي ٽاريين.

—

ڪهڙي ڪنير جوڙيو، ميٺيءَ بنان ٽانءُ؟
آهي تنهنجيءَ ٻاجهه سان، ميان منهنجو نانءُ؛
ڪٿي هجان آنءُ، جي نه هجين تون جوءِ ۾!

—

مون نوڪان پو سيندُ ڪي، ٻه سؤ سالَ ڏٺو؛
ڇڏي مدّ ميٺو، ڪڙو آندم ڪيف ۾.

—

آڄ نه مٺيءَ ميٺڙا، نه ڪي سيندُ سڱارَ؛
سائين! لهي ڪيرُ آڄُ، سنگهارن جي سارَ؟
اوندهه اندوڪارَ، ڏاڍن آندا ڏيهه ۾.

—

سائين! مون ڪي سگهه ڏي، آڏيءَ ڪندُ قربان؛
چارڻ! تنهنجي چنگَ ۾، ڪائي ٻاهه ٻريان؛
ٻيهر آهَ ڪريان، سِرَ جني صدا سندُ ۾.

— —

نيتُ نئون آ روپُ، سڀني کي سنسار ۾؛
پنهنجو پنهنجو ڀاڱو، هر ڪنهن مڙهيءَ ڏوپُ؛
آرهو آهه آروپُ، جيئن نيڙي ناريين.

—

ٻجَ هئي جا ٻوجهه، ناريءَ منجهه نڙي پئي؛
سونهن آنو ڪي سوجهه، آندي اتِ سڳندُ ۾.

—

ڪنهن ڪنهنجو ڪاپو ڏسي، ڪتيءَ مون هيءَ تارَ؟
پوءِ به مُنهنجو ٿو لڳي، ڏاڍو سٺيُ ڪان ڏارَ!
آرتُ نوان اِسرارَ، آتمَ سان اوري پيو.

—

پونءِ آنو ڪيي ڳانءِ، ڏُهُ نه ڏَهوٽيي ٿئي؛
پناريءَ جو ڀانءِ، ڪيرُ ڪُٿي ئي ڪونه ٿو!

—

آهي آنتُ آتاهُه، ساگَر تُنهنجي سونهن جو؛
اڪيُن آويساهُه، سوني ڏسي مُٺَ ۾!

— —

○

ڪويلُ ڪوڪيي راتِ جو، ڪوڪ وَراڻيي ٻن؛
لڏيا پپرَل پنَ، نارَن چنيبون اَڪڙيون.

—

ڏسُ هو ڪويل ڪنڌ مان، چرڪيي نڪتي ٻاڪَ؛
جڏن مون لوئيءَ لاڪَ، تڏن هو سامهون سوجهرو!

—

○

اَڌيءَ رات اننتَ جا پيا گهنڊَ گڙن؛
سي ڪيئن ننڊون ڪن، جن جا ڪنَّ ٻُڌن پيا!

—

سڄَّ سياڻي اُڀرندو، پَرَ جهڙي مان نه هُجان!
تارا ڪجهه، ترسو اچا، اڃا ڪجهه لڪان!
منهنجو پيارُ مِٺان، مون سان گڏ واريو وڃي!

—

جي تون سرجڻهارُ، جيءُ انوکو جڳ ۾؛
واري پنهنجي جندڙي، جوڙ اُهو جنسارُ،
توکان پو سنسارُ، سَرَسُ ٿئي ڪجهه سونهن ۾.

—

ڏئين تہ ڏاتارُ ٿِين، گهرُ نَڙُ گهوري ڏي؛
وَرُ جو واري ڙي، جيئنَ ڪارڻ جندڙي!

—

جي مٺيءَ مان موٽي، تون ڪائي نه آهين،
۽ تون پنهنجي جندڙي، اُن سان وراهين،
چاهين نہ چاهين، پيو اُن ۾ پوڄجن.

—

اُڏري ڪاليءَ مڪتيءَ ني، پوپٽ ويهي جيئن،
تو پڻ آهي تيئن، ڪَلا ڪارڻ جندڙي.

—

ڪَلا ڪارڻ جندڙي، ڪَلا ڪهڙا ڇِهه!
هيءَ جا آڇي ڏيهه، ٻين ٻين سُپنا سونهن جا!

—

ڦُٽنَ ۾ ويهي، ڳهلي! ٻڌءِ ڪِالهڙٻون؛
ڦٽيون ڪٿي ٻانڌ ۾، مُرڪِينءَ ڪهڙو پيهي؛
ٽاڙن ٽا نيهي، ڪَنجِهَ اُندر جي گوڳِڙا!

—

منهِڙيءَ مٿان هٽِ، لِتي آسَ آڪاڙَ جي؛
ٻَگهڙَ ڦِڙو ٽرڙَ ٽان، لهي ٻُڳو ٽِٽِ؛
موتي ڪهڙي وَٽِ، اَن ۾ مُهڪَ ٽِ مِنڌَ جي!

—

چولو لاهي چِٽِ ۾، آرسُ ٻِڳانئين؛
چانئيءَ مٿان ٻيٽِ کي، گهوَرِي ڏٽانئين؛
ٻٽرُ هنيائين، آڳٺِ آيلَ ڪانوَ کي.

—

ٽٽِڙي ڏکڻ واءُ ۾، ٿالهيءَ جهي ٽاريءَ،
ڳَٽلِ ڳيراٽي چِنڊَ ڪي، وڏي متواريءَ؛
ٻر ٻو اجاريءَ، يڪدم ٻانهن چِڪي وني.

—

ستان ڏورَ ڏري، ٻيرَ چَمايا ٻَڪِيٽُن؛
چولِيُن چِلُڪا آئيا، ڏکڻَ هيرَ وري؛
رانوَل رات ٽَري، نيڪتي باڪَ ٻَسنت جي.

— —

سدا ڪويل ڪنڌ ۾، سِر جهي ٿو ساوڻ؛
ٻرڪارت جي باڪ ڪا، ڄرڪي ٻٽي ڄڻ؛
وڃا ٿي وڻ وڻ، جهوميو جنهن جي جهانءِ ۾.

— —

○

هو جي سڱن وانگيان، پيتا ڇنوتا ڪن،
ٻيجا ڪني باڪ ۾، ٻنهين ٿي ٻهڪن،
ٻرٻان ڄڻ ته لڳن، ٻنهن تاريون مينهن ۾.

—

هو ڏرتيءَ جون ڏيئڙيون، ٻگهر جن پيرن،
سانجهيءَ ڏاڻي ميرڙيون موتيون واهيرن،
ٻريان ٿي ڏيرن، منجهان لوڏ لڪائيون.

—

وڻن وچان چنڊ جا، ترڪا متي تڙ؛
ڏوڙين ڏوتا ڏڙ، بيهي وچ تلاءَ ۾.

—

واهتڻ، اُتر واءُ، گهتڙو نينگر چلهه تي،
مُرڪي هُن جي ماءُ، سوچي جوين ڏينهڙا.

—

نينگر جهولي پينگهه تي، متان نيڻن ڇانوَ؛
ٻيڙو ساري ڳوٺ جا، هُن لئه رکيو ناءُ؛
هُرنس اندر هانوَ، هيڪل ٻڌي ڏينهڙا.

—

جي تو هر ڪک ڦهاڙ جيءِ، ڦهڪي وڻن ۾ ٽڪ؛
ڏاڍو ٿُڌڪي جيءُ کي، ڪِنڌا ڄهولا ڄهڪ؛
لوچي لوچي لڪ، چڙهي وڻن چوٽيون.

— —

○

آءٌ اڪيلو ڏيٺ تي، مٿان انڌو آڀُ؛
انڌيءَ ۾ اڻ اڀ، ٽم ٽم ڏيئا رات جا.

—

ڇا ڪو آهي وانجهيو، ڇڪڻ مان چاڙهو؟
ڏورِ اُفقُ ڳاڙهو، سڄ ٻڏي ويو موج ۾.

—

ڇا ڪو ناهي ڏيهه ۾، ڇڪڻ چاڙهاڪو؟
تو نه تيرڪ اوڏڙو، ڏيهي! ڪو ڏاڪو؟
ڇاڻ ٻڌو واڪو، ٻوڙ ٻڙن ساموهون!

—

آ ڳنڍ ته آهڙو سنهران، ڪوئي ٽڙنيءَ دڪن،
هي جو ڪاليءَ مڪن، عمل ڏنو مون ڏيهه ۾.

—

آهي حو انسان ۾، اڄا آدم خورُ،
تنهين، دي ڏرهي ڏورُ، ڪنڌ جهڪائي لڄ مان!

—

ڪهڙي جهوپو جيءَ جو، ڪهڙي لوڻي لڄ!
چائي پاڻي چڄ، نڪو نڪتو ڏيهه ۾.

—

ڪَني اهڙي ڪينءِ، ميندي جيئن ڪُنوار. تي؛
آڪِڻ نه هَيو ايئَن، رُڪُ آسان ريڻو ڪيو.

—

آڪِڻ نه اهڙي جاڙَ، ڪَنهن به پيرائي جوءِ ۾؛
بِڌرا منجهه پهاڙَ، پَرديسان پيرا مُنڌَ جا.

—

جهاڳي جهاڳي جندڙي، ڏينهَن تتا ڏونگرَ،
اَڄُ ڪنهن آڏي لڪَ ۾، ڏُرڪيي مٿي ڏَرَ؛
چيون ڪيهڙَ ڪَرڻ، آڪِتي پنڌ نه اُجهي.

—

هونءَ ته مُنهنجي جندڙي، ڪيتيءَ متان ڪونج؛
ڪُرڙُ جيان مون ڪونجَ، جڏهن ڏيهي ڏُکڻ ۾.

—

مون ڪي ٿي هِنَ ڏيهه ۾، مَدد خانَ ڪُنو،
اُتهوءَ مينهن آنو، سارو منهنجي ساٿ تهي.

—

ڪنهن جي ڪنهن جي پيڙَ، اُپري منهنجي ڪيت ان!
ڪِڏي ڪَٿَل پيڙَ، سَوڙي منهنجي ساٿ ۾!

— —

○

هيءُ نه نُنهنجو هنڌُ، آهُنڪيي پرڪ پهاڙَ حيي؛
تون ته ڪرين تو وانڙا، جڻ هُچني ۾ پنڌُ!
ڪيري پَجهي ڪَنڌُ، ڏُونگرَ ڏنگايون گهٽون.

—

○

اڄ، جو نڪتي نند مان، ترقيءَ ڪاڻي تان،
مون تان وڃون ميڙجي، زنجيرون زندان؛
سمجهن ٿا نادان، ٻانڌي مون کي ٻنڌ ۾!

—

هي جي پٿر پٽ، جن ۾ چُرپُر ناهه ڪا،
جڙي نون چورين چنگ کي، جاڳي اُٿن جهٽ؛
گونج نه پانئج گهٽ، پڙڪي ته پنهنجي ٿئي.

—

ڇا ٿو پڇن ڇيگرا، "آزادي چاهي؟"
ماڻهو مٽيءَ مان نهي، مٽيءَ کي ناهي؛
ڏني تو ناهي، شايد ڪار ڪنيار جي!

—

پرجهي هر پرڏيهه کي، ڏات ڪنيم ڏيهي؛
پيڙا جهي هر پور ۾، ڏيهه ڏنم پيهي؛
سنڌڙي! تو جيهي، ڏٺءِ نه آ ڪنهن ديس ۾.

—

آڳاٽو آهڙو نه هئو، هي ٻاڇاٽو پسڻ،
منهنجي واڪي وسڻ، آهه اڳي کان اڳرو.

—

اڄڻ ٻه آهڙي اڄڻ، تڪڻ تراڊڙن پيي وڃان!
ٻوڙي ٻوڙان ڪيترو، ٿيءُ نه رڳو رڃڻ!
ڪسبين ڪندين مڇڻ، ماري مون کي ماڳ ۾!

—

ڳجهه چوي ٿي ڪوهه کي، مان توتي ٻاجهو!
عرڪو سمجهي ٿو، ڪٿهلا ڻهنجون ڳالهيون.

—

ڦوڙو ٻوري ٻوڙ سان، ٻيو ڪاله ڦسي؛
ايڏو روڳ ڏسي، ويچ ٿيا سڀ واٽڙا.

—

ويچ ٿيا سڀ واٽڙا، ڪهڙو ويچن وس؟
منهنجي ٿيري جو موت ڏي، ٻڌي ڏاهن ڏس،
تنهن جو موت اوس، اڇو آهي اوچتو.

— —

○

آهـا! اڄا آهـه، چڪن چاري سامهون؛
آت! ٻيهر نه ساهه، پنڌ نه آ ٻورو ٿيو!

—

آهـا! تيندا ونجهه سان، اڄا وانجهي وڙ؛
اڄا کي آونڙ، آهن ڪنڌي اوڏڙا!

—

ترندي نهوارؤن تيان، اهڙو انت نه ٻو؛
شال نه وجهي جي ڀ سان، آونڙ جو اونو!
متان ماڃهي ڪو، ٻڳهي ٻنهجي نريت کي!

— —

○

شال ڪڏهن ساڃاهيو، منهنجو هي ايمان:
اوّل بہ انسان آ، آخر بہ انسان؛
باقي سڀ زندان، آجو رڳو آدمي.

—

چِنتا - نگري سنڌڙي، گهر گهر چنتا راڄ،-
ڪُوڙو ناهي ڪاڄ، ڪنهن ڀي سنڌ سپوت جو.

—

سَرتا! سنڌوءَ تي جڏهن، جر - ڏيئا جهپڪن،
سپنا منهنجي ساهہ ۾، لهرين جان لپڪن،
نات آنو ڪي تن، جهپّ نہ ڏئي جيءَ ڪي.

—

سپنا منهنجي ساهہ ۾، جڻ ڪي سُتّل مور،
ڪارونجهر جي ڪور، آ جن لئہ آسائتي.

—

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، ڪڙيو ڪاروڃاڻ؛
سپنا منهنجي ساهہ ۾، چا چا سنڌوءَ ساڻ!
پائي پنهنجو پاڻ، سيڙهہ سنڀاهيم هيڪلو.

——

○

ڌرتيءَ منهنجي نبض جي، ڏاڍا ڏکڻ ڏنا؛
ڪيئي محب ميڙا، واريا تنهن تان ويڙهہ ۾.

—

گهٽ سگهارو ٿو ٿئي، پيي پيي ڏرنيءَ ٽڄُ؛
هو جي راهي رڃ جا، ٽن جيءُ واٽ نه وڃُ؛
اڃ ۾ ناهه آهڃُ، ڪنهن پيي ڳوڙهيءَ ڪاڪهه جو.

— —

سارتري

هٽ چمين ها سارتري! ٽيي سنڌيءَ اولادِ؛
چونڊين ها پو سڀن جان، سوچي هستي وادِ؛
ٻل ٻل توکي يادِ، ٽڄُ اڇي ها ماءُ جي.

—

اولهه اوڀر جو ميان، موڙ نه ٽيندو مَٽُ؛
آنل آزادي ڏئي، خوب هلايئه هٽُ؛
هيٺ ته جهڳو چٽُ، آزاديءَ جي نانوَ سان.

—

مان سوچان ٿو سارتري! اوچو سو انسانُ،
ٻيهي جيڪو ٻاهه سان، ڪري ٻاڻُ ميدانُ؛
گُرو! تنهنجو گيانُ، رکو متيون لوڪ کي.

— —

سارتري- مشهور فرانسي مفڪر ۽ ناول نويس

وائي

آئـبي اوريـو ڙي!
جيئڻ ۾ نئي ڏينهڙا.

وسو، وسو مـاڪ جان گلڙا سوريو ڙي!
جيئڻ ۾ ٿي ڏينهڙا.

سکن سان سنسارَ جي، تند نہ توريو ڙي!
جيئڻ ۾ ٽي ڏينهڙا.

متان ڏکـيئي ڏاڍ ڪان، چنگ نہ چوريو ڙي!
جيئڻ ۾ ٽي ڏينهڙا.

انو کي آواز ني، گهر تنڙ گهوريو ڙي!
جيئڻ ۾ ٽي ڏينهڙا.

سڳو ڪوٺي سؤر جو، سدا سوريو ڙي!
جيئڻ ۾ ٽي ڏينهڙا.

اُتو آرتيون آ گريون، کهايل پنجيءَ جان!
لُڇي لوُنءَ منجهان، صدا ڦولهي ساز ۾.

—

اُڀري اچن ساز مان، اڪيئن اوسيڙا؛
هن ڏکياري ديس جي، پراڻي پيڙا؛
ڪري اوهيڙا، رئو ڦهي رات تي!

—

ٿرڪي اٿي تار، واڪا ڪري وڃُ جان؛
جن کي ڪڪر واءُ ۾، تيئن وڇوڙيل يار،
اُڀري تن جي سار، صدا ٻڌجي ساز مان!

—

ٿرڪي اُٿي تار مان، سو سارو طوفان،
جنهن ۾ گذريل دور آ، قاتل سڀ هماٰن؛
اڄوڪو انسان، جنهن جا ٽُرُ ٽنهي پيو.

—

ٿرڪي اُٿي تار مان، سُپان جو سپنو،
جنهن ۾ چپڙ چانڊ ٿيءَ، پيار ڪري پاڇو،
ماڻهو ماڻهوءَ جو، ساٿي ٿي سانجهه ۾.

— —

جي تو ڏنو ڏيهه ۾، انڊو ٽي آنياءُ،
منهنجي ليکي نون ٻہ آن، آنيائيءَ جو ڀاءُ؛
تنهنجو سَهجُ سڀاءُ، ڏَيڻ انوکو ڏاڍ جو.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، وايون واچوڙا!
وَيا وَيا واءُ ۾، جهانئين ۽ جهوڙا –
ڪارڻ سان ڪُوڙا، ساڻ رچائن ساز جا.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، واڪن ني واڪا؛
چڙهندو وَيُس چوٽيين، ڏاڪن تي ڏاڪا؛
لُڙ ۽ لُڙ ۽ لياڪا، ڳالهيون تنهنجون ڳائڻا!

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، اڄ جو ٻول ٻُريا، –
مون مي ڏٺا اوچتو، هوُ جي ڦيڻ ڦريا؛
ڪيڏو ڦَٽ ڪُريا، جهوڀا آيا جيءَ ۾!

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، ڏني ڏاهہ ڏڪن، –
آنڌيءَ وانگر اُڀريا، هوُ جي ٻاهہ ٻُڪَن؛
ڪانيءَ جيئَن ڪُڪَن، ڳالهيون تنهنجون ڳائڻا!

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، جهالا جهونجهارن،
هوُ جي ٻُريا ٻول ۾، ٻُڌا سون ٻارن، –
پيچ پنيءَ تارن، وڙهندي ڏٺا ويڙهه ۾.

—

چارڻ ٻنهنجي چنگ کي، سانڍج ساھ جيان!

وسن ڪونه مڀان! سدا سڀاوڻ مينهڙا؛
چارڻ، ٻنهنجي چنگ کي، سانڍج ساھ جيان!
تيسين ٻوڄ ٻيان، جيسين صدا ساز ۾.

—

تاس نه ٻُجهي تند مان، اڄ کي ٻوڄ پيار؛
منهنجو جيءُ جيار، چارڻ ٻنهنجي چنگ سان!

—

جان چورين تان چور، چنگ ٻه ٻه ٽي ڏينهڙا؛
سانگو لاهي ساھ جو، چارڻ کهر تڙ گهور؛
جتر ڻر جهوريءَ جهور، ٻوڻهن ٻهر آلاپ سان.

—

رات وڪائون ذات، ڪٿي جيئڻ ڏينهڙا؛
ڪانئر ڪوري ڏيھ جا، لوٽيي تن حي لات؛
موت نه تنهنجيي مات، سوپ اڳي پوءِ سچ جي.

—

روڳي راڳي ڏيھ جا، ڪوڙهه اندر ڪيئان،
شال نه ڏسان ڏينهن جو جوت چٽيي جيئان!
وهسيي وهه پيئان، سات نيائي سچ سان.

—

جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، کهڙو ڪوڙ چوان!
مرڪيي سچ پوان، سات نيائي سچ مان.

—

ڪيتوڻ ناھ لڪيع، جي تون ڪوڙ ڪمائين،
ٻن پوي وهه ڳاڏئون، ماڪيءَ مٺ مکيع!
توڙي ٻيد ٻڪيع، ٻول ٻرائهي سچ جا.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، لوڏون ليڙون ليهڙ؛
چاڪَ سين جي چيت جا، سهني چنگن چيڙ؛
پڙهيءَ پيڙهيءَ پيڙ، ٻري تنهنجي ٻول ۾.

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، گهوڙن گهائل گهوٽ؛
ڏهه جي واريا ديس تي، مڙس الا انموٽ؛
ڪيري ويا ڪوٽ، سورهيه سير جي سٽ مان.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، ٻيڙهين جا پڙلاءُ؛
هين ڍڪياري ديس جا، گهرا گونڊر گهاءُ؛
سارا تتيءَ تاءُ، سارا پيرن پرڪا.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، صدين جا سڏڪا؛
آڏيءَ جا آڏڪا، نينڊ نيهوڙيل راتڙيون.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، اونده ۾ آهون؛
هين ڍڪياري ديس تي، ڪاهن تي ڪاهون؛
درديلبون دانهون، روز لتاڙيل لوءِ جون.

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، چيڀهه ڪيا چمڪار؛
سدا ساٿون مينهن جيئن، وسين ويهروتار؛
پوءِ ٻه تو لئه يار، اڄ اسان جي ايتري!

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، وارياسي ٿي وڻ؛
ٻيڻون ساوڻ ٻوند ۾، هيٺ ڏنارن ڏڻ؛
ڳائيندي تون ڳڻ، ڇا ڇا ڳڻيي ڳاڻا!

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، ٻاهه لڳائي ٻتَ؛
ڪَنڌَ، ڪُهاڙيون، ڪٻتَ، ڇا ڇا ڇڻڪو ڇتّ ۾!

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، آرڻ جا آڌما؛
ڪُوپا، ڪَنڌَ، ڪَتاريون، راتين جو راڙا؛
ٻولَ ٻُريا ڇا ڇا، جاڳڪ تنهنجي جيءَ مان!

—

چارڻ تنهنجي چنگ ڪي، ويڄن جهڙو وسُّ؛
واڍوڙَن جي واتَ ڪان، تنهنجن گيتَن گسُّ؛
جاڳڪ توتي جَسُّ، ميڙيئه قَتّ فراق جا!

—

جي تون ڏڪين ڏاڍ ڪان، هيئن آڏي هولَ؛
اڪٽي آويساهه سان، ٻڌندا چارڻ ٻولَ؛
آءُ ٻلائي ٻولُ، ٿي سوريءَ سڌڙا!

—

هي جي گُل گرنارَ جا، تين ۾ آڳ سماءِ؛
هڪڙي سِرَ مان ڇا وري، در در ٿئين لڳاءِ!
اهڙو رنگُ رچاءِ، ڏيهه سڄو ٿي ڏانُ ڏئي.

—

چمڪيو واڇي وڄُّ سان، ساري رات رتول؛
وسيو ساوڻ مينهن جئن، ٻارڻ ٻاري ٻولُ؛
آڳ هڻي انمولُ، گهرَ گهرَ گهوريو جندڙو.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، لوڙهارن لُڙڪ؛
تون ٿيي تين ۾ ڪَڙڪَ، ڪُڄها ڪوڙها ڏيهه جا.

—

توُن جو ڏيهه ڏري وئين، ڏسي ڏکيو ٻنڌ،
آءٌ هلان نو هيڪلو، ڪوري پنهنجو ڪنڌ،
هيءَ نه منهنجو هنڌ، پَل نه مران مان ماڪَ ۾!

—

ساٿي منهنجا سڪ جا، چنڊڙ پيل ٻنّ،
ڏوُران ڏسن ڏک ۾ موُر نه آئن مَنّ،
مان ٿي تسا تنّ، مان ٿي پنهنجو پنڌڙو.

—

ٻيهر آءٌ اڪيلڙو، ۽ اوُنچي ديوار!
ڏکي ويا ڏاڍ ڪان، ڪُلهي ڪوڏ يا ڏار؛
هينئان مَچ نه هار، هيل به وڙهه توُن هيڪلو!

—

آءٌ اڪيلو، آپ ڪان اوچي آ ديوار؛
آيري منهنجا گيت توُن، شايد پهچين پار،
ها، پر پو به پُڪار، متان ڏاڍُ ڏري پوي!

—

ڪَنجتي منجهان ڪڏّ، ور ور ڪيرئس ڪنڌ ۾،
چا تو پانيان رڪّ جا، منهنجا پڳّل هڏّ؟
ڪيسين رکو سڏّ، وراڻيندين واهروُ؟

—

ڌرتي! موُن کي ڏير ڏي، منهنجي پيرَ نه پاءُ،
تَڪّر ناڪي ڪيترا، سونيو آهيان ماءُ!
ٻَڪّر ۾ پڙلاءُ، ڪُنهن جاڻان ڪيسين رهي!

—

تُنهنجيءَ تَندُ تُنبيريا! ماريو آهي مون؛
جنِ تو ڳائين تون، ڪينَ هو ڳائي سِندُ ڪي!

—

تُنهنجو موتُ نہ موتُ، جي تون سُر لَئہ سرُ ڏئين؛
فاني ٿي تو فوتُ، تون تہ اَمر آن راڳيا!

—

ڪيڏ ي ڪاري ڀاتَ، ڊولَ! لَٿي آ ڏَتءَ ني؛
نہ ڪو تارا اَڀءَ ۾، نہ ڪا ڏيئي لاتَ؛
او ٿل جرڪي جاتَ، چارڻ تنهنجي چنگ سان!

—

ڏيهِي! سَچءَ سُڪارُ، اڄ جو ويو ڏيهہ مان،
ڪُلهي ڪونهي ڪينَرو، پيو ڏاتِ ڏڪارُ؛
ڪوري ڪيرُ ڪَپارُ، مُلهہ - مهانگو ماڻهو!

—

چارڻَ چَنڪين ماڳَ ۾، چنگ نہ چنڪي شال!
پورا تُنهنجا پالَ، ڏھ ڏھ پيرا ڏيهہ سان!

— —

آءٌ اِئين اسٽر، جئن هؤ تارو آڀءَ ۾

آءٌ ائين اِسٽَرُ، جئن هؤ تارو اُڀءَ ۾،
تو در پهتس دبستا، گهوري پنهنجو گهَرُ،
تون پيٺي، تون پَرُ، هاڻ نہ منهنجو هبڪلو.

—

پيهر توکي جنڊڙي، ميلهي جي کنهن مام،
توتي ايندا ڪونه ڇنڊ، آزاديءَ الزام؟
ڪينرُ آڇي عامَ، چڙهندين ساڳيءَ ڇينٽ تي.

—

چارڻ پلهي ڇينٽ کي چاهي نه چاهي،
ناتو سوريءَ سڌ جو ازل کان آهي؛
ٽان کو لاهي، آزاديءَ سان آسرو!

— —

○

وڪڙ وڇوڙي واڳيئن

هي جي ڪڙيون ڪوهه تي، ٻانهن پائي ڪنج،
ڏسي، روئن - هارڪيون، سنجيل گهوڙن سنج،
هرهر ڇڪي هنج، ڇميون پنهنجا ٻارڙا.

—

رتو رنيون رات، جهونجهارن جون جوڙيون؛
گهوڙن مٿي گهوٽ ٿا ڪيئي ٻڌن بات!
وهائيءَ برپات، ويا ڪارڻ ڪوڏيا.

—

هٿ هٿ ونيءَ ون، ڳنجها ڳوڙها ڳهٽن ۾؛
سڌ لنوائن سات جا، پر ڪيٽن ڪوندر ڪن!
ڇڏي نڪتو ڇن، پهتو آرڻ اوڏڙو.

—

مٿو مٿيءَ مَٿِ، مينڊيا رتل رتّ سان،
ڌرتي! مون کي ڇا ملبو، پٽي کيتَرَ ٻَٽِ؟
تون ٿي کاٿو کَٽِ، ڏنيَ مليا جي ڏيهہ جا!

—

نيڏو ڳورو ڳَٽَ هو، جيڏو اوچو ڳاٽُ؛
آيُس آءٌ اُڇانُ، موتيي توڏي ماٿڙي!

—

ڇڪٿن پيا ڇنگ مان، ڌرتي! منهنجا ڇاڪَ؛
ميرُون رتّ پيباڪَ، ڪَڏهن ويندا ڏيهہ مان؟

—

ٻَرجهيءَ پيرَ منپالِ، دکّ ڌهن آ واڙا!
ڀورا، تنهنجي ڀالِ، ڪيٿي کارَنَ ڏيهہَ جا!

—

مٿان ياٿين هيڪلو! صديون توسان سانڍ؛
رهيي رهندو ڪيترو، مَداٿيءَ جو مانڍ؟
ٻاٿي ٻنهنجو ڀانڍ، آءٌ آمرتا اوڙو!

—

ٻيڙا ۾ پيهي، ڌرتيءَ آپّ سمائين؛
ڏکَ ولوڙتَه ڏاهَ ۾، ڏيهي ٻَرڏٻهي؛
حمدڙي تو دمي، مکَن کيٿَن ساماٿبي!

—

ٻيهر تو کي جنڊڙي، جي ڪنهن ملمَ ميلاي،
ڇا تون ساڳي ٻارَ جي، ابنڊين کونہ ڳلاي؟
دکّ ٻہ ديس ڀلاي، مکتّ ٻہ اُن جي مات سان.

—

تون ڇا ڄاڻين اوڀرا

مارو منهنجيءَ ڀونءِ جا، ڏاڙهيءَ ڀنيا ڀاڳ،
شال نه ٿڪي اوڀرو، هي جو ڊوڊو ساڳ!
آونگ لاهي آڳ، وڄن ورهائين ڀاتِ ۾.

—

تو نه ڏٺي آ اوڀرا، لونڙيارَن لوءِ ـ
جيسين ڪنڌ نه ڪپجي، ڇڏن جوءِ نه جوءِ؛
ويجهو وڃُ ۾ ووءِ، تن ڏي اَڏيءِ اڪ سان!

—

تو نه ڏٺي آ اوڀرا، ڪنڌ ڪُهاڙيءِ راند ـ
وَڏا وير ملير جا، توڙي ٻانڌي ٻاند؛
شال هجي هڪنڌ، ڳنڍجن ڄاڻما جيئڙا!

—

تون ڇا ڄاڻين اوڀرا، گهوڙن ڳاڙهه ڳهر
جن نه ڀرائي پيءُ کان، منجهان آرڻ موٽ،
رکي ڳچيءَ ڳوٽ، ڊاڙي ڪيڏن ڏيتَ ۾!

—

تون ڇا ڄاڻين اوڀرا، تن جي لوئيءَ لڄ!
هي جي منهجيون مارويون، منهنجيءَ ڌرتيءَ ڌڄ،
ڇٽي پنهنجا ڇڄ، آن اُجارن ڀاڪَ ۾.

—

تون ڇا ڄاڻين اوڀرا، مور نه منهنجا مِٽ!
صديون ڇمڪي سج کان سُرس پٺاڻيءَ پِٽ!
جهڙي ڪتيءَ ڇِٽ، تهڙي آرهڙ ڏينهڙن.

—

ڪهڙڪن ڳوڙها ڳهٽ ۾، آ ڪيئن آرتي اونَ،
’مون وٽ ڪهارين ڇو نہ؟ ڇو تو ڇڏين ڇانورو؟‘

—

’ڇو تو ڇڏين ڇانورو، اکيي آرهڙَ آس؛
’ڳهوڙا آندر ڪس، مٽان ٽانڊا آيہ جا!‘

—

’مٽان ٽانڊا آيہ جا، تتو رانو، روھ؛
’تنهنجا پير رڪاب ۾ مور نہ تو ۾ سوھ؛
’هي منهنجو ٿي ڏوھ، جو ٻان ور تنهنجي ونيي!‘

—

ڳوڙهن - آليءَ ڇڪ ڪي، هر هر هٿائي،
ونيي ڇنبڙي واڪ ڪي، پيهر ٻاڏائي،
ٻيرن وڏائي، ميندي‌ءَ رتا هٿڙا.

—

ميندي‌ءَ رتا هٿڙا، ڪجل ڀنا نينَ،
سيني ڏنا وينَ، ويندڙ ويندا ٿي رهيا.

—

ڇاتي‌ءَ رکي ڇپ جا وِيا تهي ويندڙ،
ڏوراپا ڏيندڙ، تنهن کي سمجهن ڪينڪي.

—

آرڻ آنهي مڙس جي، ڇپ جيان ڇاتيي؛
هن جي ڳوڙهن ڳيتَ ۾، ڪنهن جهاتي پاتيي؟
آ ڪهي لڏ آنيي، وڪ وڇوڙي واڪيين.

— —

ڪنڌ ڪُهاڙيءَ هيٺان

ڪنڌ نوائي ڪانئرو، ورتو اٻري واٽ!
ڏمري، جو ڳچيءَ جاٽ ڏِنو آڏيءَ اَڪَٽ سان.

—

هي جي ڪن ٿا ٻوڪَ، ڏري ساري ڏيهه لئه،
تن جا اندر ڪينئرا، ٻزدل ٻابو لوڪ؛
- ها، هو سَڀڪَر ٿوڪَ، ڪنڌ ڪُهاڙيءَ هيٺان.

—

ها، هُو مڙس مٿيرَ، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيٺان،
ٻانهُون پگهر واسيون، ڪيڙيءَ ڪرچيل پيرَ،-
ڪانءِ وڃائن ويرَ، مَري مَلهن ماڳ ۾.

—

هي جو ڪوسو ڪَچُ ۾، هي جو وَنيءَ وَرُ،
جنهن ڪي پيارو ديس کان آهي پنهنجو گهرُ،
اِن جو ڪهڙو آسرو، اِن ڪانئر کان ڏَرُ!
- تون جو ڪاهين هَرُ، ڪنڌ ڪُهاڙيءَ هيٺان!

—

جيڏا! تن جي جاڳ ۾، منهنجا سارا ماڳ؛
سنڌ اَباڳيءَ ڀاڳ، ڪنڌ ڪُهاڙيءَ هيٺان.

—

تون ڏاتو تون هَرُ، ڪنڌ ڪُهاڙيءَ هيٺان!
آهين منهنجي ڏيهه ۾، تُون ٻئي تُون ٻَرُ؛
ڪندو سنڌ آمرُ، جهوپو تنهنجي ڄيءَ جو.

—

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، ٿر جي وليُن ٿَڌِ!
تُنهنجي سو ڇِل سُرڳَ کان، منهنجي وسٽي وَڏِ،
منهنجيءَ ڪُنيءَ رڌِ، جي تون ساڻُون ڇڪِيهِين!

—

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، منهنجي ڇَپَّرَ ڇاتَ،
ماڏ وهيڻَ ٿي صبح جو، مَهڪي ٿي جا ماتَ!
هيءَ جا منهنجي جاتَ، تَنهن جا ڪارڻ ڪيترا.

—

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، ڳَنڍيون جي ڳَنڍير!
منهنجي ملڪ ملير، ڳُجهَ پِريان جي ڳالهڙي

— —

روهَڙَ ڪَٺِي رات قَتيل ميرُوڻَ وانگيان

روهَڙَ ڪَٺِي رات، قتيل ميرُوڻَ وانگيان؛
سڀ ڪي پنهنجي ساهه جي، هر ڪنهن آجهي تاتِ؛
پهچي جان پرڀات، ڇَنڊُ ڪو آهي آسرو؟

—

روهَڙَ ڪَٺِي رات، ماڻهو ڀَڪَّنِ هيرَّڻان؛
ٿَنڌيءَ ۽ طوفان جي، هر ڪنهن آجهي تاتِ؛
ميرُوڻَ ڪيو ماتِ، ساهَسُ ساري ڏينهه جو.

—

هُو اوندهه جي اوتَ ۾، سَجَّ آئي تو ڄارُ؛
تَسبن مهسائي وڃون، پيون ميرُونءَ وارُ؛
آف! هي اندوڪارُ، آف! هي راڳا رات جا.

— —

آزاديءَ جي راهه ۾

آزاديءَ جي راهه ۾، ڪجهه به نه آجايو؛
لالڻ! ٿي تو دير سان، لاڌو سجايو؛
سو به نه ڪم آيو، ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾.

—

ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾ وڏي ٿيو وڙُ،
آزاديءَ جي راهه ۾، چانڊو ڪري ٿو چڙُ؛
وِڪڙ وتري ڪڻ، وڙ جو مٿو ماڳ ۾!

—

هوءِ جي مٿا ماڳ ۾، جن کي اوچا ٻڙ،—
وِڍيس ڪيڏا وڙ، پانڌي ڪيا پنڌ ۾!

—

جهرمر جهرمر ڏيئڙا، آهي سارو پنڌ،—
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪنڌ، جرڪي ٿو اِن جوت ۾!

—

ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾، جن کا ڏياتي!
اڳ جنهن اونداهي نه آ، گُوندر جي گهاتي؛
وِڪڙ نه وِهاتيي، پويان ڪنهن جي ماڳ ۾.

—

آهڪي آهي راهه، آزاديءَ جي پانڌيئڙا!
جي تو سانگو ساهه، پير نه وجهه تون پنڌ ۾!

—

آهي موت مِيار، آزاديءَ جي راهه ۾؛
اُنهين نه آجو ٿئين، پسين پرينءَ پار؛
مرين ته به امر ٿئين، وڏين ويروتار،—
جنهن کا سنڌوءَ ڌار، سدا رهي سير ۾.

—

توکي ٻَنا پيٽ ۾، نون ڇا وڙهندين، ٻَچ!
وجهي آني وَڄ، جتَ نہ جوکو جيءَ جو!

—

مڙس نہ ڪُاهي ڪوڏيو، هيو جنهن رنئي رڏ،
ـڇا ڇا ڏائي ڏڏ، هـول ٻڌايئہ ٻولـڙيا!

—

آيو سؤريءَ سَڏ، لِڪـي وَئين لوڪَ ۾؛
ڏاها! تـون پي ڏڏ، جي تو سانگو ساھ جو.

—

آءُ ڪڙهائيءَ ڪڙهہ، آءُ نہ پرکيون پاڻ کي!
هوُنءَ نہ پيو ٻـڙهہ، ٻڙمو مان ڇا تو وري!

—

جي تو سکهہ سريرَ ۾، آءُ ڇـڪَن مان ڇڙھ!
هوُنءَ نـہ پيو ٻڙھ، ٻـڙمو ٻوڙيا ڪيترا.

—

چنڊ جيان ڇـمڪَن، ڏاٿـا منهنجي ڏيھ جـا؛
جهنگن ۾ جهوُنجهارَ تـا جهيڙيندي جيهڪَن؛
تارا تا نـہڪَن، مولهيَن متان ماڳ ۾.

— —

جي تو سڌ سڳند جي

جي تو سڌ سڳند جي، ٽاريءَ ٽيڙ!
ها، توُن هيٺن نہ ڪيڙ، هيڪل پنهنجي هاڻو ۾!

—

جي تو سڌ سڳند جي، هان هي موڪيءَ مٽ!
ڀرين سير جي مٽ، پوءِ سڙي جون سرڪيون.

—

جي تو سڌ سڳند جي، آءُ، وڻيءَ ڏي وڌ!
سُلهہ مهانگو مڌ، ڇُڪيءَ ڇُڪتوُ جيمڙو.

—

جي تو سڌ سڳند جي، ڦول اسان جو ڦٽ!
موُر نہ تنهن جو مٽ، ڪوئي گل گلاب جو.

—

جي تو سڌ سڳند جي، ٽار نہ مير جيي مٽ!
ڳورا پانءِ نہ ڳٽ، آئين جيڪي آڇيو!

—

ڳورا پانءِ نہ ڳٽ، هي جڳ ڏانگير ٽاريون؛
مير جي ڏيئي مٽ، آڇيو ٺيي آنباءِ ڪان!

— —

ڏسُ نہ ڏکڻ ڏرُ، وڪڙ اڃا ڪر ونري!
مٺري پنھنجي ٻاڻ سان، ويرُن ڪيا وڙُ؛
اُنھن نہ اُوکھرُ، جين ني اوڇڙُ اُپءِ جو.

—

آزاديءَ ڪان اوپرا، تون نہ اسان جو ڀاءُ!
تون ڪو ٻيڙُ پنڌ ۾، اسان اُنڙ واءُ،
اسان تنڌي آءُ، سانگو لاھي سام جو.

—

ھيءَ نہ ڀونر پون، ڪومل ڪنول ھينڌڙا!
چنن چاتيي اُپءِ جي، ھيت چيتيون چوليون،—
سو چا چاڻن تون، سان جنھن چوھي چوھڻ ۾!

—

جھي تون ويھي واٽ تي، بسين ڪوٺي ڪلُ،
۽ ڏين سونھن سگنڌ جو، مھل وڃائي ملُ،—
اسان سات نہ جلُ، پنڌ پري آ پانڌيا!

—

وري آچي ناھ سا، جيڪا وٺي ويرُ؛
ڏسُ ھوُ واريءَ ڍيرُ، پنڌ پري آ پانڌيا!

—

پنڌ پري آ پانڌيا، تارن ڏي ٻہ نہ تڪ!
متان لڏي لڪ، تنھنجي وڪڙ ڍري ٿئي!

—

لڱن پنھنجي لوڻءَ حي، آھي ٻرينءَ ڀارُ،
جتي سونھن سگنڌ ۾، تري تو سنسار؛
وچ نہ وڃھ وڃارُ، متان وڪ ڍري ٿئي!

— —

ڪونجو! ڪاريءَ رات ۾، سيڪجهه آ ڪُنڪَنُ،
ڇ-وڏاري ڇُنڪَنُ، رائي اندر روهه جي.

— —

○

مون جو ساري جندڙي، ڇرڪائي ڪَئي ڇَرَ،
سيرجيا منهنجي ساهه مان، ڪيئي گيتَ امرَ؛
موتَ نه ڪائي ڪَرَ، اَن لَئه رکِيَ وچي رهي.

—

مُٺِ هڏن جي مون وٽان، ملندي تو کي موتَ!
هلندي منهنجي هوتَ ايئَن جهَپيندا جندڙي.

—

مُٺَ هڏن جي دانُ، تو لئه مون وٽ آ ميان!
ڪالهه هزارين گيت ها، منهنجي گهر مهمانُ،
سَڀُ انهن کي مون ڏنو، مون وٽ جيڪو ڏانُ؛
هاڻي هان حيرانُ، تو آئي ڇا آڇيان!

—

مُٺ هڏن جي موت کي، هه هه هُن جي موتَ!
آءُ ڏيان تو ٺهڪڙا، بيٺو ڪنڪرَن اوتَ؛
ڇِتَرَ اهڙي ڇوتَ، اڪِلّ نه ملي منگتي.

—

چارڻُ سارو چنگُ آ، ٻيو سَڀُ هڏن مُٺ؛
تو سان جو کي جُٺ، موتَ ڪَئي مون ماڳ ۾!

—

○

مَنجهَر نه ماريءَ، اڄ ته ماريون هَنجرون-
ڪِچيون رت ته ڇڪَندڙيون، وات مٿان واريءَ؛
ڪِڪيءَ جي ڪاريءَ، چا چا ڪَنبي ڪَنڌي وبو!

—

جَر تي لٿين جيئن، شال مرين ها هنجڙا!
ڪانهيرن سان ڪيئن، ڪهاربه ايذا ڏينهڙا؟

—

ڪونجوا مون ڇانيي پٿي، ساري ماريءَ مامَ؛
اوڇي ڳاتِ آڏامَ، پوءِ به مون کي آنڙي.

—

ڪونجو! ڪَرڪو پارَ ڏي، نيئي نياپو:
'منهنجو جياپو، سارَ اوهان جيي سپرين!'

—

هلو هاريون ڪونجڙيون، اِجهو ڇانَ ويون،
ڪري روهه رهون، آذيءَ جو آلاپ سان!

—

هلو هاريون ڪونجڙيون، ڪهڙو نه ڪهارين؛
سدائين سارين، تن کي راتيون روهه جون.

—

هلو هاريون ڪونجڙيون، وهاڻيءَ آڪاس!
رهندو روهه اداس، تين لٿي ڪيئي راتڙيون.

—

هلو هاريون ڪونجڙيون، روڪي ڪونه رهن،
وِنڊي واڪا ڪن، ڪَهندي ڪاريءَ رات ۾.

—

جيسين جرڪي سچ ۾، پنهنجي لوئيءَ لاڪ،
پوئو پڇ نہ پٽ ۾، متان کوهين ساڪ!
اجها نڪتي باڪ، جهونجهڪڙي جهي جيءَ مان!

—

ڪاريون راتيون پوهہ جون، اوندهہ اندوڪار؛
پٽ اسان جي پالين آڏيءَ ويرَ آگار!
هيءَ جاميرَ جي سار، چڪيءَ سانُ چڪيوجي.

—

سرو آهہ سرو، جي تون آڇين جندڙي،
گهڻڪي تنهنجي گهٽ ۾، ڏئي ٽڪ ترو،
۽ تون ڳاتُ ڳرو، ڪٿين آيرين آپ ۾.

—

سڌ آئي جي سرڪ جي، سو ڪوڪول ڪلال،
جنهن جو مڌ عقاب جان، لهو گهري لال،
جهونجهاڙي جنجالُ جيڪو ڪڍي جيءَ مان.

— —

جي تون سائي سچ جو

ٻاهر هينَ زندانَ کان آهہ وڏو زندانُ،
آجو سو انسانُ، جنهن جي پيرين پيڪڙا.

—

اَڄُ اَڄُ، آجو نيءُ، سات نياڻي سچ سان،
ويل اها آ واڌڙا، پوءِ نہ چوندءِ ٻيءُ،
آءُ جڳان جنگ جيءُ، وِهہ کان وَهہ چوتو وچين؟

—

ٻيو سڀڪنهن ۾ مارو، آءُ رڳو واڪو،
لڙهيءَ جو لياڪو، ڪونجي ٿو جو گيت ۾.

—

واڪي منجهه وجود ڪي، ڦيرايو آ موُن؛
موت نڪين ٿو تون، مٺڙا هڏن جو مارو!

— —

هيءَ جا سُرڪَ سَرابَ جان

هيءَ جا سُرڪَ سَرابَ جان، لڳي ٿي ڏوُران،
گهوتَ اِنهيءَ ڪنوُران، چڪيي چسڪا آسُرَ ٿيا!

—

آڃا گهڻڪي گهڻڻ، اڃا وِهڻ وِتيرو ٻئون؛
اڏ يءِ رات ڪلالَ تون، متان ٻوُٽين هٿڙا!
متو رهي مٺڙا، جيسين ٻاڪ ٻجي وڃي!

—

جيسين ٻاڪ ٻجي وڃي، آءِ پيو پيو اوتِ!
تو وٽ جيئڻ جوتِ، اوندهه اڌوڪارَ ۾.

—

اڃا نيري نڀ ۾، ٽڙڪن ٿا تارا؛
هر هر تنهنجي هٿڙا جا جهيڪن ٿا جارا؛
ٻٽ آڃا پيارا، جيسين ٻاڪ ٻجي وڃي!

—

آءٌ مٿان آڳ ۾ مـران، ۽ ٻـو رات ڪٽين!
ـ ڪھڙي موڙهيي مٽ، ٿيي منھنجو گھٽ گھٽيي!
او شـل باڪ ڦٽي! گھوريـو منھنجو جنڊڙو.

—

گھوريو منھنجو جنڊڙو، مان بہ تہ ڪاڻي وڪڻ،
ڏورانھين جي ڏرڪڻ، مون آنديِ ڪجھ اوڏڙو.

—

هي جو مٿو مـاڳ ۾، مٿهيي آيـو مـاءُ!
شال نہ ڏسان ڏينھن جو ڪانئرُ ڪوني پاءُ!
سـچ ڏنو جو ساءُ، شال نہ وسري سڪ ڪان!

—

نـار نـہ پنھنجا ٿڪ، پنڌ پـري آ پـانڌيا!
مٿان سـج لھي وڃي، ٻـيءُ نہ پاڻيءَ لپ!
وڙ هـي پياسا چپ، اڪٿي وڏ آسـات ۾!

—

ڪيٿن نمايش ڪند، چڙهي چوٽ صليب تي؟
وڙهہ اڪين سـان آيـري، جي تو سـاٿو منڊ!
هيءُ نہ تين جـو هنڌ، جين جا لڙڪ لڙي پيا.

—

جـان جيئين تـان وڙهہ، آڻ نـہ ميچ انياءَ جي!
هتين، پيرين، ونيڙين، راڙا ڪندو رڙهہ!
بٽن آنهيءَ جو ميڙهہ، جيڪو مٿو مـاٿ ۾!

—

موت رڳو آ مانڊ، ورَ ورَ واڪا جنڊڙي؛
آهي آديءَ چنپ ۾ رڳـو گوندرَ گـاٿ،
جا پٿر، جا ڪاٺ، منجهہ نہ اهڙيءَ مام ۾.

—

جي تون سائي سچ جو، موتُ مهانگو ناهِ،
سِرَ جو سانگو لاهِ، ويلَ اِها آ واڌڙا!

—

ڏکُ نه کنهن جي ڏاڍ کان، ڏکن ڏاڍي ڏِني؛
اَن مان آس نه ڪڍُ، سوڀ سدائين سچ جي!

—

پنڌ ۾ پنهنجو ماڻهُ آ، ڏُور نه ڏسُ تون ماڻهُ،
جاڻ منجهاران جاڻُ، سپنا سڀُ پاسي ڪري!

—

ڏُورانهون جنهن ڏسُ، سو ويجهو آهي پنڌ ۾،
ماڻهُ ۾ اِنَ ماڻهپ، هِي جو گوندرَ ڳڻ!
وڪڙ اسان جو وسُ، سڄڻ اڳ ئي ساٿَ سان.

—

پٽ جهڙ پويان ڏينهڙا، ڀُول نه سائو پن!
پر تون هار نه منُ، ايندِي ٻاک بسنت جي.

—

هُو جو سچُ سمانُ، ڪاريءَ ڪڪريءَ ڪُڪَ ۾،
جنهن ني وَرَ وَرَ ولهه ۾، پاڙي منهنجو پانُ،
ايندو سو انسانُ، ڌَرَ تي اُڀري اوچتو.

—

ايندو سو انسانُ، ڌَمري ساري ڌاڍ تي؛
آهُ متان اڳ ۾ مران، ناهِ اهو ارمانُ؛
ڏسندو نئُن جهانُ، جڳي منهنجي جيءَ ۾.

—

تنو جو ٻڌو ٻنڌڻين، ٻوٽ آنهيءَ ني ڪن!
هوءَ جي ڳالهيون ڳجهيون جون، سي سڀ ڏاڍي ڏنّ؛
ڇڏي مانيءَ ڪَنّ، پيپ پرياڻون ڪوڙ سان.

—

ڪورينڙن جا چارَ، ڪوڙَ ڪسابن جي آڻيا،
ـ ساٿهو مڪين وانگيان، ڳپرو، ٻڌا، ٻارَا ـ
تارَ نه ملهي تارَ، جي تون ڇنين ڇڪ سان.

—

ووءِ پڙاڏيون پوتيون، ووءِ اِهي پُستڪ!
جين ۾ ڏاهپ ڏِڪ سان، صديون ٻڪيل ٻڪ!
جيءَ اچن تا جَڪ، جيڪر سڀ ساڙي ڇڏيان!

—

هيءَ جا جهوني جنڪ، صدين کان سنڌو رهين،
ڇا ڪو ڪندو جيڏو مرڏي ڏيئي مڪ؟
ڪاريءَ وارا ڪنڪ، ڀلا انهيءَ ڳالهه ۾!

—

ڪوڙَ به ڪيڏا ڪوڙَ، ڪڪرين چونيون آپ ۾!
رکيو رک رتول ۾، ٻاڙي ڪان ٻروڙ!
ونجي شال وڇوڙ، ڪاتا ڏسجن ڪوٽ جا!

—

شال وهامي راتڙي، سڄ پلئه پايان؛
جهومي جهنڪايان، متو ملڪ ملير کي!

—

ڏونگر ڪنجهه نه ڏري پيو آهي پاڻڻو!
اڄهو رات نري، پير نه ساهيو پاڻهنجا!

واڪي وسڻ هلاءِ، وڃڻ ولوڙا آپڻ ۾،
هيءَ جا مڙهي مان جي، تنهن ۾ پيرُ نه پاءِ،
واجهي وڄڻ سماءِ، واجهڻ تنيءُ وجود جا.

—

ڇڪي وارن ڪُٽڻ، ڪيئن توکي ڪُنڻ مان،
موتي ميڙي ڪانه ٿيي، ڪائي ڳوندرَ ڳُٽڻ؟
هٿ هٿ پٽڙ بٽڻ، مان رکو آ موت ۾!

—

ٻڌڻ نه "منهن مونن وجهي غربت سان گذار"،
اهڙا بوهرَ ٻوجهه سان ڀهريءِ ويرَ ٻهار!
اوچهي ڳاتِ پڪارِ، ڏاري غربت ڏينهڙا!

—

ڪيرُ چوي تو بانورا، صبر وڏو سکڻ؟
آءُ چوان تو: ميٺو، هينَ ڌرتيءَ جو دکڻ؛
هي جو ماڻهوءَ مکڻ، ڏونگرَ ڏاري تو سگهي.

—

ڪير چوي تو ڏيهه ۾، ميڙئي منائيي؟
مون آ ڇڪيي ڇيتُ ڪئي، ساري ڪڙائيي،
آهي آجائي، ڳالهه پريان جي پار جي.

—

تون ئي پنهنجو ڏوهه، تون ئي ڏوهي ڏيهه ۾،
تو جو ٻڌو ٻنڌڻين، ووءِ نيسوُرو ٻوهه!
لِڇڪيي وجي لوهه، جي تون اُپرين آ ڳَ جان.

—

مون سان باندي بند ۾

آج نه آڳَهِ تي آ ڪيمبو، وَسيوَن مينهَن ڪٽيوَن،
مون ۾ ڇڪيون اوچتو، ليلا - هارَ مٽيوَن،
لڙء لڙء منجهه لڙيون، ڌرتي! تنهنجا دوهڙا.

—

آج نه آڳهِ تي اوچتو، آيري آيو چنبُ،
سان ماندِي سان مٽنبُ، آئي صدا ساز مان.

—

بَندَ وجهو نا بانديو! مون تي، سان آوازَ!
ٽٽي جُڙندو مون جيان، صدين ڪان پو سازُ؛
چاٽو چاٽن رازُ، تڙقي ٿو جو تَندُ ۾.

—

مون سان باندي بند ۾، سوين ساروٽيون،
تنهنجا ڪَلَ ڪرانڙيءَ، پشم جوَن پوٽيون،
جين سان مون جوٽيون، ڪيئي ڪاٽيون ڪوٽ ۾.

—

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا سُرها وارَ،
ساري رات سگندَ جيي، سيرانديءَ ڪي سارَ،
آجُ به هيئين هارَ، چوٽا چندن واسيئان.

—

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا نيڻَ به هاڻ،
ڪنهن ڪي ڪَلُ نه ڪا، مون چو گهوريو مانت ۾!

—

ڀانئي ڪنئي راتِ جيي، جنهن ۾ تارَن تُنُ،
مون سان ساري سُنُ، باندي آهي بند ۾.

—

○

اڳتي آڃ نه آڃ، سڀڪجهه تنهنجي وَس ۾،
ساڻهوءَ مريادا سَدا، پرکي ڀينو سَچ:
جي تون چاهين، ٻاهر ڪان پُٽ ني موني بَچ؛
جي تو پَنهِهَ پتنگ جو، پچڻ ڪارڻ پَچ؛
ماڻي سارو مَچ، آمَر تيي وچ آڳ ۾.

—

اڳتي آهه نه آهه، سڀڪجهه تنهنجي وَس ۾،
آزل ڪان آزاد تون، آهين منهنجا ڀاءُ!
جو چاهين سو چوُنڊ، پَر رَکيجي چيت چتاءُ:
'ڪونهي سوريءَ ساءُ، ڳچيءَ جي ڳڻ ڳوتَ ۾'.

—

جي تو پَنهِهَ پتنگ جو، آڳ نه آهي آڳَ؛
وَڏا تين جا ڀاڳَ، جيڪي مٿا ماڳَ ۾.

—

پَچڻ آهه بَچڻ، جي تو پَنهِهَ پتنگ جو،
منجهان مَچ نَچڻ، آمَر بڻجي آڳَ ۾.

—

آهن اِنهيءَ آڳَ ۾، ڪيئي ڳجهين ڳجَ،
هي جي منجهان مَچ، آلا تي آيرن پيا.

— —

شال سڀائي ٿي زهو، آجو ڪا، آزاد!
سون جنن ساد رزاد، ڏکڻ ۾ پسو پونيرو!

— —

آڪڻ نہ اهڙا آڪڙيا

هيءَ جي آيا هيلَ، اکڻ نہ اهڙا آڪڙيا،
ڪَنَّ ڪَرَڻ جي ويلَ، ڇا ڇا جرکيا جيءَ ۾!

—

اَڄ جين ڦوڪيي آڪڻ، آڪڻ نہ اهڙا آڪڙيا،
ڏَمَڻ وَڏا ياکڻ، ساري ڪَنَّ ڪَڙهي وَئي.

—

ڪُٽي ڪُٽي ڪَنَّ، رُڪَّ ڪَيائون پڌرو،
ڪير لهارن مَٽَّ، اکڻ نہ اهڙا آڪڙيا.

—

آڪڻ نہ اهڙا مون ڏٺا، ڏَنوٽيءَ مَتان ڏِڪَڻ،
لوهي جهڙا لِڳَڻ اکين آڳ آڳار جيي.

—

آيري آيا آڪڻ جان، منجهان ڪيرِ ڪپاتَّ؛
ڪبڌِي جـاڻ جَراتَ! اکڻ نہ اهڙا آڪڙيا.

—

آڪڻ نہ اهڙو ويس، آڪڻ نہ اهڙا آڪڙيا!
ڏَمَڻ سارو ديس، سڀ ڪي چٽڪون چٽ ۾.

— —

مون سان ٻانڌي ٻند م، منهنجا ڪٿي ڪيتَ،
جِرڪي جين جي جيتَ، هر هر منهنجي هارَ م.

— —

شالَ م ڀَسو ڀونيرو

مون ڪي منهنجي چنگَ، ڪاريهر جئن ڪانيو؛
مون جئن آنيل انگَ، شال م ڀَسو ڀونيرو!

—

آءُ نہ سنيران آدَ، آءُ نہ سنيران آسرو؛
مون جئن ڏونگرَ ڏادَ، شال م ڀسو ڀونيرو!

—

مون جان ڪتنيو ڀيرُ، سيجُ هٿي ويو ٿامٿيي،
مون جئن واريءَ وير، شالَ مَ ڀسو ڀونيرو!

—

ٻيلو گهوري ٻنڪ ڪي، چنگُ ڪوئيي راڪاسُ،
مون تي جو آڪاسُ، شال م ڀسو ڀونيرو!

—

روڪي راتيون ڏينهڙا، پلُ پلُ صدين ٻوُنءِ؛
مون پيرين جا پوُنءِ، شال مَ ڀسو ڀونيرو!

—

شال نہ روئي رتُ، ڪوبہ سياڻي ڏيهہ م؛
مون جئن ٻاڪي پتُ، شال مَ ڀسو ڀونيرو!

—

ڏاڪا ڏوڻي ڇا ڪبا؟ ڏوڻو ماڻهوءَ مَنُ؛
ڏوڻو هُن جي آتما، ڏوڻو هُن جو آنُ؛
ڏوڻو ڏرتيءَ ڏنُ، جنهن مان رتُ چڪي پيو!

— —

○

ڏِڪَ نہ ڏيکارَ، آءٌ اُگهاڙو ئي چڱو!
متان سچُ ميارَ هرڪو پاند پناهہ جو.

—

آءٌ نہ مڱان ڀاڄهہ، ٽوڙي ڏاري ڏوجهرو؛
وڻيئُن وڃهي واڄهہ، ٽوليون ٽنيا ڏاهيان.

—

ڳيو پاڻيءَ ڏڪُ ۾، ڀوڙي جي ڪائين،
پنهنجي اوچي ڳات ڪي، موُر نہ جهُڪائين،
تہ تنهنجي سائين! ذات ڏهوُٺي ٿي وڃي.

—

ڏاها، تُنهنجي ڏيهہ ڪي، سَپرَ ڪان مُنُو ماٺِ؛
توڙي ڪاٺوُن ڪاٺِ، واڪو تُنهنجي وَسُ ۾.

—

هي جي سيٺوُن ساهہ ۾، جهوُمي آيون جهٽِ،
جتَن مُرليءَ جي تانَ ني، گوپيون جنما ٽَٽِ،
تِن کي موُر نہ مٽِ، سڪِن سان سنسار جي!

—

پاڪستاني اخبارون

هـو جو اخبارون، سـاجهر سـانجهيءَ آئيون،-
ڪارنهن ۾ ڪارون، لِکي وَيون لوڪ جون.

—

ڌوهـي ءَ ڌاڙيلَ، پـرنـا آهـن پـاڻ ۾؛
پـر جـي هاچا هيلَ، ڌوهـي ڌوتـا ڪينڪي.

—

وَڻَ ٽَڻَ لهوءَ لالُ، لَهُو چاري چـِڪَ ۾،
ڌرتـي آرتـي رتَ سـان، آرتـو آپَ وشالُ،
ماضي رتَ چـِڪَندڙو، وَڏَ آنهيءَ ڪان حالُ،
ڪَپڙو، بَڏو، نـالُ، ڇـا ڇـا ڌوئو ڌوبيو؟

—

ڇـا ڇـا ڌوئو ڌوبيو؟ ٽَنيُوَن، وَنيون، وَرَ؟
مانهو، مندر، مسجدون، گـرجائون ءَ گهَـرَ؟
هُوَ جـي مٿان ڌَرَ، ڪـاڙها ڪَپَـل ماس جـا؟

—

ڇـا ڇـا ڌوئو ڌوبيو؟ ڪولهي ڪندا گهاٽَ!
مٿان پاڻيءَ پـاٽَ، رَتُ وهي ٿو لوڪَ جو.

—

ڌوئو جـي ڌوئي سگهو، آرتو مـارُن پَتَ!
هـي جـي ميندا مـارُئيءَ، سـارا رتو رتَ!
هَيءَ هَيءَ هَنجوستَ، هَيءَ هَيءَ هَنجون...گهرون!

—

ڌوئو جي ڌوئي سگهو، گهايل آمـڙ کيرُ!
نـديءَ جـيڏو نير، اکين گـهرجـي آب لاءِ.

—

ٻڌ ۾ پنهنجي ڳاءِ ٿي، ڇو نه ڪَيئُہ ڪَهڪاءُ؟
ڪُوڙي تُنهنجي شاعري، هَيا، تـو نہ حَياءُ!
ڪانگو جـو سوداءُ، ڪراچيءَ ۾ تـو ڪرين!

—

هيٺي ڍـل نہ ڇيني پَيو، ميروُن مـاڻهوءَ ماسُ،
آهـي تنهنجي اوجهہ ۾، آفريڪا جـو قياسُ؛
آهين ڇا نہ اُداسُ، ڪنهن ڏوُرانهين ڏيهہ لئہ!

—

ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ لئہ ٻاجهاري ٻوليِ،
ڇـو جو ٿو ڪان دوُر آ، شومبي جـي گوليِ؟ *
لُڙءِ لُڙءِ ٿو لوليِ، پيڙا ڪنهن پرڏيهہ جيِ!

—

ٻـولَ ٻڌايئہ ٻولڙيا، ساهہَ ڪري سـانگو،
ويسُ ڪرين کهڙو ٻــہ ٿون، نچين ٿو نانگو؛
ڪوُڙُ ٻَجهي ڪانگو، دکڙ وسـاري ديس جا.

—

آهٖ لُمَمبا آهــيـان، سوُريءَ مَٿي سَچُ!
پَجهيِ مون ڪان ٻَچُ، تو ڪَي سانگو ساهہ جو!

—

آهٖ لُمَمبا آهــيـان، ۽ پيو منهنجو ڀـاءُ،
آهي جنهن جهي پيڙ جو مـون ۾ اڄ ٻـڙلاءُ؛
کهوُري هُن جو گهاءُ، مون مان رتُ ڇـڪي پَيو.

—

* شومبي - ڪانگو جو رجعت پرست ليڊر، جنهن سامراجي ٽڪر تي لممبا کي مارايو.

آڳ نہ ڪنهن سان ماڻهن، آويءَ ڪهڙو ميٽُ؟
ڪهڙي مٿان ڇيٽُ، ڪڍيئہ ڪيئن اُچاترو؟

—

توجا سوچي سيٽُ، ڏور اُنهيءَ لئہ ڏاڪڙا؛
ڪچي ڪهڙا ڇيٽُ؟ آوي تُنهنجو آڇو.

—

آهي ٻَڪي پيڙَ، اڳتي تُنهنجو آڇو؛
پيلي مٿان پيڙُ، سُڻيون ٻوڙي سيرَ ۾.

—

جو پيلو سو پيچُ، پَل پورهيو وَٿيرتُ وڃي!
واهَڙ مُورُ نہ وڃُ، جيسين ٻَڪو ٻَرڪيئين!

—

پيهرين ٻَڪو پرڪجي، تانگهي ۾ تاري،
مٿان ٻو ماري، پَچَڻي واهَڙَ وڃُ ۾!

— —

لُمَبا جو ديس

(ڪراچيءَ جي هڪ اُردو شاعر جي ڳالهہ)

ٻاءُ مري تو پيڪُ ۾، توڪي ناهہ دَبا،
لُمَبا جي دِيسَ ني، پر تو گيتَ ڇَبا،
ڇو جو ناهہ، هَبا، اِنَ ۾ جو ڪو جيءَ جو!

—

آجُ بہ سائي سچُ کان، ڀڄي ٿيا بيزارُ،
هرڪو ڪنبي ڪوڙ کان، ڄاڻي اَن جو ڄارُ؛
اَڏيءَ تي اِنڪارُ، سَڀَ جو آهي سچَ کان.

—

ٻہ آهي ڀونءِ تي، ماڻهوءَ ايڏو ڀَوُ،
هرڪو چيڙي ٿو چوي، "مون کي سچُ نہ چَوُ!
"متان ٿُنهنجو ٿَوُ، ڇَر ۾ ڇَرڪائي ڇڏي!"

—

آجُ بہ جهروڪا جيءَ جا، هرڪو ٿو ٻوٽي،
متان ڪنهن جهوٽي، جيندُ پيرائي جيوڙا!

—

آجُ بہ ٿو ڪو ڀاڪُ تي، ٻيهي وچ ۾ ٻڪي،
۽ ٻوءِ لڪي لوڪ کان، پنهنجو پاڻُ ٽڪي،
ويٺو ڦٽُ لڪي، ڪُتي وانگر ڪنڌ ۾.

—

آجُ بہ گهٻتاپو، گهر گهر وجهي ڪنبڻي،
پنهنجي ۽ ڇيتيءَ چالَ سان روز هٽي چاپو؛
سڀَ کي سياپو، اکين لُڙڪُ نہ اڃهي!

—

ڀاڄائون ڇوڏار، متان ڀوُنءِ ڀوائتو؛
آجُ بہ ماڻهوءَ جي متان اُڀي آهہ ترار؛
ڪاماڻيءَ جي ڪار، آجُ بہ ساڳي آنڌِ کي!

—

ڇڻتا جي ڇڪبا متان، آرهيون، آواڻيون،
پيڙا پرڇايون، آجُ بہ آڏرُ جنڊڙيون.

—

اڄ هي منهنجو گيتُ جو ٽوڙي ٿو زندانُ،
ڪانگو جو آرمانُ، اُنَ لڳَ ناهي اوپرو.

———

آئني فيرئنڪ

هاءِ، يهوديءَ ڌيءَ، هيءَ تنهنجي آتمڪٿا!
ڪيئي ڏنا ڏيهه ۾، تو ڇوڙا مُون جيءَ؛
روزُ مڪايا سيءَ، ڪانڊها گلَّ گلاب جا!

—

هيءَ تنهنجي آتمڪٿا، هيءَ تنهنجي ٻيڙا،
آڌيءَ مانجهيءَ مُونجهه ۾، تنهنجا اوسيڙا؛
اڄ به اُهي ڪيڙا، چُرن ماڻهوءَ چِتَّ ۾.

—

اڄُ به دَر تي اوچتو، آڌيءَ جو ڌڪ ٺڪ،
وجهي ٿيءَ ٿرٿر ۾، وڌائي ڌڪ ڌڪ،
ڏوُران ٿي ڏڪِ ڏڪِ، اڃا ماڻهوءَ هيٺڙو!

—

اڄُ به هينئان هيسجي، وِئِڙَن وجهن واجهه؛
ٻاهر ناهي ٻاجهه، اندر روحُ رَبوُن ٿئي!

—

اڄُ نه اڪي لوڪ ڪان، لِڪَني ٿو ڪوئي،
راتين جو روئي، ڏري ڪنهن جي ڏاڍَ ڪان.

—

ٿڻ ٽٽيتيمُن جا ٽيا، ڏسو ڪيجهن ڳاهه،
مسرون پٽين ماهه، لهوُ چڪي مامتا!

—

لهوءَ لسويل مامتا، وڏيل وٽيون ڏسُ!
ڏسُ هيءِ ڪنپيل مِيسُ، گولي ٿو ڪنهن هار ڪي!

—

ڏسُ مي ڳيروءَ ڳاتُ، گولي ٿو ڪنهن سڳنڌ ڪي،
ڪنجهي ڪرڪي ڪنهن ڪنيو، منجهان ڪير ڪپاٽ!
لِکٿي سانُ لِلاٽُ، جلبو اندڙيءَ آگ ۾.

—

ٻحن جي برسات ۾، پيگا، ليڪا لوڪَ؛
رڙورڙ پنجي وڏسي، ڪنهن به نه هُڏا ٻوڪَ؛
ڪير ۾ ٻڪل ڪوڪَ، ماريل ماڻهوءَ ٻچڙا.

—

منهن تي لهوءَ سڪيل ڏرَ تي ڦٽ آلاو جا،
لاشَ وڏو آ لاش ڪي مٽري ٻري پڪڪ،
پوِنءَ ڏنو چـا ٻڪڪ، آزاديءَ جـي راهه ۾!

—

ٻر ٻو اُيري آگ مـان، آزادي پڙڪي،
وٺريءَ متان وتُ جهي قهر جبان ڪڙڪي،
ڏرتيءَ ۾ ڏڙڪي، آجهي ٽيڪ جي آرزو.

—

آجهي ٽيڪ جـي آرزو، بندوقـون ۽ ٻم!
وٻريءَ جا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چمڙ؛
اِي آزاديءَ ڪم، ڏونگرَ ڏاري ٽي وجهي!

—

هوءَ جو جرمن ماڻهن مان، نڪتو ناهي ڦرُ،
اُپري تو تاريخ مان، هرهڪ سو هٽلرُ؛
آچا ڏاڍُ ڏمرُ، ڏڏُ ڪسي ٿو ڏيهه جو.

—

اَئني! منهنجي ڀينري، ڏوراهين آهي! *
اَجُ جو منهنجي گهاوَ مان، رتُ ڪيا ريلا،
اُنهن ۾ تنهنجا، سهسين سڏڪا ٿو سڻان.

— —

ويٽنام، آزاديءَ جي راهه تي

ٻمڻَن متان ٻمڻُ، ڪريا اندوڪار ۾،
آڏاٿا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چمڻُ؛
آلا، ڏس آدمڻُ، آزاديءَ لئه ڇا سٺو!

—

زنڊاڻين ۾ زوم سان، گولين تي گوليون،
ڏمري آيون ڏاڍَ جون، ٽولين تي ٽوليون،
هي ٻه ڏسو هوليون، جين پچڪاريون رت جون!

—

ڍيرن متان ڍيرَ، وڍيل ٻارن انگڙا،
ڪنول وانگر هٿڙا، ٻوڇا جهڙا پيرَ،
آلا! هي آنڌير، جيجل تنهنجي جيءَ سان!

—

* انني فرنڪ - ٻارهين ورهين جي يهودي ڇوڪري، جا نازي جرمنيءَ ۾ ماري ويئي، ۽ جنهن جي ڊائري دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.

ڏکڻ-اوڀر ايشيا، تو تي لکين سلام!
تنهنجي سج-اڀار کي، سهڻي ڏنو سام؛
آئي منجهه عوام، آزاديءَ جي آرزو.

— —

ٻوڙهو باغي

هي جو ٻوڙهو جهور، وڙهندي ٿيو ويڙهه ۾،
اڄ ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نه مڃي مور،
سوچي، ڏسي ڏور، ايندڙ آرڻ ڏينهڙا.

—

اڄ آهن مڙس جا، ڏونگر تي ڏيرا،
سدا هُن جا سوچ ۾، پيشانيءَ پيرا،
سانجهيءَ جي ويرا، سج لهي ٿو لڪ ۾.

—

لکين مٿان سج جون، ٻوٻون ٻرڇايون،
سُري آئس سار ۾، ٻانهيُن سان ٻايون،
جن سان سڄايون، ڪيئي جوين راتڙيون.

—

لکين مٿان سج ۾، ڪنهن جيي، ڪنهن جيي مار!
ڪيئي ساڻي سج جا، ڪُلهي ڪوڏيا ڀار،
وڙهندي جن جا ويڙهه ۾، آڇيا ٿيا وار،
آڙي موت، مٿيار! جيڏا روز جدا ڪرين!

—

پٽا ساٿي ڳالهه جا، جيڪي مارن ٻڌي،
مؤر نه مارن سگهيا، جيسين ويري وات ۾.

—

ويريءَ مٿي جهڪي، هو جو آيو اڄ ۾،
اڄا پيتائين رڳو پلر آڏو چڪي،
پنهنجو سات ڍڪي، جنهن ۾ وڃو جنگ ۾.

—

هيءَ گوريلا فوج آ، آزاديءَ جي آڌ،
ڏاري ڏونگر ڏاڍ، وڌي پٽي ونءِ جان.

—

پانت پانت هٿيار، ڪٿان ڪاٿيا ڳهنا،
پوءِ ٻه ڪجيا شينهن جٿن، ويڙهه ڏونگر ڏار،
ويريءَ مٿان وار، پڙنا پيا ڪينڪي.

—

هٿيارن سان هير، آزادي ڏيجهي نه ٿي،
ڪڏهن نڪتا ويڙهه ۾، شڪاگو جا شير،
هاڻي ڏيو نيڻن ڏير، معني ڳوليو موت ۾!

—

معني ڪهڙي موت ۾، آنياڻيءَ جي اوٽ!
ڪٿان ڇاتي شينهن جي، آئين ڇپيل نوٽ؟
— ها، هو ڳاڙها ڳهوٽ، مٿن تا ڪنهن ماڳ ۾.

—

جيسين معني موت ڪي، ناهي آيا،
هٿيارن تي هٿ نا، ليڪن ويڳاڻا،
پاپي پڙاڻا! مرڻ معني نو ڳهڙي!

—

مــوتُ نہ مرڪو نانءُ ٿــو واريءَ تي واري؛
مڙس آھو جو مھل تـي، مري يا ماري،
ڏري يا ڏاري، آيــري ڏونــگر ڏاڍ جا.

—

مان ڪٿن لــوء اچائيان، تو نہ لڄائـِي لــوء،
آبَا! توڪان پوء، آھ ڪَھاڙِي ڪَڇ ۾.

—

آءٌ، ڪھاڙي ڪَڇَّ ۾، ۽ مــونَ ھــي آٿَتُ:
’رتُ ڪي ڏونھِي رتُ، رتُ نہ ڏوہي نيرَ سان.‘

سوچي ٿو بارود سان روز پري جهولي،
شال ڪڏهن بندوق مان گسي نه گولي؛
آنيائي ٿسولي، مرئي آهي مون هتان.

—

جيئن ٿو جهونو ڪيرترُ، هي به اُٿن اِستر،
ٻڪري پيڙهيءَ پهاڙ کي، ڌرتيءَ ۾ اڏرُ،
آهي جتو نه آسرُ، بيٺو جهولي جهڪ ۾!

— —

پيءُ جو بدلو

آبا! تنهنجو رتُ، آيري آيو وات ۾،
ها، مون هاريو پٽ، جان تو ويري جيئرو.

—

هيءَ ڪهاڙيءَ ڌارَ، جتي ڪا ڪنهن سچ جي!
آبا! تنهنجي رت جا، مون تي ڀاري ٻارَ،
تيسين ننڊَ ميارَ، جان تو ويري جيئرو.

—

مون تي ننڊَ ميارَ آ، آبا! مون سوڳند،
جيسين مان ڪيرائيان، تنهنجي ويريءَ ڪند؛
مون نه پتاريو هند، جنهن سان ماٺيءَ پوڄ تي.

—

آبا! تنهنجي ناڻ سان، منهنجو اوچو ڳاٽ،
سورهيا! تنهنجي سچ جو، چوڌاري چمڪاٽ،
ليکهي سان ليلاٽ، چمڪيو چوڏهين چنڊ جان.

—

ڪراچيءَ جا ڪن

چمنيءَ مٿان چنڊُ، سوهي ساٿهوءَ هيٺڙو،
سيمهي پيو سونهن سان، ميل کان ٻاهر منڊُ،
اندر جيئن جنڊُ، پينهن پورهيت هڏڙا.

سڙندڙن ميل ٻاهران، ڪئي جو هڙتالَ،
لٺيون ونيون مينهن جان، ڪريا ڌرتيءَ لالَ،
ڪيا ڪجهه سوال، مون کي گهوري گورڪيءَ. *

مون کي گهوري گورڪيءَ، ڪئي ڪجهه هيئن بات،
"ٻڪڙ ڏني ويا ٻاڪ ڪي، ڪيئي ڏاها ذات،
"ڪي ڪي ڇه ڪيا سج جان، ڪئي ڪاري رات،
"پر جن ڪاڏي مات، ڌر ڪيا جڳ جي جيتَ ۾".

"جر ڪيئن جڳ جي جيتَ ۾، اهڙي ڪائي بات!
"ڏڪ ورهائي ڏيهه سان، تنهنجي ڏکي ذات،
"ٻي مٽ جيتَ ٻه مات، چارڻ تنهنجي چنگ جي."

آءٌ اوهان سان آهيان، ڏکي انسانو!
ٿيسين ڌهي ڍير نه ٿي، ظالم زمانو،
ڪندر ڪيسانو، پيڙهيون پيڙيل پورهيتو!

---

* گورڪي - روس جو انقلابي ڪهاڻي لويس

پڻ جهڻ کن ڏا رات جو، روز ڪراچيءَ کن، –
ڪنڌيءَ ڪيڏي سن، ڪيڏو شور سمونڊ ۾!

ڪُٺتي ڪِلائيو کي، هيءَ نہ هُئي ڪِرَ،
ڇـڏي ويندو ايترا پيڙهين لئہ ڀـونيرَ،
لوُٽي، ڪارِڙَ، ڪَرَ، جي پاڳين تي ڀـوُنڪندا.

اَٿُ اي ڪٽـا نيپيئرَ، پنهنجا پوتيرَ ڏسُ!
گورا توني جسُ، ڪـارا چٽيئہ ڪيترا!

جي هوُ ڪاٺينا ڪَڏي، جي هُنَ ۾ گُر ڪنُ،
ڪُتي چمچي هيترو- اهـڙو ڪـو چڙهيَنُ!-
"آفسرُ هئين چَنُ، ڪُتا اڳينءَ جُوِنِ ۾!"

بابوُ بندر رود تي، سانجهيءَ ويـر هشامَ؛
اينگهي تيي انگريز جـِي، اڇا تائين ڏرامَ!
جهرمر جهرمر شامَ، ماڻهوُ پاڇا موت جا.

جهرمر جهرمر شامَ، ماڻهوُ پاڇا موت جا،
اِنـدُرَ پُري ايلفي، لنبي تـانگيرِ لامَ؛ ٢
ڏِسن روزُ هَشام، شيشا هر شوڪيس جا.

اوُنهيي اوند هہ احد جـِي، آندر مـاڻهوءَ هـانوَ،
باهر ناتا، ناوَ، جـرٙ نہ ڪائي جيءَ جهي.

---

١ ڪلائيو (Clive)؛ نيپئر- چارلس نيپئر
٢ ايلفي- ايلفنسٽن اسٽريٽ

آءٌ اوهان سان آهيان، راڳـي رتوڇاڻ،
آهي اوهان ڪاڻ، مون کي ڪلهي ڪينرو.

آءٌ اوهان سان آهيان، جيسين ٿئي جيت،
هان، هي منهنجا گيت، منهنجو پڳهر پورهيو!

—

اکيون ڳاڙهيون ڇـوڪرجان، سوچي ٿو ڪجهه سيٺ،
ـ ڇا ٿو ڏسي هيٺ، وسڪيءَ وچ گلاس ۾؟

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، سٽو، سائو، ريس ـ
هڙي ٿو هاتار ۾، ٻيرو ٻـاندر ويس،
بيٺو چٽي ڪيس، ’سودا کهرجهي سيٺ جي؟‘

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪـاري نائهي ڏير،
ڪوڙا ڪيس، عـدالتون، واپارين سان وير،
وڏيءَ آڳ، آنڌير، ڏڏيءَ نوٽن ڳوٺريون.

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪائي سنڌر تـار،
آئي هن جي ڪار ۾، ٻيهي وچ بزار ـ
’چئبا سئو به چار، پنجين سودو ناهيو“.

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪيتي ڪالباواز!
آتڙ آکين نيـر سان، لتهو لاڙ،
ماڙي اُپ نراڙ، پنهنجهي هڏن ڏير تي!

—

ڊيزل دونهون بس جو، چنڊ، ڪراچيءَ رات ـ
رڪشا روڪي ويٺيا، سوچي ڳاهڪ گهات ـ
ڪنهي.... شاعر.... بات.... ڪافيءَ ڪوپ، مشاعرو.

ڪالهه عمر خيام چيو، نڪيندي نارن،
”ماڻهو سڀ ڪيڏاوڻا، نوڙي نٿ هٿن“ ـ *
هونءَ نه اِن نه پروسو، شايد نه ڪهي ڪن،
جيسين هيل ڏسن، شاعر منهنجي ملڪ جا!

هوُ غالب جو هم وطن، ونيي ڏيڏ هزار،
ويٺو وچ مشاعري، جهونو نڪ خوار،
ڏس ڪيڏي بيداد ۾، داد گهري ٿو يار!
آءٌ، يتائيءَ بار، ڪاريون راتيون قيد جون!

آءٌ، يتائيءَ بار، ڪاريون راتيون قيد جون،
جن ۾ سپنا سنڌ جا، واڍون ميگهه ملار،
ڪيان ڪوهه شمار، مون ڪي ملهه ملي چڪو!

سپنو ساپيا ني وجي، اهڙو ڪوئي ملل!
پنهان جنهن ۾ جل، ڏات! ڪڏهن تون ڏيهه ۾.

—

* ما لعبت گانيم و فلک لعبت باز (خيام)

جهِرمير جهِرمير شهر ۾، ڪيڏو اندوڪار!
جٿي ڪو زنده لاشُ آ، ڳيرو، ٻُڏو، ٻارُ؛
ٻاهر ننڍا هزارُ، پنگل ٽڪر هينٽرا!

جهرمر جهرمر شهر ۾، پرجهي پيرُ نهار،
اونده آه اپار، جيڏا هر ڪنهن جيءَ ۾!

ماڻهو پاڇا موتَ جا، جهرمر ريسٽورانُ ۾-
آڪٽ نه مون اهڙا ڏٺا، آجايا انسانَ،
نسورا نادانَ، پيڙ لنوائين پيهَ ۾.

پٽڪن تا سڀُ پيڙ ۾، اڪيلا انسانَ،
جڙون ڪي جيءَ جون، نسورا نادانَ؛
تکو آڃ طوفانَ، ڪڪ اڏامن واءُ ۾!

جڙون پنهنجي جيءَ جون، ڪي آيا پانُ،
ٻاهر جهرمر بنگلا، اندر پينگا ٻانُ؛
مڏائيءَ جا مانُ، نوڪر چاڪر موٽرون.

وهائيءَ ٻرپات ۾، جهرمر جهرمر شهرُ،
اجا ڪيڏو زهرُ، اوتي پيو اونَ ۾!

ووء ڪراچي ڪاڻي، تنهنجو مهجُ سياهُ!
ڏندي ٻيڪ ڪجي وَئيزءَ، پيٽ ڪونڌ سماهُ؛
مون ڪي تنهنجو ڳهاءُ، حنائوءَ جڻن جيءَ ۾! *

---

* حنائو- آهو ماهوارو، جو سيتا ڪي ٻچائڻ لاءِ راوڻ مان وڙهندي مئجي پيو هو.

هو سڀ لينن واد جي، ڪفن ۾ ڪيڙا،
هو ڇا ڄاڻن سنڌ جا آدي اوسيڙا؟
- ڀڙهين جي ڀيڙا، ڪوٽ ڪڙا ۽ ماروين!

—

ڳاڙها ڳهرو سنڌ جا! تون ئي منهنجو خواب،
تون ئي آنهه جواب، صدين جي سوال جو.

آءُ ڀنائي ۽ ڀٽ تي، ڳاڙهو جهنڊو کوڙ!
جي ڇاهين ريتو ٽيان، پنهنجو رت ولوڙ!
جاڳون آئي جوڙ، جتي جڙون جيءَ جون!

—

ڏڪتر پرسان ڏڪري، جونا جي آهي-
ڪڏو وينا مورکو! ڇاڻ اوهان ناهي،
لاوا ٽيي ناهي، جوالا پنهنجي جيءَ ۾.

—

گيوويرا- ڪيوبا جو انقلابي رهنما، جو عالمي انقلاب لاءِ وڙهندي 'بوليويا' ۾ ماريو ويو. هن جو ڪتاب (Bolivian Diary) ۽ تقريرون ۽ بيان، ڪراچيءَ جا نام نهاد مهاجر ترقي پسند اڄڪلهه دلچسپيءَ سان پڙهن ٿا.

ٽراٽسڪي- لينن جو انقلابي دوست، مفڪر، مقرر ۽ تاريخ نويس، جنهن کي دائمي انقلاب جي نظرئي (Theory of Permanent Revolution) سبب اسٽالن جلا وطن ڪيو، ۽ جو پوءِ ميڪسيڪو ۾ قتل ڪيو ويو.

ڇڙيا گهر جي چوُنڪ تي، ٻيري ۾ ڇيتو،
ڪڏهن جاڳي ٿو، پيڙا هن جي ٻنڌ ۾؟

پيڇي پنهنجي پيت، واڳُو منگهي ٻير جا،
جئ ڪي آيا هيت، وڏا وات ڦٽي ڪري.

ڏسُ مٻلي ۾ ڦوٽا، آڏري ڦاٽا ٽٽ:
سمجهين ٿو اي سٺ، ڪهڙا منهنجيءَ ڳالهه ڪي؟

سوشلزم اسلام ۾، زم زم ۾ وُڊڪا،
مُلان چڙ اُبڪا، دارُون آهي دين جو:

ڪافي گهر ۾ ڪيترا لبنن-وادي لوڪ،
روز ڪراچيءَ ڪنڊ ۾، اردوءَ ۾ ڪن ٻوڪ؛
- ها، هوءَ سگهڙ ٿوڪ، ڳاڙها ڳهرو سيد جا!

روز پڙهن فينن، گيوويرا ۽ ترانسڪيءَ *
ڳاڙهو پستڪ پيو ويا، ماڻُو تن جي من؛
ٻو ه نه تن جي ڪرن، آهُون داهُون سنڌ جون.

---


* فينن - مشهور انقلابي مفڪر، 'فرانسز فينن'، جنهن ڪي انجيريا
جي آزاديءَ جي جنگ نهايت متاثر ڪيو، ۽ هو جنگ هندي
١٩٦١ع ۾ مري ويو. هن لاءِ سارتري چيو آهي ته ''آفريڪا،
ايشيا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ٽين دنيا، فينن جي آواز جي ذريعي
پنهنجو اظهار پاتي ٿي.''

وایرُن

آهہ جُوالا جوءِ ۾ هي جُونا خانو-
ڪَٽو، ڪبڏو، خوش ٿيو، آنڌا انسانو،
جيسين نادانو، لاوا ڦاٽي ڦاٽَ سان!

آيري ايندا اوچتو، هو ڏرتيءَ جا لالَ،
اَءٌ ڏسان ٿو پونءِ ٿي، ايندا جيءِ پونچالَ؛
ماڻهو، مڏيون، مالَ، ڊاهي ھٹندا ڍيرَ ۾.

آءٌ ڏسان ٿو پونءِ ٿي، اَجُ به سو انسانُ،
آيري ايندو باک سان، جيڪو سڄُ سمانُ،
ناهي تيرُ به ڪمانُ، ڪِهلا اِنهيءَ ڳالھہ ۾.



(١)

تتر تيز آڌار -
جوين ۾ تي ڏينهڙا.

اڄ، رڱي وٺ هٿڙا، نائي مينديءَ ڏار -
جوين ۾ تي ڏينهڙا.

متان قول چٽي وڃن، ڏئي منڌ ميار -
جوين ۾ تي ڏينهڙا.

منڌ! نيڻن کين تا، ڪنهن سان ڪارا وار -
جوين ۾ تي ڏينهڙا.

(٢)

تو لئه تاساريو کھٹو، موهن منهنجو ماس،
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!

مينديءَ رنگيم هٿڙا، وارن ڳنڍيم واس،
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!

اکيون سرها ڏيئڙا مٽ ماٽو آڪاس!
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!

ڳلن ڳلن سان لائيانءِ، سواس ملائي سواس،
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!

تو ڇو پاتا ڪپڙؤنان، لاهي لوڪ لباس!
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!
ووءِ، مر وڃ مون کي ڇڏي!

(٤)

مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟
ارهڙ پنڌ اڳي ڪان آءُ ڪيو، آءُ وڃان جيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

ڪيڏي لنبي وات وڃي ٿي، منهنجي سُپني ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

آءُ، وڃين جي ويل، نگاهون لهندي پاڇي ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

منهنجي وِڪ اَڳيئي وِترڪي، تون به ڇڪين تيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

(٥)

جت به ڪٿي ڪيڙي، سو ڏونگر جو ڏاڪو،
متان هيٺئون هارئين!

جيسين روح رهون ٿئي، تهي ڏر م ڏماڪو،
متان هيٺئون هارئين!

چمڪي تو هو چوائين، تي لُڙ لُڙ لياڪو،
متان هيٺئون هارئين!

شال نه ڏسان ڏينهڙو، جو وس چڙهي واڪو!
متان هيٺئون هارئين!

ڪارو ڪيترِنڊي، هو ساوَنڊي جهي،
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

سيڙهہ نہ آيا سيرَ مان، سَرتيوُن سڄ چڙ۾ي!
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

نَنگَرَ نازبوُن سَپُ وَڏا، وَڻجارا واسي،
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

جن جي هوُندَ هيراسُ آ، چِتيُن چولين ڪهي،
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

جين جوُن ڳالهيوُن ڳائيوُن، پينَرُا بندرَ تهي،
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

مائڪَ اوتيو مائڪيوُن، تن ڪي ساربندي!
ساڳي نہ سوٽي آئيا!
ساڳي نہ سوٽي آئيا!

(٨)

سائي منهنجا سڄڻ جا، ٻنهي تي ڪيم نهار!
اڪيتي وڏا، وسار،
منهنجو لوڙهه لڪن ۾!

ورُ جو مارڳ ۾ مري، هيٺن نه هنجون هار!
اڪيتي وڏا، وسار،
منهنجو لوڙهه لڪن ۾!

نون ئي منهنجو آجهو، اُڀري ڏونگرُ ڏار!
اڪيتي وڏا، وسار،
منهنجو لوڙهه لڪن ۾!

آءُ به تون ۾ اُپڙان، تو ۾ ٻهچان ٻار،
اڪيتي وڏا، وسار،
منهنجو لوڙهه لڪن ۾!

(٩)

ڏونگر ڏولاوا گهڻا، ڀو به اِهائي وات،
متان موٽو سائيو!

ور ور ڀيرا پنڌ ۾، لُڙيا منجهه لڙاتَ،
متان موٽو سائيو!

ڪٺن ۾ ڪاريون چونيون، گهگهڻ، هوا گهوُ گهاتَ،
متان موٽو سائيو!

اُڀري ايندو اوچتو، جتي ڪي پوندي جاتَ،
آهه اِهائي وات،
متان موٽو سائيو!

(٦)

اونداهيءَ آڌ راتِ،
ڏونگرَ مٿان ڏيئڙا.

چڙهندي رهه توُن چوٽين، ڏکُ نہ منهنجيءَ ذاتِ!
وڙ سا جنهن کي پنڌ ۾، پوي ٿي پرڀاتِ!
پر جي مارڳ ۾ مرين، پو بہ نہ ڏُهنجيءَ ماتِ!
جيسين آهي جندڙي، لُنءِ لُنءِ پُري لاتِ!

(٧)

ميندِيءَ رتڙا پيرڪڙا، پيرُنءِ ڪاڻون پيرَ،
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.

ڪيسين پکڙ ڪَڙيانُ پيرين! واهيري جيءَ ويرَ؟
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.

آسَ نہ ڪوئي آسرو، ساهون واريءَ ڍيرَ!
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.

تون ئي مارڳُ منڌَ جو، ڪوهيارلَ مان ڪيرَ!
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.

(١٢)

پـَل پـَل ٻـيـرڙ ڏيـَن،
ڪـَرّا منهنجي ڪـَنڌ جا!
ڏوران مـَـنِ ڏکي ويا، ڪانڌي ڪونه ٿيـَن.
کهوريو منهنجو جنڊڙو، ســانگي شال جيـَن!
ٻـَسيي ٻـُسـيءَ ڳـَـليڙا، ٻـيروُن پـانـدِ نيـَن!
شالَ تـَرائيي تـارِ ٿـيي، جنهن مان ٻيءَ پـيـَن!

(١٣)

چِيـَـبي سگهيا ڪينڪي نيـَرَ هـيي نـاتو،
آيـَم، آيـَم سـُپـريـن!
راتِ، چِتائو چـَنـڊَ جو، چـودر ڇـُپـاتو،
آيـَم، آيـَم سـُپـريـن!
چـوتـو چندن واسيو، لـُنءَ لـُنءَ سـجاتو،
آيـَم، آيـَم سـُپـريـن!
گهوڙها پيي مون ڳـُجهڙي، تنهن کي ڳـَرِ لاتو،
آيـَم، آيـَم سـُپـريـن!

(١٠)

هٿين، پيرين، مُنڍين، ڪاهيم تنهنجي ڪڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

ڏينهون پوءِ پري ويٺين، ڏوران ڏيٺي ڏيڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

ورچيي مونان ماڳ ڪان، ايءَ نه منهنجي آدِ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

ڇوڏاري تو تون ڇڪين، ڪهڙا منهنجا ودِ!
سُپنا منهنجي ساهه جا!
سُپنا منهنجي ساهه جا!

(١١)

ڏانءُ نه منهنجي ذاتِ،
مُلهه ڇڪايو مون ميان!

مون جو قيدُ قبوليا، آئيي آڏيءَ راتِ،
مُلهه ڇڪايو مون ميان!

آڄ به سوگهو سنگهرين، وهائيءَ پرياتِ،
مُلهه ڇڪايو مون ميان!

ميرُ ڪي نوريم ساهميءَ، وائي ورتم واتِ،
مُلهه ڇڪايو مون ميان!

اوجلُ نيڪتيي آڪٽ سان، لهَس نه آئي لاتِ،
مُلهه ڇڪايو مون ميان!

(١٦)

گوندرَ! منهنجي گيت مان آهڙي آگ آيار-
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان.

ڪارا نيڙَ ڪنڌَ جا چوري چنگ پڳهار!
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان.

ڏسُ هيي مارو مان ۾، ويٺا ڏينگهڙن ڏار!
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان.

جوت اُجهاڻل جيئڙا ڪنهن ٻارڻ سان ٻار!
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان.

ڪوتَ نسوري ڪُوڙَ جا ڪيري، رڪّ ٻهار!
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان-
چڙڪي ڏيهه چڙاتَ سان.

(١٧)

ڪوهه، ڪچاڙو راڳيا! ڪندَ ٻنان ڪيفرُ؟
مٺان موتين مڱڻا!

هرڪو جهڄهي جهانء ۾، ڪو ڪو سورڻ ورُ-
مٺان موتين مڱڻا!

نوڙي ڏاهپَ ڏرتُ آ، ڏيهه نسورو ڏرُ-
مٺان موتين مڱڻا!

تنهنجي تانَ تنبيريا! ماڻ پٽي ڪو ڏرُ!
مٺان موتين مڱڻا!

(۱۴)

هيءَ جو ڳوٺ ڳگائيا، ولهہ ڪري ٿي وسّ ـ
مــڃّ وساڻو ســڃّ جــو ·

ٻاري سان ٻرچي ويا، سوڙها ڳوندر ڳسّ ـ
مـڃّ وساڻو ســڃّ جـو ·

ڪاري رات، ڪلال جي ڪوٺي ڪانهي چسّ ـ
مــڃّ وساڻو ســڃّ جــو ·

ڪالهہ ٻريل ها باھ سان تارون ڪارڻ تسّ ـ
مــڃّ وساڻو ســڃّ جـو ·

چارڻ ٻارڻ ٻار ڪو، ڏي ڪا لون لهسّ ـ
مــڃّ وساڻو ســڃّ جــو ـ
مــڃّ وساڻو ســڃّ جــو ·

(۱۵)

ڳهنگهور ڳهتائون چابڻن، تي وٽ منجهان واجهايان ـ
چو سڄّ ڇپي ويو آهين ؟

آ تڏ، ٿهتي ٻنهنجي، مان لوني منجهہ لڪايان ـ
چو سڄّ ڇپي ويو آهين ؟

جا واهہ وساڻي ٿر ٿر، سا ڪيئن ڌوٻ ڄلايان !
چو سڄّ ڇپي ويو آهين ؟

هي ولهہ وساڻن وڙها، مان ڪنهن جو ڍر ڍڪايان !
چو سڄّ ڇپي ويو آهين ؟

اڄ آءٌ ڳهتاڻن ڇپرڻ، مان ڪيئن ڳالهون ڳايان !
چو سڄّ ڇپي ويو آهين ؟

(٢٠)

کهڙي ماڻ ميان!
کهوريو منهنجو چنڊڙو!
رتُ پيو ريلا ڪري، ساؤڻ مينهن جيان!
دانهون دانهون، ديس جي ڪنهن کي دانهن ڏيان!
روڪي راڪي ڏيهه جا، ڪنهن کي ساڻ نيان؟
سوريءَ متان سڄ سان، مان ئي ساٿ ٿيان!

(٢١)

هي جو هيل لهو،
پرتِ نه ڏوٿي پاڏيئن!
گوندر وير گيراهه مان آئي رت جي بوء،
هي جو هيل لهو!
مرون پيا مات ۾، هنئه هنئه هي ماڻهو!
هي جو هيل لهو!
ڏاڏا واڏا ڏيهه جا، ڏيهه ڪرڙن قابو،
هي جو هيل لهو!

(١٨)

جيئن جيئن مٿڙ اوڏڙو، تيئن تيئن آيرو واءُ ـ
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

وَر وَر وانجهيي وانڍڙا، وَر وَر ڪُنَ پڙاءُ ـ
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

ڇُلندو رَهندس ڇوليئين، جيسين مَران ماءُ!
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

ڪاري ڪارونڀارَ ۾، سُپنا سڄّ وڙاءُ ـ
ڏُتڙ ڪاتيم ڏينهڙا.

(١٩)

راتو راتِ رتولَ ۾، تنهنجي سئينَ وَڳيي ـ
وو وو، چارَڻ وو ميان!

ڪاوا ڪيرِ ۾ تا ٻرن، ڪا جا آڳ لڳوي ـ
وو وو، چارَڻ وو ميان!

چارڻَ تنهنجي چنگ ني، آنبي پيڙ ڀڳيي ـ
وو وو، چارَڻ وو ميان!

متو هٿ ڏياچ جي، سورٺ هٿ سڳيي ـ
وو وو، چارَڻ وو مبان!

تنهنجي نندُ تنبريا! ڪنهن جي تار تڳيي؟
وو وو، چارَڻ وو ميان!

(٢٤)

آج هو 'آءٌ' 'آسان'،
ميتجي ويئي منّ مان.
هلندو هوس آڪبلڙو گوندر ويرَ ڪسان!
سڳر پنهنجي سات سان ڪڌجيي شال رسان!
وايون ڳائي وات تي سانوڻ ساءِ وسان!
سرنديءَ، مارو ويندڙا مارڪ منجهه پتسان!

(٢٥)

پال پلايئہ پائيڙا، مرڪي تنهنجيي ماءُ!
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!
ڪارو ڳل ڳلاب جو، توتي ڳوليءَ ڳهاءُ-
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!
ڏارن رتيءَ رات ۾، تنهنجو رتّ تلاءُ!
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!
آنياڻيءَ جي آنت سان، ٿيندو هيج هڳاءُ-
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!
صدين لاءِ سڳند سان، ايندو تنهنجو ساءُ-
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!
ديسُ ملهايئہ موت سان، منهنجا باغي ياءُ!
موتُ نہ تنهنجيي ماتِ ڙي!

(٢٢)

وَر وَر ھوءَ واڊوڙَ،
ھنڌ ڙا ڪن ٿا وو ميان!
ماٺھوءَ ماٺھوءَ تني ميان، ڪِٿَ به ڪباني نوڙَ!
جيڏي جبلَ جاڙَ آ، تيڏي ڪَر جاڪوڙَ!
آءٌ نه آن ۾ جاليان، پنھنجي جا جوڙي جوڙَ.

(٢٣)

آڏيءَ رات اَنبوھ ۾ جي مون ٻولَ ٻُڌَن-
آءٌ آمرتا پائيان.
ڪبشي ڪلا ڪوندرين، گڏجي گيتَ چئن-
آءٌ آمرتا پائيان.
پاڻَ ٻڌان مان پاڻَ کي لھسي منجھ لسئن-
آءٌ آمرتا پائيان.
راڪِن نيسورو روڪِن، جھي ھيڪل ھورَ ٿيئن-
آءٌ آمرتا پائيان.
آڌرُ منھنجو آجھو، سڀڙو ساروُنڙَن-
آءٌ آمرتا پائيان.

وَهندِي رهندِي، وَهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ-
سونَ وَرنُ سندوَ.

وِيروَن ايندِيون، وِيروَن ويندِيون،
آنُڙَ ۾ بہ آسَهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ.

تيمَن تيمَن آندرَ اونهيِ ٿيندِي،
جيمَن جيئَن پاهر لهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ.

مُورُ نہ پنهنجو ماڪُ مٽيندِي،
ماڪَر اورِ آبهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ.

ڇوهُہ ڇيپَن تان ڇُلندو رهندو،
کهندِي، کهندِي، کهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ.

سندَ سُڪارِي ساپيا ٿيندِي،
سُپنا سُپنا وَهندِي رهندِي، سونَ وَرنُ سندوَ.

(٢٦)

زادي، اِنسانُ،

ڳالهه ڙَنوٺي هڪڙي.

جي تو غرض غلامَ جان، هُه هُه تون حيوانُ!

وَڏا وڏ ڏو ٺوم سان، جي تو منهن تي مانُ!

آزاديءَ بن آدمي ڪَنڪَر ڪيڏو سَمانُ.

جَنهن کي وَڏيءَ وديڪَ جا، ماڻهو آهه مَهانُ.

چاري، سَمجهيئه چوندبو چا لئه مون زندانُ؟

(٣٧)

سَپَ ڪان سَنائو،

سانگيءَ آسان جو سانگيو!

پنهنجي ڪيتي پورڙوُ، پينگ نيو پاٺو!

هاڻي ڏونگرُ ڏوريو، پندَ نه پڇاڻو!

پَر جي وينئهُ ويسرا، ساهُ ڪري ساٿو،

پيڙهيوُن پيڙيندوَ پيو گوندَر جو گهاٺو!

هيي جو منهنجو مڃُ آ، آجُ جهي اَجهاٺو،

صديوُن رهندوَ سيءَ ۾ گهرُ گهرُ گهرائو،

ويسل اِها آ وائيڙوَ، ڌاريو نه ڌاڻو!

گیت، غزل، نظم

نيڙي پوندا ناريين، جڏهن ڪاڙها ڪيل۔
تڏهن ملنداسين.

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون، هر هر ڪري هل۔
تڏهن ملنداسين.

ڪلن ڪوڙها نيمندا، جڏهن موتين، ٿل۔
تڏهن ملنداسين.

وڇوڙي جا ڏينهڙا، پورائيءَ جي پل۔
تڏهن ملنداسين۔
تڏهن ملنداسين.

گيت

اُنَ آڏاڻا، رنگَ رتي آڪاسَ ۾ –

ڏُورِ آڏاڻيي، ڏٺَ مونکي تنا،
پنهنجيءَ جڙَ ۾ وٺَ مونکي تا،

ڪبوتَ سَماٽا، رنگَ رتي آڪاسَ ۾ –

هوُ ڇاريوُن ۽ ڇَڄُ اُنهن جا،
شامَ رڱي ٿيي رڄُ اُنهن جا،

دُور مهاڻا، رنگَ رتي آڪاس ۾ –

مان به تہ موتان جرَ ترَ پٽڪيي،
پيارَ پنيو مون درَ در پٽڪيي،

منهنجا پاڻا، رنگَ رتي آڪاس ۾ –

هَمَّرَچو

لوڪ گيت

ڪَرَجهي ڪَرَجهي ڪاجَڙلو، لا....
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

ذَرَمِي بَرَسي سِينهَڙلو، لا....
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

هيلَ گهَتا گهنگهورُ آلا لا!
ساوَڻُ زوران زورُ آلا لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

هيلَ گهَتا گهنگهورُ آلا لا!
ساوَڻُ زوران زورُ آلا لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

رم جهم رم جهم رات آلا لا!
گهَنَن گهَنَن پريات آلا لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

آيي م آڙنگيو ڙي لا!
واءُ وِڄَن سان وَنگيو ڙي لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

تَلَ تَرايُن تار، ٿيو لا!
نويَڙ لا ٿيمتار، ٿيو لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

گيت

چوڙ ٻڳهه ٻاتيءَ،
هل ته هلون سير ۾!

ووءِ اڄهي اوتيڙا،
رت ٻنڌا روئيڙا!
چوڙ ٻڳهه ٻاتيءَ،
هل ته هلون سير ۾!

ٻانهون ويڙهي ٻانديون، ٻڌا ٻاڪارن،
اوتڙ آيا ڪيترا، نيوڙي نهارن،
گهاٽ متان گهارن، سڀ ڪي پنهنجي ساهه جي!

جيسين سج اُڀري آچي، آڻ تارون تاريون،
ڪاهيون ڪارونڀار تي، اوليون اولاريون،
نيرڻ ناتاريون، چوڙي نڪرو ناڪئا!

تار نه آ تانيءَ،
هل ته هلون سير ۾!

ڪڻ ڪارن پيا،
ونجهه نهارن پيا،
چوڙ ٻڳهه ٻاتيءَ،
هل ته هلون سير ۾!

گيت

پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
آڪَ سِنان !
آڪَ سِنان !
سونَ سَمانُ —

جَرڪن ڍاڪَ •

پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
وِڪٽ وَڏاءِ !
وِڪٽ وَڏاءِ !
آڪَ سواءِ —

مُور نه ماڪَ.

پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
هيءَ جا ڇَرَ !
هيءَ جا ڇَرَ !
ٿُنهنجا پَرَ —

ٿُنهنجا راڪَ.

پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !
پَٽِڪ پَٽِڪ آڪَ !

ٻَرسارِيءَ ۾ مورُ آلا لا !
ڪارونجهَرَ جيءِ ڪورُ آلا لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي !

ٺَڙِ ٺَڙِ ٻولي نانڙيو ڙي لا !
لوُنءِ ٻريءَ ڏي لاڙيو ڙي لا!
هَمَّرچي جو ويلو ڙي !

پَرجيءِ آئي آ ٻيڙا لا !
ڏوُرِ اسان جا ڏيسڙا لا!
هَمَّرچي جو ويلو ڙي !

ڏونئي ڏيکي ڏينهَن ٿيا لا!
هيلَ ملڪ جا ميهَن پيا لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي!

هَمَّرَچي جو ويلو ڙي لا!
ماروُئَڙَن سان ميلو ڙي لا!
هَمَّرَچي جو ويلو ڙي !

نوٽ :- همرچو ٿري ٻورهيتن جو لوڪ گيت آهي، جو هوُ کيڙيءَ ميڙيءَ وقت ڳائيندا آهن. لوڪ گيت ۾ هڪ يا وڌيڪ ڄڻا هڪ مصرع ڏيندا آهن، جنهن ۾ ٻنيان لا، ڙي لا، آلا، آلالا لفظ هوندا آهن ۽ ورائيءَ ۾ آنهن جو آڳواڻ ”همرچي جو ويلو ڙي لا“، يا ”آلا همرچو هو ڙي لا“، يا ”همرچو هو ڙي لا“ ڳائيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪيئي مصراعون ڏيون وينديون آهن، جن پٺيان ورائي ساڳي هوندي آهي. هڪ گيت جو سر دل ۾ تير وانگر ڪپي ويندو آهي. ”همرچو“ جي معنيٰ آهي ’همراهه اچو‘، جو هڪ قسم جو ساٿين کي واهر لاءِ سڏ آهي. هوُن هن گيت ۾ ٿري فضا برقرار رکڻ لاءِ ٿري لفظ ڪم آندا آهن ۽ آلهن جو اُچار نه ساڳيو رکيو آهي، جيئن ٿر ۾ ڪيو ويندو آهي.

نظم

سَچُ وڏو ڏوهاري آهي-

روز، آوَل کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳوٺي ڳوٺي ماريو ويو آ،
ڪڏهين زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهين ڦاهيءَ چاڙهيو ويو آ،
دلِ ڪَڙهائيءَ ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
چونيءَ تان اُڇلايو ويو آ:
ها، پر پوءِ بہ اُنهيءَ جي ساکي
رهندي آئي ريت آيا کهي!
جَنهن جي مَن ۾ ڪاتُ هڻي تو،
تَنهن جو سارو چيسَنُ ڪٽي تو!
اڄ تو وٽ مهمانُ ٿيو آ-
پر تو هيي بہ ڪڏهن سوچيو آ!
ڪنهن سان تُنهنجي ياري آهي؟

غزل

جي تو آچا نہ ڇانو، آ ڪير؟ ديس واسي،
تنهنجو جنم آجايو، تنهنجي مٽي آڏاسي!

آيو وڏو سڪندر، سيوهڻ آچا آئي اُ،
هو ڪيڏنر ڪڙو آ، ويندا رهيا وناسي.

لالڻ! نوان لڪن ۾ نڪتا نيانڻ آهن،
ايندا جيتي لڪن ۾، پاندڙيڙا پياسي.

هي شام جو مياڻي، هي سون رنگ پاڻي،
نرڙ تي ٻه چار ڏيئا، نرڙ تي ٻه چار لاسي!

منهنجي اکيڙ ڇا هي؟ هي چيٽ چيٽن ۾-
مندر، اداس ڏيئو، آڌ رات، ديوداسي.

جي وڪ ڪي وڏائين، آج ماڳ ڏور ناهي،
ڏونگر ڏري پيو آ، ساهس تہ ڏارد ساسي!

نظم

[جيل جي گيٽ تي جيلرَ ۽ قيديءَ جي وچ ۾ گفتگو]

جيلرُ- سڀُ جمع ڪرائي وڃُو آ،
ڪجھ بہ نہ ڇپائي وڃُو آ!

قيدي- ڇا لاءِ ڏرُهين ٿو هيڏَن تڙي؟
مون آ ڪُ ٿي لاٿي آهہ گهڙي،
هان صاحب! وقتُ بيهاري ڇڏ،
هان آن جيي چاپيي ڪاري ڇڏ!

جيلرُ- سڀُ جمع ڪرائي وڃُو آ،
ڪجھ بہ نہ ڇپائي وڃُو آ!

قيدي- مان ڄاڻان ٿو قانونُ اِهو!
انگريز بهادرَ جو ڏڏڪو
اَڄ تائين تو ۾ آ صاحب!
اي ساڪيءَ وَرديءَ جا صاحب!
هوَ گورو هو، تون ڪارو آن،
پر آهڙو ئي هتيارو آن!
مان آ ڪِهُ بہ اندر آيو هان،
(مان آزاديءَ ۾ ڄايو هان،
۽ آزاديءَ ۾ مرڻو هان-)
مان تو وٽ وَر وَر وَرڻو هان؛
زنجيرَ غلاميءَ جا جيسين
هينَ ديس متان آهن، تيسين

نظم

آڄُ ٻه وري هُو ڦاسي ڪُٽا،
مون کي قابُو ڪن ٿا.

ڳُوڙو ڳَٽُ وجهي ڳائي ۾،
هُو ڪَنهن اوُنهي سَناٽي ۾،
منهنجا گيتَ وجهن ٿا.

اوچي وَڻُ جهڙن مان آيران ٿو،
آيري تين تي هيٺ ڏسان ٿو،
هُو ڪهي ڏوهَه لڪن ٿا!

مُون وٽ جيڪو امرت رسُ آ،
تَنهن تي وهُه جو ڪَهڙو وسُ آ!
ڪوُندرُ ڪَوُنجُ ڦٿن ٿا.

پوءِ ٻه هَرُ هَرَ ڦاسي ڪٽا،
مون کي قابُو ڪن ٿا.

نظم

ٻيڙا مان ٻڙلاءُ آڇي ٿو-
ڇرڪم ڌڪم ڌڪم!

ٻُڌڪين ڇو ٿو اي مت موڙها؟
دڪ درياھ، ڪروڙين ڳوڙها-
جنهن ۾ روز ٻُڏا ٻاڪارن؛
ھو جي ھر ھر ٿا ھاڪارن،
ھو جي تڙ ھوڙاڪ ٻُڌن ٿا،
مرڪي لاچوبند ڏسن ٿا-
جين لڏ لھرون ليٺا ليٺا،
ڏورانھين ۾ ٻارن ڏيٺا-
تين ڪي تاڙي ڪنَّ ڏسن ٿا،
روز ٻُڏيءَ ۾ ٻُڏُ جھڙ ڪن ٿا-
ءِ پو ھيءَ سماءُ آڇي ٿو-
ڇرڪم ڌڪم ڌڪم!

تون چاھين ٿو پار وڃان مان،
پاڻي تارڻون تار وڃان مان؛
ڇو تہ پراھون پارُ بہ آھي،
ءِ آھڙو سنسارُ بہ آھي،
جيت ڪا جوت پٽي جھمڪي ٿي،
مرڪ ستارا ٽيڪي ٿي-
آنءَ ٽيٽيءَ ڪي ڇو ٿو چاھين؟
روز ٻُڏي پيڙي ٿو ناھين،
روز اُٿيءَ جا ٽڙيءَ ٽڪين ٿو!
چا تون مون ڪي ڪونہ سٽين ٿو؟
ٿو ڪي روز چتاءُ آڇي ٿو-
ڇرڪم ڌڪم ڌڪم!

ڇرڪم ڌڪم ڌڪم- سيڪجھ دڪ آھي. (مھاتما ٻڌ جو چتاءُ)

مان تنهنجي در تي ڏرٿو هان،
۽ توکان مور نه ڏرٿو هان -
مان توکي خوب سڃاڻان ٿو،
قانون به تنهنجو ڄاڻان ٿو؛
مون سڀڪجهه جمع ڪرايو آ،
۽ توکان ڪجهه نه ڇپايو آ -
ها، مون وٽ ڏڪڙي شيءِ آهي،
۽ مون سا جمع ڪئي ناهي؛
انگريز ڏنا ها اِن شيءِ کان،
۽ تنهنجو آقا اِن شيءِ کان
ايڏو ته ڏڪي ٿو، اي صاحب!
هر وقت ٻڪي ٿو، اي صاحب!
ڇو پنهنجيءَ ماليخوليا ۾ -
تون اِن کي جمع ڪندين ڇا ۾!
جا منهنجي سيني ۾ دل آ؟
ماحول ڪمي جا بسمل آ،
۽ جنهن ۾ منهنجيءَ ڌرتيءَ جي،
۽ انسانيءَ آزاديءَ جي،
ڪا تڙپ سدائين رهئي آ،
- ها، مرندي تائين رهئي آ!

نظم

ڇا تون مون کي ڪونہ سڃاڻين؟

مُرليءَ سان ڪيئي مَنَ موهي،
رڻَ ۾ پهتو هان ٻَنَ موهي؛
تُنهنجو رَتُ هلايان ٻيڙو،
۽ تو کي آتساهيان ٻيڙو؛
جيسين ساٿون سينگ سَجَن ٿا،
ڪِرُ ڪَرُ منهنجا ڪانَ وَڄَن ٿا-
لوڙهه لتاڙي منهنجا گهوڙا،
ڪن ٿا وهرين منجهه ورلوڙا-
ڏسُ ڪيڏو گهمسان مَچو آ!
سارو ڪيڏرُ رَتَ رتو آ!
۽ مان بيٺو سات نباهيان-
هُونءَ تہ مان سَنّاتو آهيان،
اُونهي مات مَها- ساگر جيي،
جنهن ۾ ڪيئي موتي سيرجي
گيت ٿينَ ٿا، گيانَ ٿينَ ٿا،
ڇايا- پَٽَ ڪان دوُر نيڻَن ٿا-
ڇا تو مون کي آڳُ نہ ڏنو آ؟
اڳُ منهنجو مارڳُ نہ ڏنو آ؟
تو مان آءٌ نَئين سير ناهيان،
آءٌ ڪَرَمَ جو ڪادو آهيان-
ڇا تون مون کي ڪونہ سڃاڻين؟

نظم

ماں نہ آھیان سُورداس،
پو بہ ڪنھن چنتامڻيءَ
لاءِ مُنھنجو مَنُ اُداس-

نانگَ کي نوڙي ڪڏھن
مون نہ آھي سمجھيو؛
ھا، مگر آئيي جڏھن

سارَ ھُن جي پيارَ جيي،
آ ونيي سُڏَ ھِڏَ ھِلِيي،
مون سڄي سنسارَ جيي-

ماں سڄاڻان ٿو ڀَيو،
وَر وڪڙ ھِنَ نانگ جا؛
ھي بہ ڄاڻان ٿو ڀَيو،

ڪو بہ ڪاريھرَ ڪکيو
وِھُ سڄي ورلي بچي؛
پو بہ آھيان ماں ھِکيو

ھِن نسوري نانگ ساں،
۽ پِيو ڪوٺي چڙھان
ڪنھن سڻائي سانگ ساں...

نوٽ:- ھنديءَ ٻوليءَ جي ڪويءَ سُورداس لاءِ چيو ويو آھي ته ھن جي چنتامڻيءَ ساں پريت ھوندي ھئي ۽ ھُو ھر رات ھن جي گھر ويندو ھو. ھڪ رات ڏاڍو مينھن وسي رھيو ھو: چنتامڻي ڪِڙو اندران بند ڪري ڪوٺي تي ستي پئي ھئي ھن ڪيئي سڏ ڪيا، پر ڪائي ورائي نه آئي. اوچتو ھن لوڙھي ڏٺي، جا ڪوٺي تان لڙڪي رھي ھئي ھو بي اختيار اُن تي چڙھي، ڪوٺي تي پھتو. ۽ پوءِ ھن کي معلوم ٿيو ته ھو نانگ کي نوڙي سمجھي، پيار جي اندھ ۾ مٿي پھتو ھو.

نظم

آج زندان جي تنهائيءَ ۾،
مان کولي ٽيڙڪا ٽڙن جا؛
سي ڏولهه بيٺو دور ڏسان،
جن ڏنگ ڀڳا ديوارن جا.

هِنَ آتّ اُجايل ڌرتيءَ جا،
جن چپّ چُميا درياهن جان؛
ٿي جوت لهوءَ جا لال لڳهه،
جن وسّ ڪئي ويساهن جان.

پو زنجيرن جي ڪِڙ ڪِڙ ٿي،
مان پنهنجا پير نچايان ٿو؛
۽ بيوس بندي خاني ۾،
ڪو گيت نئون مان ڳايان ٿو.

’اي چنڊ ستارو! ساڪي ٿيو،
’اڄ رات لهوءَ جي ڇوليءَ ۾،
’ڪنجهه آهن منهنجون رتّ ڀريون،
’جي گيت لڳن ٿرڙن ٻڙيءَ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساڪي ٿيو،
’جي آءُ اُجهامان اوجهڙ ۾!
’مون گيت ڇپا پر شاعر جئين،
’مون عمر نه گهاري ٻڙ ٻڙ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساڪي ٿيو،
’مون جو ڀي گيت ڇپيو آهي،
’تنهن آزاديءَ جي رستي تي،
’هڪ لنبو ڪيو آهي.‘

(١٩٥٣)

نظم

هيءَ ڌرتي ساڳي ڪٿي آ،
ها، هيءَ آباڳي ڪٿي آ!
هي اُن جي ڪڪ، مان پاپي آ؛
هي ڪَرَڻُ اڳي جان پاپي آ!
مان جو توکي گيانُ ڏيان ٿو،
ءَ ٿُنهنجو رٿوانُ ٿيان ٿو؛
توکي ور ور ٿو ويڙهايان،
توسان پوڻون پيرو آهيان-
پورو ٿيڻو آهه بکيڙو،
جَنَم جَنَم جو ٿُنهنجو جهيڙو؛
اَتُ! اَتُ! تير چا تيرَ اُماٿيون،
پوبون موتُ ڪَرَڻَ جو آٿيون!
ڪوبہ نہ ڪر تون اونو آرجن!
آهٍ مران ماريان ٿو آرجن!
ڌَنشُ ڌڪاريو تو چو آرجن؟
توکي چا ٿيو؟ چا ٿيو آرجن؟

نظم

اي ڏرتي! تنهنجا ڏاڍَ- ڏٺي،
هيئن ڪيئن ڪاٺارا رهندا،
۽ پنڊارن مان بُکَ ڪٺي،
هو ڪيئن ڏکڙا سهندا؟

آنڌيرَ نگريَ جي در در تي،
انياءَ ترازو تورِي تو؛
تِي آزاديءَ جي وَتَ ملي،
جي گهرُ ترُ ڪونٿي گهوري تو!

هيءَ مُرڪ-مهانگيءَ دنيا ۾،
مان ڪنهن جا ڪنهن جا ٽڪا ڳهان!
هن ڏاڍَ ڏُمر جي ويلا ۾،
مان ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي ڏڏ ڏيان!

آڄ بات نٿي ٿِي گوليءَ سان،
مون عُمر وڃائي ٻوليءَ ۾!
مان ڪهڙي منهن سان گيتُ وجهان
اي ديسَ! ڏکن جي جهوليءَ ۾؟

اڄ گيتَ آڄايا پاسن تا،
آڄ مان ٻملان ڏو ميڙي ۾؛
ڇا پيارا نعرا گونجن ٿا!
جهونجهارَ وڏن تا جهيڙي ۾!

ڏاڍ- آن. رگ ويد ۾ آن لاءِ ”ڏانيه“ لفظ ڪم آندل آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ڏاڍ ٿيو آهي. اس ٻيلي جي رزمي نوڪ شاعري جي هڪ مت آهي:
”جي نه هٿي نوُردين، ته ڏرتي ڏاڍ ٿي نه ڪري.“

نظم

ڪلهہ چانہ ڪجاوا چيہڪيا ها!
۽ ڏينهن ننڍي ٻ واريءَ تي،
چا جهاپا جهوڙا جهيڪيا ها!

هوُ چم چم گهنگهرو گوڏن تي!
چا جهانءِ هئي جهونجهارن ۾!
ڪلهہ تڙڪا تڙڪا نوڏن تي!

هر و ڪٿ نکيري نيڪٿ ڏٺي،
ڪنڌانهن نظر مان نيرڪيي ويا؟
ڪنڌانهن ويا هوُ ڏ ڪٿ ڏٺي؟

اڄ وانءسن ٿي واجهائن ٿا،
۽ سڄڻ سياڻا واريءَ جا،
پن ڪرهن لاءِ ڪنائين ٿا!

ڪجهہ ماڻيڪي مان ڪوس پريان!
پيا اوني ايندا اڄ ڪئي،
ڪئن چئجي، ڪهڙي وقت، پريان!

نظم

جنهن وقت به ڪنهن جو طوق ڏٺو،
سون اُنَ سمجهيو
ڄڻ منهنجي ڳردن هلڪي ٿي.

اي دنيا ڀر جا محڪومو!
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪوبه ڇُٽو،
سون اُنَ سمجهيو
ڄڻ منهنجي ڳردن هلڪي ٿي.

ڪنهن هنڌ به منهنجي قاتل جا،
جي هٿ لُڏيا،
پَل سون ڪي ڏي ڪيڏو به گهٽو،
سون اُنَ سمجهيو
ڄڻ منهنجي ڳردن هلڪي ٿي.



نظم

سچُ آهي ناراضي آهي،
جنهن ۾ هر ڪو اِئين سمجهي ٿو
هُنَ جو ئي پڙُ ڀاري آهي—

نيائي ۽ آنيائي هيٺي
پنهنجي ليکي سچُ چون ٿا؛
شايد آهن سچُ گهڻيئي!

ڪئن نه هجي، پر مان ڄاڻان ٿو
هي هڪُ سچُ ازل کان آهي،
۽ مان تنهن کي اپنايان ٿو:

هر ڪو پنهنجيءَ مانيءَ ڪارڻ،
پنهنجيءَ پياريءَ ڌرتيءَ ڪارڻ،
۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ڪارڻ،

جُڳن جُڳن کان وڙهندو آيو آ،
(۽ هيءَ وِڙهه سچائيءَ آهي،
جنهن جندڙيءَ کي جرڪايو آ).

۽ هيءَ وِڙهه سدائين هلندي،
جيسين سچُ اُڀرندو رهندو،
ها، ها تيسين تائين هلندي...

جيسين مائُون ٻارَ ڄڻينديون،
جنهنَ ڪارڻ جنگيون ٿينديون،
جيئڻَ ڪارڻ جنگيون ٿينديون.

لغت

آواڪيو- واقف ڪان سواءِ، بيگانو.
آهاءُ- تجلو.
اڇُتي- جنهن کي ڪنهن به نه ڇهيو هجي، اڇوتي.
آرڙ- جنگ.
آري- ڪپڙ جو نکو اوزار.
آڙنگ- برسات کان اڳ ۾ هوا جي ڦٽڪ.
آهيرو- آکيرو.
واڌر- پناهه، اوٽ.
بوٽو- اٺ.
ٻڪرال- اها وڄ، جا اُتر اوڀر جي مينهن ۾ ڪنوندي آهي.
ٻوڪايان- ٻور پيدا ڪيان.
ٻوهڙ- هڪ ٻوٽو.
ٻرٽ- هڪ ٿري گاهه جو ٻج.
ڀونچال- زلزلو.
ٽتر ڪرڙي- ننڍن ننڍن ڪڪرن جا ميڙ.
ٽرنگ- گهوڙو.
ٽل- برابر، همشڪل، ثاني.
ٽس- پاڻيءَ جا تانگهه.
ٽهڪ- ...ڪا.
ٽيرس- ماڳهه جي اونداهي، تيرس تي شوراتڙي ٿيندي آهي
۽ سنڌ جي پاڻيءَ ۾ پلو مرندو آهي.

مُرنگ- مٺو رنگ.
قوتهه- مُرت ٻوٽي جا داڻا.
فانگ- ناري.
قٽ- قتل مان اسم.
ڪربزُ- ڪرڙُ.
ڪهُو- هڪ جابلو وڻ.
ڪامَ- ناري.
ڪنچلُ- هاٿي.
ڪيڪانَ- گهوڙا.
ڪميت- ڪارو نانسي گهوڙو.
ڪوڏي- ...
ڪنو- ترار
ڪنن- ترارين ۾.
ڪاٺونبو- هڪ ترين قل.
ڪاٿ- ڇاڇري تعلقي جو آنر وارو ڀاڱو.
ڪينءِ- خوشي.
ڪاٺر- ڏوهاٽي.
گنگر- هڪ وڻ.
گدلاڙو- هڪ ول ۽ آن جو ڦر.
ڳاڙهه- ڳاڙهاڻ.
لهر- ڪڪر.
مڪٽي- ذت.
مهان- عالم.
مانڌاڻون- ذت.
مهُو- هڪ وڻ.
مولهو- پڪ.
مُل- مُله.
ميندا- وار.

ٻَرَٽ- ڏوھياڻي.
پِپُون- ھڪ گاھ.
ٻُرڪنا- لِڦون.
پولڪا- نري زالن جو چولي لاءِ چست لباس.
پوڙيءَ رنگ- ڳاڙھاڻ مائل رنگ.
ڄُوپ- ڏِرگ.
جھَپُ- ننڊ جو جھونو.
جھالا- جھاڪا.
جھونجھارُ- بھادر.
چيھ- وچُ.
چُنڪي- ٻاڪ ڪري، آپري.
چانگون- ٻڪرين جا ڌڻ.
ڏَرَ- ڏرتي.
ڏھر- پٽن جي وچ ۾ ميدان.
ڏنجھ- ڏک، سور.
ڏِٽ- چمڪ دمڪ.
ڏاڍ ڪرڻ- زور سان روئڻ.
رَتو- رت ۾ ڳاڙھو.
راماٺا- ويڙھ، جھيڙا.
راوت- بھادر.
روجھڙيون- نيل ڳايون.
سَرلو- بادل.
سمانُ- وانگر.
سَنجھ- سانجھي.
سُوُنچو- خوف.
سير واھيون- سير تي وھندڙ، تراريون.
سانيڪو- سف پٽرھ اونھو کوھ.
شُپَڪ- چڱيءَ طرح پڪل.

ڀلنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٨٢	٥	انحد	آنهد
٨٤	٢	ماڙهو	ماڙهوءَ
٨٧	١٠	هڏانهن	هيڏانهن
٨٨	١ ۽ ٣	ڪينهز	ڪينهر
١٠١	٨	اٽيءَ	پاڙيءَ
١٠١	١٦	چوين	جوين
١٠٢	١٣	ننڊ	ننڊ ۾
١٠٤	٢	منجهان	منجهان
١٠٤	١٦	لهريون	سونهون
١١٤	١٠	آياريا، آڪاڙ،	آياريا آڪاڙ،
١١٤	١٨	تڻن	تن
١١٥	١٨	آڏيءَ آڏيءَ	آڏيءَ
١١٦	١٣	جنمن	جنمن
١٢٣	٢	ساگر	ساگر
١٣٥	٣	ڏرُ	درُ
١٤٧	٥	آجُ	آجُ
١٥١	١٣	ساهه ۾، ننڊ	ساهه ننڊ ۾
١٥٦	١٩	نرءِ اٿنءِ ۾ لهڪو	ڏرتيءَ جيئن دمڪو
١٦٨	٩	ڳنڍي	ڳنڍي
١٦٩	١٠	جيئن	جيئين
١٦٩	١٧	تيئن	تيئين

نت نموريون- نٿ ۾ لڙڪندڙ موتي.
نيپ- آسمان.
نيڙ- زنجير.
نُونڊِ- سِيرُ کان سواءِ ڏَڙُ.
وَڄَ- مرونءَ جا تکا ڏند.
وَرَت- کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چمڙي جي رسي.
وَنڪ- رنگ.
ويڙهي- پاڻيءَ جو تلاءُ.
ويڙهي جهپ- ٿر ۾ ڏيهلي کان ڪجهه مفاصلي تي وستي.

نيو فيلڊس طرفان جنوري ۽ فيبروري 1987ع
۾ شايع ٿيندڙ نوان ڪتاب

۱. ”سڌن هٿي سڌڙا“

مصنف: علي احمد بروهي

۲. ”گانڌي“

مصنف: لوئي فشر مترجم: نجم عباسي

۳. ٽٽل ڪنيزائيون

مصنف: خليل جبران

سراج جو نئون ناول

مرڻ! مون سين آءُ!

۴. (ڀڙاڏو سوئي سڌ ڀاڳو ڀيو)

— لٽي جي رات ڪهاڙيءَ جي ڏک جيان ڏري پٽي هئي، هوا به ڪنهن اهنج، ڪنهن ايذاءَ کان ڦوڪون ڏيڻ لڳي هئي، سوسات ايئن ٿي ٿيو، ڄڻ ته وڻن جي بدران ماڻهن جي دلين مان شوڪارا ڦٽي ٿي نڪتا. سهمٽيءَ جي ٻانگ جي آواز انهن شوڪارن کي وڌيڪ درديلو بڻائي ڇڏيو: ڄڻ ٻانگي جڏهن ”حي علي الصلواة، حي علي الصلواة“ تي ورجايو، تڏهن سنڌس دل مان دانهن ٿي نڪتي؛ ۽ جڏهن هن پنهنجي پرسوز آواز ۾ ”حي علي الفلاح، حي علي الفلاح“ جو سڏ ڏنو، تڏهن به هن جي دل جي درد اها شاهدي ٿي ڏني ته اڄ نماز لاءِ ڪوبه نه ايندو، ڀلائيءَ لاءِ ڪوبه نه ايندو! ظلم جي چوديواريءَ اندر ويچارا ماڻهو الله جي سڏ تي لبيڪ چوڻ کان به سراسيمه هئا: متان مغل لشڪري مسجد مان نڪرندي ڪين ڇتن ڪتن وانگر ورائي وڃن..........!

مرڻ! مون سين آءُ! ناول مان ڪنيل ٽڪرو
(ڀڙاڏو سوئي سڌ ڀاڳو ڀيو)

١٧٨	٩	مانڊي ٻاجهي ..	مار ٻاجهي...
٢١٧	٥	جلهي	جلي
٢٤٩	١٢	موت	موتْ
٢٤٨	١٧	ڪلي	ڪلهي
٢٥١	١٦	چنڀي	چنهي
٢٥٩	١٤	۾	۾
٢٦٣	١١	ڪنت؟	ڪنت:
٢٦٧	٣	ليلا هارَ	ليلا هارَ
٢٦٩	٥	ڪنڙو	ڪنڙهو
٢٧٥	٤	ٻه آهي	آجُ ٻه آهي...
٢٧٨	١٥	رکو ٿئي پوڙا	متئن پاپوڙا
٢٨٠	١٣	هاٿي	هاٿي
	١٥	چپيل	چنپيل
٣٢٣	١٤	چا ۾!	چا ۾.
٣٣٠	١٥	جهن	جنهن

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

١. بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	-/٢٠
٢. جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٣. اڏ ملاقات	طارق اشرف	-/١٢
٤. جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٥. جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	-/١٢
٦. زندگيءَ جو تنها مسافر	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٧. ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	(ختم ٿيل)
٨. بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	امر جليل، آغا سليم، نسيم کرل، پليجو ۽ ٻيا	-/١٢
٩. اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	-/٢٥
١٠. رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١. ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون	(ڀاڱو ١)	(ختم ٿيل)
١٢. ڏڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣. وايون وڻجارن جون	الطاف شيخ	-/١٢
١٤. ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون	(ڀاڱو ٢)	(ختم ٿيل)
١٥. بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٢
١٦. شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	-/١٠
١٧. يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٨. ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	وليرام ولڀ	(ختم ٿيل)
١٩. عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون		(ختم ٿيل)
٢٠. دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٢١. دل جو بندر (ناول)	ائورل آئيوس/ نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
٢٢. رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	-/١٢
٢٣. درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	-/٢٠
٢٤. ڪنهن سان سور سليمان	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
٢٥. فڪر جي آزادي	اسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
٢٦. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/١٦

٠٤٨ سپون	خليل جبران/فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
٠٤٩ سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	٢٥/-
٠٥٠ آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	١٦/-
٠٥١ چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	١٦/-
٠٥٢ سِي سدا بهار چنبيلي (ناول)	الطاف شيخ	٢٠/-
٠٥٣ پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	٣٠/-
٠٥٤ نيگرو عشق ۽ بغاوت	مصنف: ڪرسٽوفر نڪول مترجم: نصير اعجاز	١٦/-
٠٥٥ شرم ٻوٽي (ناول)	گوبند مالهي	١٢/-
٠٥٦ اکيون ايئن هياس (جلد ١)	فضل احمد بچاڻي	٢٠/-
٠٥٧ پره کان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	١٦/-
٠٥٨ بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٠٥٩ رڃ ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	١٦/-
٠٦٠ مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	١٢/-
٠٦١ آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	٢٠/-
٠٦٢ شاهه لطيف جي شاعري	تنوير عباسي	١٥/-
٠٦٣ آئيڙي کھوٽ تہ نشا تيوڻي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	٢٥/-
٠٦٤ موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	١٦/-
٠٦٥ ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنڱوراڻي	١٢/-
٠٦٦ ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	٢٢/-
٠٦٧ دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	٢٠/-
٠٦٨ پيغامبر	خليل جبران/ممتاز	١٢/-
٠٦٩ همہ اوست (ناول)	آغا سليم	٢٠/-
٠٧٠ اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	١٢/-
٠٧١ آئيني جي اکيان	١٧ ساهتڪار	١٢/-
٠٧٢ چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	٣٠/-
٠٧٣ لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	٢٠/-
٠٧٤ اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	١٥/-

٢٧. غلامن جو بيڙو (ناول) — مصنف: ايرڪ ڪارڊر — ٢٠/-
مترجم: دوست محمد پٺي

٢٨. سي ڏي جوين ڏينهن (سفرنامو) — الطاف شيخ — ١٥/-

٢٩. عاشي (ناول) — مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ — (ختم ٿيل)
مترجم: فضل احمد بچاڻي

٣٠. سي ڀيڙيون رکين ياد مين — الطاف شيخ — ٢٠/-

٣١. سڌارت (ناول) — هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي — (ختم ٿيل)

٣٢. جپان رس — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٣٣. روح جي ڳولا (ناول) — مترجم: فضل احمد بچاڻي — ١٢/-

٣٤. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون — طارق اشرف — (ختم ٿيل)

٣٥. سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) — الطاف شيخ — ١٥/-

٣٦. سورج هوندي مرجهايل — نجم عباسي — (ختم ٿيل)

٣٧. آسيه (ناول) — مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ — ٢٠/-
مترجم: فضل احمد بچاڻي

٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) — مصنف: قرة العين حيدر — ١٢/-
مترجم: مدد علي سنڌي

٣٩. الطاف شيخ جون ونڊڪ تاڻ — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٤٠. سزا جا سک — مصنف: آسڪر وائلڊ — ١٢/-
مترجم: فضل احمد بچاڻي

٤١. بهترين سفرناما — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) — نجم عباسي — (ختم ٿيل)

٤٣. تڪل مرنت (ڪهاڻيون) — مصنف: البرتو موراويا — ١٢/-
مرتب: وليرام ولڀ

٤٤. لنڊن تائين لفٽ — الطاف شيخ — ١٢/-

٤٥. تصوير هڪ حسن جون (ناول) — مصنف: آسڪر وائلڊ — ٢٥/-
(پڪچر آف ڊورين گري) مترجم: فضل احمد بچاڻي

٤٦. حليم شو — حليم بروهي — ١٥/-

٤٧. ٻارن جون آکاڻيون — الطاف شيخ — (ختم ٿيل)

۷۵. ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	-/۲۲
۷۶. اکي ايئن هماس (جلد ۲)	فضل احمد بچاڻي	-/۲۵
۷۷. رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	-/۲۲
۷۸. واٽ ويندي	علي احمد بروهي	-/۳۰
۷۹. مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۵
۸۰. ڪهاڻيءَ جو قافلو	نجم عباسي	-/۱۵
۸۱. ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	-/۳۵
۸۲. سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۵
۸۳. چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	-/۱۶
۸۴. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	-/۱۲
۸۵. ست يوگوسلاويائي آکاڻيون	مترجم: جڳت آڏواڻي	-/۱۰
۸۶. ست ڪشميري آکاڻيون	مصنف: اختر محيعدين مترجم: ايشور چندر	-/۱۲
۸۷. ٻن چپن ۾ چنڊ	آغا سليم	-/۱۰
۸۸. ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۷
۸۹. ڪپر ٿو ڪن ڪري	شيخ اياز	-/۴۵